
ڪتوريءَ
ڪيپَ
ڪيترءِ
(شاعري)
مزمل سائر

# ڪٿوريءَ ڪيپَ ڪيترمِ

(شاعري)

مزمل سائر

Sindhica
سنڌيڪا

ڊجيٽل ايڊيشن :
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڏُڪي تي موهَ ۾ هرڻي
ڏُڪي تنءَ مِرگهه پيو تَر ۾
ڪتوريءَ ڪيپَ ڪيتر ۾
(سائر)

# ارپنا

جنهن مِيرا جو پوش اوڍي
من جي برندابن ۾
جيءَ جي ڪرشنا کي چيو:

شايد آڪاسَ جي نراڙ تي وڪرنڊڙ ڏنڪ جا رنگ
منهنجي من ۾ لياڪا پائي پروڙي سگهن
تہ حقيقي رنگ ديوتا اِندر جي ڪمان ۾ نہ
منهنجي آتم ۾ سمايل آهن
جڏهن کان تو منهنجي زندگيءَ ۾ پير پاتو آهي.

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (254) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. شاعريءَ جو هي ڪتاب **”ڪتوريءَ ڪيپَ ڪيتر ۾“** خوبصورت شاعر **مزمل سائر** جي تخليقن جو مجموعو آهي.

هي ڪتاب 2014ع ۾ **سنڌيڪا اڪيڊمي** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سنڌيڪا اڪيڊمي جي سرواڻ نور احمد ميمڻ ۽ فضل الرحمان ميمڻ جا جن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# فهرست

| | | |
|---|---|---|
| ٻہ اکر | مزمل سائر | 10 |
| شانت مان سُرڪ | ارجن حاسد | 16 |
| ڪي گيت امر ڇڏي ويندس | امداد حسيني | 21 |
| اڄ جنين جي سيڻ (مهاڳ) | مزمل سائر | 26 |

مومل (بيت) 47

مومل (وائيون) 71

هوري واڳون وار، گونرو تنهنجو جهانورو 71
ڪاڪَ ٻڃي ٿي، يار، ڪوڻ ڪجي آڪاسَ تي 72
تو بن، جيئڙا، مومل ڇا جا ڇانگرا 73
ڇو نہ وريو راڻو، ڪاڪ ڇڏي ويو ماٺ ۾ 76
ڪاڪ رُئي ٿي رَتِ، مورَ مري ويا، مينڌرا 77
انگهن اَڙيو انگ، ساري سانول سنگ، وو 79
جيءَ جلي بنواسَ، انگ اُجهي ٿو ڪاڪ ۾ 80
گذري منهنجو مَنُ، اَڄ ٻہ تہ اُنَ ئِي ڪاڪ تان 81
اَڄ ٻہ تہ ڪن راڙا، جادُو مَنتَر ڪاڪ جا 82
ڪنءَ تہ وساريندين؟ تنهنجو مون سان پيچ آ! 83
دير نہ ڪر، مِل مينڌِرا، هاڻ مان ڪو نہ ٻچان! 84

گيت، غزل، وائي، نظم، آزاد نظم ۽ نثري نظم

لمحن جي تاندورن سان مون احساسن جو پرت پريو آ 89
رنگ وکري تہ ويا ڏينهن جي ويسَ تان 90
او جيئڙا، او جيئڙا 91
موکي، تنهنجي محفل ۾ 94
ڪوٽ ۾ تاريخ جي ڏنجهن ڏريل، او مارُئي 96

| | |
|---|---|
| پورنماسيءَ ڪلڪا ديويءَ مندر پاسي | 99 |
| بزم ۾ انءَ پير کو آيو پري | 102 |
| ڏِيا جلائي، شراب پِي پِي، رباب ڇيڙي ته ڪا نه ٿيندي | 104 |
| ڏيئا به ٻرن، سُرندا به وڄن، جي دل نه لڳي، پو ڇا ٿيندو | 106 |
| جو به تنهنجي نهار ۾ آهي | 108 |
| هڪ نظم ڏنو مون ميلي ۾ــــ | 110 |
| لڳن تو سان لڳي اهڙي، لڳن ڪنهن سان لڳي ناهي | 111 |
| ڪٿي ڪاليداس ۽ ڪٿي پريتما | 113 |
| هوءَ، جڻ ڏاڙهونءَ وڻ ۾ ڦريون ڦريون گُلّ ڦٽيو آ | 116 |
| ڏُور لُڙهي ويو ونجهه، او مانجهي | 118 |
| ڪو راڳ اڳن وارو، اڄ ڇيڙ ته اي راڳي | 119 |
| ڪتوريءَ ڪيپَ ڪيتر ۾ | 121 |
| موهن جي مٽيءَ تي ڇم ڇم ڇيرن ڪي ڇمڪاڻ واري | 122 |
| دنبورو سياري رُت ۾ دَرَ چانڊڪَ آڏو سانتيڪو آ | 124 |
| تنهنجو، منهنجو رنگ الڳ آ | 125 |
| جيڪي تو ۾ آهه | 126 |
| تو ڇيو، ڇا ته تو ڇيو آهي | 128 |
| پروهتو، پروهتو | 132 |
| منهنجو من نادان | 134 |
| جِيوَن هڪڙو فِلَرٽ آهي | 136 |
| ڇا جي آ آلاڻ | 139 |
| پرين، تون نه موٽئين، نه آيون نه آيون | 141 |
| ها، پرين، ٻاهه کو نه ٺرٽي آ | 143 |
| ڪئين درد، دارون ضروري اڃا | 145 |
| پٽائي، سڄي ڏيهه تنهنجي لڳن | 146 |
| ڪڙڪُٻيتا، ڪڙڪُٻيتا | 150 |
| ٽا ياد اڄن پيارَ پراٽا ڪڏهن ڪڏهن | 151 |
| تنهنجي من جي چانڊڪَ تي مان ٻينَ وڃايان وينو | 153 |
| اي ماٽڪ، تنهنجي ميلي ۾ | 155 |

| | |
|---|---|
| پنھنجيءَ منزل جي رستي تي پاڙ ئي تون ديوار | 157 |
| جِيوَن پڇري سگرٽ وانگي | 159 |
| نظم ھڪڙو ڍَڳّ جي بازار ۾ گم ٿِي وَيو | 161 |
| ھُن جا نيڻ تہ سنڌو آھن | 163 |
| سنڌوري آ شام | 166 |
| انءَ واءَ وڙھي ويا، ساٿيئڙا | 168 |
| او بانوِرا، رِيسائِتا | 170 |
| ھيءَ چا تہ اپِي آ ڌرتيءَ تي | 176 |
| رُت ساونڻ جي آوري | 178 |
| نِھَني نِھَني نيٽن واري | 179 |
| راٽا، تو بن رات نہ گذري | 183 |
| يادن آندي آ برسات | 185 |
| پورٽريٽ تي چِٽيم | 187 |
| پرين، نيڻ منھنجا صدين کان اجارا | 194 |
| سرد ڏيئڙا، سرد ڳوڙھا، سرد راتيون، چا ڪجي | 196 |
| آس، نراسائيءَ جي سوريءَ دل تڙپي يا ڳائي | 198 |
| مومل راٽي ڪارڻ مندر جاڳي تو | 200 |
| جيءَ جيارا، آءُ تڙ | 202 |
| تون انبر جو اجرو تارو | 203 |
| اجا تاءِ منزل نہ آئي، نہ آئي | 204 |
| ٻيڙيون، ٻيڙا ڪيتِي بندر نارُن مان | 206 |
| جوپن پل ڪن تائين | 209 |
| وري واءَ ساڳيا نماٽا، نماٽا | 211 |
| ھي پڙاڏا، ٻُڌ، پروھِت، گھنڊ ڪوئي آ گُڙيو | 213 |
| ورھ دل جو ديپ تنھنجي پيار ۾ ٻرندو رھيو | 214 |
| آتم اُڄّ مدام | 215 |

# ٻه اکر

مون شيمَس هيني Seamus Heaney کي لنڊن جي ڪنهن گڏجاڻيءَ ۾ ڏٺو، ان سان ٻه چار ڳالهيون به ڪيون، پر اوچتين گڏجاڻين ۾ ٿيندڙ ٻه چار ڳالهيون به ڪڏهن ڪڏهن پکين جي پَرَن جي ڦڙڦڙ جا پڙلاءَ ٿي پونديون آهن، ڪڏهن جهيڻيون ته ڪڏهن ٻل واريون! اهي پڙلاءَ دماغ جي تندن ۾ ڪنهن مڌر سُر جيان گونجندا رهندا آهن. هائو، گونج اُٿي ٿي؛ اڄ به اُٿي ٿي. شيمَس هيني سان اها ته اتفاقي ملاقات هئي، پر هاڻوڪي دور جي انگريزي جي هن وڏي شاعر سان ٻي ملاقات منهنجي ڪتاب Silence of the Piano Sings تي ٿيڻي هئي. هن کي ٻه اکر لکڻا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ٻه اکر لکڻ به اوکو ڪم ٿي پوندو آهي. هي عظيم ماڻهو سيموئيل ڪالرج جي ايلبٽراس Albatross وانگي هوائن جي اڏامن ۾ ئي رهيو؛ هو اڏامن ۾ ئي هئو ۽ آءٌ سَري يونيورسٽي مان ايم ايس سي مينيجمنٽ ڪري چڪو هوس؛ هو اڏامن ۾ ئي هئو ته آءٌ پورو هڪ سال گذاري انگلينڊ کان واپس پاڪستان ٻه اچي پهتو هوس. هو اڏامن ۾ ئي هئو ته منهنجو ڪتاب آمريڪا جو پبلشر سنڊن انگلينڊ جي آفيس مان ڇپرائي پڌرو ڪري چڪو هئو. نيٺ هن پنهنجين اڏامن ۾ ڪالرج جي ايلبٽراس مان متجي فارسيءَ جي عنقا جي شڪل اختيار ڪئي. اهو سال هئو 2013، جڏهن هيءَ خبر ميڊيا تي باهه جيان پکڙجي وئي ته 1995 ۾ ادب جو نوبل انعام ماڻيندڙ آئرلينڊ جو انگريزيءَ جو شاعر شيمَس هيني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪجھ خبرون من کي وڪوڙي ويهنديون آهن؛ پوءِ خيال ايئن اچي گهيرو ڪندا آهن، جو اندر جي انسان جي حالت، منهنجي پياري دوست شاعر آغا سجاد زائر جي هڪ سِٽ "ٻالڪ جيئن بارات ۾ گُم" وانگي ٿي پوندي آهي! پوءِ انهن جي وزن کي هلڪو ڪرڻ لئہ ارسطوءَ وارو نه ته ڪو به ڪيٿارسز Catharsis ضروري ٿي پوندو آهي. مون کي محسوس ٿيو ته شايد ٻه اکر شيمَس هيني کي مون تي نه، بلڪ مون کي هن تي لکڻا هئا. ان ڏينهن مون پنهنجي ويبسائٽ

www.msyre.com تي شيمَس هيني تي به اکر لکيا هئا. شايد شيمَس هيني منهنجا لکيل به اکر پيءَ دنيا ۾ پڙهيا هجن ۽ غالب جي مصرع “میری آہِ آتشیں سے بالِ عنقا جل گیا” حقيقت اختيار ڪئي هجي! ان ساڳئي ليک ۾ مون اينا مينڊلزن Anna Mendelssohn تي به ڪجھ لکيو هئو. اينا مينڊلزن انگلينڊ جي هڪ Political Activist، ليکڪ ۽ ترقي پسند شاعره هئي، جيڪا Grace Lake جي نالي سان لکندي هئي. Left Wing سياسي نقطئہ نظر رکڻ ڪري ۽ ڪجھ خاص سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ سبب ڪيس جيل به ڪاٽڻي پئي. جيل مان آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ هُنَ Mendelssohn جي نالي سان شاعري ڇپرائي. هوءَ به هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪي آهي؛ پر سندس لاڏاڻي کان تقريبن ڏيڍ به سال پهرين منهنجي ساڻس ملاقات ٿي هئي ڪيمبرج يونيورسٽي جي پارڪ ۾، جتي مون هن کي پنهنجي ڪتاب Silence of the Piano Sings جو مينيو اسڪرپٽ ڏنو هئو؛ هن مون کي به اکر لکي ڏنا هئا، جيڪي اُن ڪتاب جي بئڪ ڪَوَر تي ڇپيل آهن.

وقت وڏو ڪيڏاري آهي. ڪنَ جي به خبر نه ٿو ڏئي. اها به پروڙ نه ٿو ڏئي ته جَيوَن جي هن منڊليءَ ۾ ڪهڙا ڪردار اوهان کان وڇڙي ٿا وڃن ۽ ڪهڙن ڪردارن جو قرب نصيب ٿي ٿو سگهي. شيمس هيني ۽ اينا مينڊلزن کي ته وقت پنهنجي واءَ سان گڏ ڪٽي ويو پر قرب ڏئي ويو هڪ خوبصورت انسان جو، جنهن کي هندوستان وارا ارجن حاسد جي نالي سان سڃاڻين ٿا. ارجن حاسد هڪ بهترين شاعر آهي. هُن هن ڪتاب تي مون کي به اکر لکي ڏنا آهن. ان لئہ آءٌ هن جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان. ان ڏِسَ ۾ پياري دوست ناز سهتو جو سهڪار شامل هئو، جنهن جي ذريعي منهنجو رابطو ارجن حاسد سان ٿيو. هڪ سينيئر شاعر جي حيثيت سان حاسد صاحب ٻن اکرن جي صورت ۾ بهترين رهنمائي به ڪئي، شاعريءَ جي رمز کي پروڙڻ جو ٻاڻيون به ڪيون، جن لئہ هن ٻاڻ ئي چيو آهي ته “ڪا ڳالھ ڪَنَ ۾ چوڻي هئي”؛ ۽ ان ڪَنَ ۾ چوڻ واري ڳالھ کان علاوه اها رهاڻ به ڪئي جيڪا هن ڪتاب ۾ شامل آهي.

انهن ٻن اکرن لکڻ جي حوالي سان سنڌ ڄائي، خوبصورت لفظن جي ڏٽي سائين امداد حسيني جو ذڪر نه ڪريان ته بيان پورو نه ٿيندو. آئون نهايت ئي ٿورائتو آهيان ته سائينءَ دل سان هن ڪتاب جو ڪافي

مواد پڙهيو ۽ ان تي لکيو. ان دوران اسان جون ڪافي ڪچهريون ٿيون، شاعري ۽ ادب تي ڪوڙ ساريون ڳالهيون ٿيون. سندن تازي ڇپيل ڪتاب “تنهنجي ساگر نيڻن ۾” تي به خيالن جي ڏي وٺ ٿي، جيڪو امداد صاحب جو فيض احمد فيض جي شاعريءَ جو ڪيل سنڌي ترجمو آهي. امداد صاحب جي شخصيت ۾ مون ڪي شاعر ڪان علاوه هڪ ڪهاڻيڪار به نظر آيو، جنهن جي سنڌس اندر پساهه کڻندڙ شاعر ڪي شايد پروڙ هجي. مثال طور آءٌ جڏهن هن ڪتاب تي سندن لکيل رايو وٺڻ ويس ته منهنجي هڪ نظم “جَيوَن هڪڙو فلرٽ آهي” جي پاسي تي سندن مارڪنگ ٿيل هئي، اها ڪجهه هن ريت هئي: “هيءَ ڪَوِتا پڙهندي آءٌ وِساميل سگريٽ پيهر دُکايان ٿو”. منهنجي نظر ۾ هيءَ سِٽَ هڪ شاعر ۽ نقاد جي بيخودي ۽ هڪ ڪهاڻيڪار جو رنگ ٿي ڏيکاري. امداد صاحب جون هن انداز جون ڪيتريون ئي ٻاڻيون ڪيل آهن. ننيڙي زندگي، ننڍڙيون ڪچهريون، ڊگهيون ڪهاڻيون! امداد حسيني صاحب سان رهاڻين دوران مون ڪي گهڻو ڪجهه نئون، ساءُ ماڻڻ وارو مليو آهي.

ڪيترائي اهڙا دوست آهن، جن هن ڪتاب ۾ شامل شاعري ٻُڌي به ۽ ان تي تنقيدي نظر به رکي آهي. ڪن صرف ٻُڌو ، ڪن ٻُڌي پنهنجي خيالن جو اظهار به ڪيو آهي؛ ڪن گهٽ ته ڪن وڌيڪ! انهن ۾ گهڻو ڪري منهنجا ويجها دوست آهن، جيئن زاهد علي جتوئي، عبدالغفار لاکير، آغا سميع الله، غلام نبي شيخ، سراج پنهور ۽ رشيد ڪلوڙ! سراج لکندو ته ناهي پر پڙهندو گهڻو آهي؛ لطيف ۽ سنڌ سان نينهن لڳل اٿس؛ ڪتابن بابت سندس نرالو نقطئ نظر آهي؛ وٽس تنقيد جو هڪ ڏانءُ آهي، جنهن ۾ ڪات ڪهاڙن جو جوڳو استعمال آهي. جيڪڏهن هو بنيادي طرح هڪ ادبي نقاد هجي ها، شاعر شاعريءَ تان ۽ اديب ادب تان هٿ ڪڻي وڃن ها؛ ۽ شايد ان ڪري ئي هن ادبي نقاد هجڻ جي قرباني ڏني آهي! رشيد ڪلوڙ به بنيادي طرح ڪو شاعر ڪونهي پر ويني ويني ڪي شعر چئي وٺندو آهي، جن ۾ تخيل پريو پيو هوندو آهي؛ ڪجهه ڏينهن اڳي هن اردوءَ جون به سٽون ٻُڌايون هيون:

هے دلفریں صنم برق و جوہر کے دم،
خلوت میں بھی تیری محفل رہی جواں۔

ٻيا دوست اهي آهن جن ۾ ڪجھ پاڻ بہ شاعر آهن ۽ ڪجھ جو نثر طرف لاڙو آهي: انهن مان هڪ آهي ساحل فراز (وحيد ڪرن شورو)، جنهن جي هڪ نثري نظمن جي ”وڪريل سوچون“ ڪتاب جو آءٌ اڄ کان پندرهن سال پهرين Scattered Thoughts جي نالي سان انگريزي ترجمو ڪري چڪو آهيان ۽ منتظر آهيان تہ اهو ڪتاب پهرين سنڌيءَ ۾ ڇپجي پڌرو ٿئي تہ جيئن منهنجي ڪيل ترجمي جي واري اچي؛ ساحل هڪ بهترين شاعر آهي؛ هت سنڌس هڪ شعر ڏيان ٿو جيڪو تقريبن پندرهن سورهن سال پهرين جو لکيل اٿس ”وري ڪي گهڙيون آ گذاري هليو وڃ، وري منهنجي دنيا اُجاڙي هليو وڃ!“ انهي غزل جو هڪ ٻيو شعر بہ ڏيندو هلان: ”وري ٿي ڪو موسيٰ، وري ٿي ڪو درشن، وري طور سينا ڪي ساڙي هليو وڃ!“ آغا سجاد زائر، جنهن جو تازو شعري مجموعو ”خوابن جو پڙاڏو“ خيرپور مان شايع ٿيو آهي؛ سنڌس هڪ شعر هميشہ منهنجي ذهن جي تندن ۾ ڦرندو رهيو آهي جيڪو هن اڄ کان گهٽ ۾ گهٽ پندرهن سال پهرين ٻُڌايو هئو ”اسان جون تياريون ارادن جي ويجهو، زمانو پُڄي ويو ستارن جي ويجهو!“ سردار شاهہ، جيڪو پاڻ بہ هڪ بهترين شاعر آهي؛ هن مون کي مارچ 2014 ۾ سنڌس نثر تي لکيل ڪتاب ”مِي رقصم“ جي ڪاپي ڏني هئي، جيڪو سنڌس ڪالمن ۽ ٻين مختلف لکڻين تي ٻَڌل آهي؛ پنهنجي نوعيت جو نهايت ئي سٺو ڪتاب آهي؛ ايوب خاصخيلي، جنهن يورپ جو سفرنامو ”مونا ليزا جي مُرڪ“ (1998) ۽ ٻيو نائن اليون واري واقعي تي آمريڪا جو سفرنامو ”هڪ واقعو جنهن دنيا کي جهنجهوڙي ڇڏيو“ (2006) لکيو آهي؛ ايوب مختلف سنڌي اخبارن ۾ ڪيترائي ڪالم لکيا آهن؛ ڪيس اردوءَ کان ويندي سنڌي شاعريءَ جا هزارن نہ تہ سون جي تعداد ۾ شعر ياد آهن، جن سان هو اسان کي محظوظ ڪندو رهندو آهي؛ آغا سليم صاحب، جنهن سان چند يادگار رهاڻيون ٿيون، لطيف جي شاعريءَ کان ويندي ٽي ايس ايليٽ جي Objective Corelative تائين ڪيئي تنقيدي بحث ٿيا ۽ گڏوگڏ مون پنهنجا ڪجھ غزل ۽ گيت سائين سان جهونگارن ذريعي ونڊيا؛

مشتاق راڄپر، اسان جو "مُشِي" جنهن جي ادبي ۽ تنقيدي ڪامينٽس سان فيس بُڪ ۽ ٽوئيٽر ڀريو پيو هوندو آهي؛ مشتاق ڪيترين ئي اخبارن ۾ سماجي ۽ سياسي موضوعن تي ڪالم به لکندو رهيو آهي؛ زاهد علي جتوئي، سنڌيءَ ۾ گهٽ، انگريزيءَ ۾ وڌيڪ لکندو آهي، خاص ڪري ڪهاڻيون، تنقيدي ۽ تحقيقي مضمون؛ منهنجي انگريزي شعري مجموعي Silence of the Piano Sings جي ڇپجڻ کان پهرين زاهد ۽ مون وچ ۾ ڪيئن تنقيدي بحث ٿيا، گهڻيون رهاڻيون ٿيون، جنهن جو ذڪر مون ان ڪتاب ۾ به ڪيو آهي؛ عامر لطيف صديقي، جيڪو ڪڏهن ڪنهن گيت يا غزل سان ڇرڪائي ڇڏيندو آهي؛ ويجهڙائيءَ ۾ مون سندس هڪ غزل جي ڌُن به ٺاهي آهي، ان غزل جو پهريون شعر هت ڏيان ٿو "ميندِي هٿن کي لائي هر هر ڏسين تون ڇو ٿي، ايندا ڪڏهن نه موٽي، راهون تڪين تون ڇو ٿي!" اجا هڪ ٻيو ڇرڪائيندڙ نالو آهي پيارو دوست، قادر بخش قادر شر. قادر جي شاعريءَ ۾ مزاح جو رنگ هوندو آهي، عام واهپي واري ٻوليءَ ۾ به قافيا ڀريا پيا هوندا اٿس. اڄ هن هڪ شعر ٻُڌايو "مشورن ئي قوم کي قادر ڪيو برباد آ، جو به جاڻي ڪجهه نه ٿو، سو ئي وڏو نقاد آ." آءٌ انهن مڙني دوستن ۽ احبابن جو ٿورائتو آهيان!

انئين ڪلاس ۾ مون زندگيءَ جو پهريون شعر لکيو هئو. باقي ته وسري ٿو وڃي پر ان جي پهرين سِٽَ ياد آهي: "سنڌو درياهَ مٿان پوڙهو چَندُ"! تنقيد جو سلسلو به ان سِٽَ سان ئي شروع ٿي ويو. ڇيو ويو ته چنڊ ته سونهن، جوت، سوڀيا، عشق ۽ مجاز جي علامت رهيو آهي، ان کي پوڙهو ڪرڻ دنيا جي سمورن شاعرن جي تخيل جي ڪنپڙاٽين کي ڇهڪ رسائڻ برابر آهي. منهنجي ذهن ۾ شايد هن خيال ٿي ڦيريون ڪاڏيون ته اهو چنڊ تڏهن کان موجود آهي جڏهن کان هيءَ ڪائنات، هي پورو نظام موجود آهي! انئين ڪلاس ۾ مون کي چنڊ پوڙهو ئي نظر آيو هئو ۽ سندس پيِري سنڌوءَ سان جُڙيل ٿي لڳي؛ زمان ۽ مڪان اندر وقت جي انسان ۽ حيوان کان وڌيڪ ٻل رکڻ جي نشاني هئي؛ ڪيئي سهٽيون گذري چڪيون هيون، ڪيئي ميهار مري چڪا هئا پر سنڌوءَ مٿان چنڊ جو ڦرڻ ائين ئي هئو جيئين هزارين لکين سال اڳي هئو؛ سو انئين ڪلاس جي ٻار لئه چنڊ پوڙهو به ٿي سگهيو ٿي. تنقيد جو سلسلو جيڪو منهنجي شاعريءَ جي ان

پهرين سِٽَ سان شروع ٿيو، اڄ تائين جاري آهي ۽ ان جي ابتدا منهنجي پنهنجي گهر مان ٿي ٿي. منهنجو والد، جيڪو والد هجڻ سان گڏوگڏ منهنجو دوست به آهي، عبدالحفيظ هاليپوٽو، جيئن ته پاڻ به هڪ شاعر آهي، سندس ڪتاب "من اندر جا لوچ" پڙ چپيل آهي، مون کي شروع کان ئي شاعريءَ جي اصولن بابت سمجهايو، مرزا قليچ بيگ جا شاعريءَ تي لکيل ڪتاب ڏنا، علم عروض جي گهاٽيٽن بابت ٻُڌايو ۽ لفظن اندر منعائون ڳولڻ ۽ احساسن کي پوئڻ سيکاريو! "سنڌو درياهہَ مٿان پوڙهو چنڊ" کان ويندي هن ڪتاب "ڪٿوريءَ ڪيپَ ڪيتَر ۾" تائين بابا سائين هميشه تنقيدي نگاهہ سان منهنجي شاعري کي پرکيو آهي ۽ مون کي اتساهہ ڏنو آهي. اِن ڏِس ۾، آءٌ فقط اهو چوندس ته "ڪوبہ نہ راڄي روءِ ٿيو، ڪريان ڪيئن ورونهہ"!

**مزمل سائر**
ڪراچي، سنڌ، 2 نومبر، 2014
http://www.msyre.com

# شانت مان سُرڪَ

هيءُ شاعر دوست مزمل سائر هڪ بيوروڪريٽ آهي، مان ڪيس سڃاڻان بہ ڪو نہ، سندس نالو بہ ڪونہ ٻُڌو اٿم، نہ پڙهيو اٿم. هيءُ دستخط مون وٽ پهتو آهي، پڙهان وينو. عجب ٿو لڳي سنڌ ۾ اهڙا بيت، ان شاهہ سائينءَ واري ويس وڳي ۾، اڄ بہ لکيا ٿا وڃن، اُهائي نياز نوڙت واري ٻولي، اُهو ئي لهجو! هوئن سنڌ ۾، سنڌي ٻوليءَ جو مهاندبو تہ اڄ ڪلهہ اردوءَ وارو ٿيندو ويو آهي. بيت ڏسو:

تو بن، راڻا، ڪئن ڪري، مومل ڇانگارا
هوءَ جڻ رڻ جي راڄ ۾، ڪا وڇڙيل ڏارا
ڪونهي تنهنجو ڪو پتو، پوءِ پڻ آسارا
ڪاڪ محل وارا، تو لئہ تڙپن؛ آءٌ ڙي

مون کي تہ ڇُپُ لڳي ويئي آهي، "پوءِ پڻ آسارا" ۾ ڪيڏي تانگهہ آهي. پوئين پد ۾ پويان لفظ، "آءٌ ڙي!" ڪيڏيءَ محبت وارو ڏوراپو آهي. ڇا اهڙي ٻولي سنڌ ۾ اڄ بہ پسند ڪئي ٿي وڃي، پڙهندڙ پڙهن ٿا، پوءِ تہ سنڌ سڀاڳي آهي، سندس ٻچڙا اڄ بہ سندس پوتيءَ ۾ پلجن ٿا.

آءٌ بہ، ڏاڻِي، ڪاڪ ڏي، وٿيان وِرهہ وِرُونهہَ
تو بن ڪهڙي سُونهہَ، تو بن ڪهڙي جندڙي

–

آءٌ اُڪنڊي، ميندرا، اچ، مون کي ڳَر لاءِ
راڻا، منهنجا پريتڙا، هئہ، ٻانهون ڦهلاءِ
اهڙو ڀاڪر پاءِ، وچڙي وڃڙون ڪينڪي

شاعري سمجهائڻ لاءِ ڪا نہ هوندي آهي، جيڪو پڙهي سو پاڻ کي ڳولهي، جنهن کي اهڙي لوري لڳي هجي. 'پريتڙا' اکر کي ڪيڏي ڇپ ڇپ آهي، ڪهڙي هرڪرءِ پڻ پڻ آهي، ڪيئن ڪيئن ساهہ ۾ سس پس

سس پس ٿي ٿئي. هر ڪنهنجو مزاج پنهنجو، شعور پنهنجو. ذهن ۾ معنائون به ڪيتريون ڪيتريون ايرن. اڪيلائپ ڪي ماڻٽ لاءِ ڪا ڪنَ، ڪا گهڙي، سامهون اچي ويهي رهندي آهي، پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذريو وڃن. سڀ بيت "سر مومل" جي ڇانو هيٺان لکيل آهن. مجموعي ۾ ڪجھ غزل به آهن. غزل جا هي به شعر ڏسون:

پورنماسيءَ ۾ ڪارونجھر چوٽيءَ ليٽي، 'سائر'
سنڌ اَنگيءَ تي مان تارن ڪان پرت پرايان وينو

–

جِيوَن سترنگ اجرڪ منهنجو، مون آ توکي آڇيو
هرڪو چاهي پائڻ، وو، وو، پاڻ لنوايان وينو

به ڇتر آهن. ڪيترا رنگ آهن، آڇڻ جي آرزو پڻ، لنوائڻ وارو ناز به. ماترڪ ڇند تي غزل آهي. گيت وانگر لذيذ چشڪي وارو. سنڌ جو اڪثر هرڪو شاعر اهو ڏيک به ڏيڻ چاهيندو آهي ته مون وٽ سنڌ جي ساڃاهه واري اُڻ تُڻ به آهي، اجرڪ به آهي، اها ڪسڪ، اهو ڏيجو به، ان سان گڏ اهو ٻَلُ به ته مان پنهنجي وراثت پاڻ وٽ سوگهي رکندس، ڪنهن کي ڦري وڃڻ نه ڏيندس. ڦرمار وارو زمانو ويو، ته به پنهنجي نندڙڪڙي معاشري کي آگاهه ڪندو رهندو آهي ته سجاڳ رهجو، متان ڪو پنهنجو ٿئي، اهو ڪارنامو ڪري نه وڃهي. پنهنجا، ڪڏهن ڪڏهن پڳ ٻڌڻ جي آسرن تي، ڪمزور ٻڌجي پوندا آهن. اسانجو هتي حال نه پڇو، ڏوَن تي آهيون، منهن تي مکڻ به مکي هلندا آهيون.

هيءَ غزل به ڏسندا هلون:

ائن واءَ وڙهي ويا، ساٿيئڙا
ڪئين گُلّ ڇڻي ويا، ساٿيئڙا

–

اڌ رات جهُڳيءَ جي سپني ۾
ڪي محل پري ويا، ساٿيئڙا

ڏاڍو چيندڙ ڇهاءُ آهي، ڪيترو نه سنهڙو، جهيٽو "ائن واءَ وڙهي ويا، گُلّ ڇڻي ويا" جنهن وٽ اهڙو ماحول، سواءِ ماڻٽ واري سوچ هجي.

پويون شعر اڌ رات وارو ولولو آهي، سپنو آهي، محل ڪي پوري ٿو وڃي:
شاعر ته وڄندڙ ساز آهي؛ پرلاءُ پري پري تائين؛ سُر انيڪ؛ آلاپ سوين.
هينيان غزل جا شعر ڏسون، جيڪي من کي ڇهندڙي پائن ٿا:

چا ته جهونگار آ سُريلي، ڙي
ڪونج ڪائي هتي ٻه لهٽي آ
-
رنگ بدران ڇُهي وئي دلڙي
هيءَ تصوير ڇو ته مرٽي آ
-
چانگ هرٽي جيان هٽي ويٺي
ڏات جهرٽي جيان ٻه وهٽي آ

هن دستخط سان گڏ مزمل سائر جو انگريزي ڪويتائن جو مجموعو Silence of the Piano Sings ٻه پهتل آهي. ڪويتائون ٻه پڙهندس. پيانو اميرن جي گهرن جي سونهن ليکي ويندي آهي، ڦل - سوٽ پائي، جوان، ننڍڪ ٻار پيانو سان هٿ چراند ڪري پنهنجي اڪيلاپن سان ڇيڙ چاڙ کي برداشت ڪرڻ سکي وٺندا آهن. پيانو جا سُر ان ۾ پيهي ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن کي ڏڪندڙ من وارا حياتيءَ جي پوئين پهر ۾ ريشمي ڳائون پائي، هن ساز سان حياتيءَ جا ڏک اوريندا رهندا آهن. هيءُ شاعر چوي ٿو ته پيانو جي ماٺ ڳائيندي آهي. جڏهن هو گهر ۾ اڪيلو هوندو آهي، ماٺ جا سوڪيم ڇهاوَ پير پير ڪٽي، سندس ڪلهي تي هٿ رکي اڪين سان ڳائيندا رهندا آهن، ائين جئن اڌ رات جو هوا جي لهرن تي بانسريءَ جي مڌر، ٻاجهاري پيڙا دور دور ڦهلجي ويندي آهي، ڪيڏو سک ڏيندو آهي. انيَوَ جون ننڍاڪڙيون اکيون، ڪائنات کي چميون ڏيئي، الوليون ڪنديون رهنديون آهن.

وقت ڪيترا نه بدلاءَ ڪٽي آيو آهي. شاعر پنهنجي وقت جو شاهد آهي، سندس مشاهدا، اولڙا، اکر اکر، ست ست مان ٻه لياڪا ٿا پائن. پنڌ هر ڪنهن کي پاڻ ڪرٽو آهي. انڌڪار ۾ پيچرا سَڏَ ڪندا آهن، هٿ ڪان وٺي ٻه وِڪون گڏ ڪٽندا ٻه آهن، پوءِ اڪيلو ڇڏي هليا ويندا آهن، ته هاٽي

ٽانڊاڻن جي ٽم ٽم ۾ ٽون پاڻ وچي پاڻ کي ڳولهه؛ هر ڪنهن اک ۾ انيڪ شرارتون ڏسندين، اهي سڀ ٽولاءِ آهن، تنهنجي اوسيڙي ۾ آهن.

مجموعي ۾ نظم ڏکا ڏکا آهن، جئن بازار ۾ ماڻهن جي پيهه لڳي پيئي هوندي آهي، ڪير ڪنهن کي سڃاڻندو به ڪونهي. مال ٽورو هجي، سيبائتو هجي، جيئن هينيون سٽون آهن:

سيج هوندي تارڙن جي، رنگ هوندا پُونءِ جا...

-

پر جڏهن هيءَ پونءِ پوري ماڪ ٻڄي مُرڪندي...

-

جيئن اوپر سجّ جا ڪرڻا چٽيندو ڪيت ۾...

-

تو چٽيا ڪردار ڪيڏا، تو گهٽا هيرا جڙيا

پر الا، ڪجهه کي چڏي ٻيا سڀ پُري ويا، سنڌڙي

هيءَ وائي وري ڪنهن ٻئي هنڌ وني تي وجي؛ لڳي ته اُها ئي مومل تي:

ڪاڪ رُئي تي رَتِ

مور مري ويا، مينڌرا

تو بن ولها ديس کي، چا ته لڳي آ لَتِ

ڪاڪ رُئي تي رَتِ

مور مري ويا، مينڌرا

پرڙا، ڪنيڙا ويا ڪٽي، مئلن کهڙي مَتِ

ڪاڪ رُئي تي رَتِ

مور مري ويا، مينڌرا

هنج لُڏاڻو ويا چڏي، ڪوهي پوريءَ پَتِ

ڪاڪ رُئي تي رَتِ

مور مري ويا، مينڌرا

ٻُوست، لَٽَ لَڙي آئي، ڏُوڙ ڪئي آ ڏَتِ

ڪاڪ رُئي تي رَتِ

مور مري ويا، ميندرا

شاعر وٽ اوهان سان اورڻ جهڙو ٻيو ٻه ڪيترو ئي قرب آهي. مون ته هڪڙي لپ ڀري آهي، ها ڪتي ڪتي هي اهڃاڻ ٻه ڏنا اٿم، صرف اهو چوڻ لاءِ نه، ائين ئي فن ۽ فنڪار پاڻ سان رهاڻ ڪندا آهن. توهان پڙهندا ته ڪنهن شانت مان سُرڪَ ڀري وٺندا. مون ته جڻ هن مجموعي جي اوٽ ۾ پنهنجي جهريل جيءَ کي ويهي وائکو ڪيو آهي. ڪا ڳالهه ڪن ۾ چوٽي هُئي.

**ارجن حاسد**

**نيل ڪنٺ، هندوستان**

# ڪي گيت امر چڙهي ويندس

Socrates
Killed
Hemlock!

’سائر‘ جي انگريزي شعري مجموعي Silence of the Piano Sings جو اهو مختصر ترين نظم آهي. ان ٽه - لفظي، ٽه - سٽي نظم جو ترجمو ڏُکيو آهي. سقراط سچ ڪارڻ وِهُ - وَٽو پِيو، موت کي مات ڏني ۽ امر ٿي ويو. ’سائر‘، ان انگريزي نظم جو شاعر، جڏهن پنهنجو ڪجهه سنڌي ڪلام ڪٺي آيو، تڏهن اسان ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪيون ــ سنڌ، سنڌي ٻولي، لوڪ، ڪلاسيڪل، روايتي، ترقي پسند، جديد شاعري ۽ شاعر ــ اسان جا موضوع هئا. ان ڏِس ۾ هُن جو هڪ نڪتهٔ نظر هو ۽ منهنجو ٻه. ڪٿي اسين ڏڪڻ اتر هئاسين ته ڪٿي ساڳئي صفحي تي.

لعل پشپ مون کي چيو هو ته ”هر ليکڪ، جاتي اَجاتي، پاڻ کي امر ڪرڻ لاءِ لکي ٿو.“ ’سائر‘ ساڳي ڳالهه مختلف انداز سان ڪري ٿو:

مان ٻه ڪي گيت امر چڙهي ويندس
موت ڪان ڪا ٻه شيءِ ته ڪسٽي آ

’سائر‘ امر گيت جي ڳالهه غزل جي شعر ۾ ڪئي آهي. گيت جو سنبنڌ سُر سان آهي. سُر شاعريءَ جو آڳاٽو ۽ اُوچو سرشتو آهي. سنڌي لوڪ ۽ ڪلاسيڪي شاعري ان جو مثال آهي. ناظم حڪمت چئي ٿو:

”شعر جيئن ته سنگيت جي ڪُک مان جنم ورتو آهي، انڪري پهريون شرط ٻه اهو ئي آهي ته ڪنهن مخصوص رڌم، لئه ۽ آهنگ جو پابند هئڻ کپي، جيڪو شعر جي موضوع ۽ ڪيفيت وٽان هجي.“

(”تنهنجي ساگر نيڻن ۾ 2009)

سو 'سائر' جهُونگارن سان بہ جُڙيل آهي تہ اها ڳالهہ شاعريءَ جي حق ۾ وڃي ٿي. هُن اهڙا امر گيت چڏيا آهن يا نہ، ان جو نبيرو تہ سمئہ تي آهي، پر جيڪا ڳالهہ ڳٽڻ جي آهي، سا اها تہ هُن اهڙو اُدم ضَرور ڪيو آهي. هر شاعر ڪي اهڙو اُدم زندگيءَ جي آخري پساهہ تائين جاري رکڻو آهي. اڻ ٿيڻيءَ کي ٿيڻي ڪرڻ جو معجزو صرف ۽ صرف شاعريءَ ۾ ئي ٿي سگهي ٿو:

موت ڪان ڪا بہ شيءِ تہ ڪسٽي آ

۽ اُها شيءِ زندگي آهي. امرتا آهي. سُر آهي. سُونهن آهي. شاعري آهي. سچ تہ اهو آهي تہ 'سائر' جي شاعري پڙهي سُر، سُونهن ۽ شاعريءَ ۾ ويساهہ جاڳي ٿو:

پورنماسيءَ ۾ ڪارونجهَر چوٽيءَ ليٽي 'سائر'
سنڌ انگيءَ تي مان تارن ڪان پرت پرايان وينو

- پورنماسي، ڪارونجهر جي چوٽيءَ تي ليٽي، سنڌ انگيءَ تي تارن ڪان پرت پرائڻ - هڪ اَڇُهيو خيال آهي. اها پوسٽ ماڊِن غزل جي روپ ريکا آهي. ان غزل جو ٻيو شعر، بنا ڪنهن ٽيڪا ٽپڻي جي:

تنهنجي من ۾ منهنجي چاهت جا گهنگهرو ڇن ڇن ڪن
لوڪ تہ ڄاڻي وندو، مان ڪيڏو بہ لڪايان وينو

غزل جي هن لڄالت واري دور ۾ 'سائر' غزل جي لڄ رکي آهي:

هي ڪوٽ آڏي ڪيڏي نِيندين
ڪئين ڪوٽ آڍِي ويا، ساٿيڙا

مڙهہ جهڙي ماٺ ۾، هڪ شاعر جو آواز ٻُري ٿو. هڪ سوال آهي. واڪو. رڙ. 'مور' جيڪو سُونهن ۽ آواز (ٿهوڪي) جو اهڃاڻ آهي، اُهو ڊنر ٽيبل تي هڪ ڊش جي طور آهي. ڇرين ۽ ڪانٽن سان، هر ڪو اُن مان حصا پتيون ڪري، رڙڪي رهيو آهي! باقي مور بيماريءَ وِگهي ٿر ۾ موت جو ڪاڄ ٿي رهيا آهن. 'سائر' جي غزل جي هيءَ مقطع، ان صورتحال جو نوحو آهي، جيڪا رڳو ٿر تائين محدود نہ آهي (شاهہ سائينءَ بہ چيو آهي "ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو"):

’سائرُ‘ هي ماڪ نہ، موت آهي
ڇا مور مري ويا، ساڻيئڙا

شاعر مختلف وقتن، ڪيفيتن ۾ لکن ٿا ۽ آءٌ بہ ڪين مختلف وقتن، ڪيفيتن ۾ پڙهان ٿو. مون ڏنو آهي تہ ائين اثر بہ مختلف ٿين ٿا. جيئن ’سائرُ‘ جو نظم ”ڪوٽَ ۾ تاريخ جي ڏنجهن ڏريل، او مارُئي“! اهو اڳي بہ ڪٿي پڙهيو اٿم. ان تي مارڪنگ بہ ٿيل آهي، پر اڄ 19-6-2014 جي پرڀات سمئہ ان جون هي سِٽون اُجاگر ٿي ويون آهن:

سِچّ آزاديءَ جو لَمڪو ڏَئي پُٽندو جڏهن...
چنگ جان اُن ٻاڙَ جي ماٺارَ ۾ ڪرٽا ڇَٽي
سانت جي انڪار جو آوازُ ٿِي ويندو تڏهن...

سچ، چنگ، ٻاڙ، سانت، آواز مُک استعارا آهن. آزاديءَ جي سچ جو لمڪو ڏئي پٽڻ، ٻاڙ جي ماٺار ۾ ڪرٽا ڇٽڻ، اَڇُهيو خيال آهي. ’اڄ‘ ڪي سياڻي سان ’جڏهن‘ ’تڏهن‘ جا لفظ جوڙين ٿا. نظم ۾ هر استعارو، اهڃاڻ ٻئي ۾ مَتجي ٿو. ٻاڙ، ماٺار..چنگ، ڪرٽا...مارئي، سنڌڙيءَ...ان ريت پورو نظم اهڃاڻي، استعاراتي ٻڻجي ٿو وڃي. نظم آد ڪان انت تائين يڪو هلي ٿو. ڪٿي بہ ٽُٽي نہ ٿو. بندن ۾ ورهايل نہ آهي. ’چينجهہ‘ (موتين جي مڙهيل مَڙهہ) وانگر آهي. ’سائرُ‘ وٽ پنهنجو شبد ـ ڀنڊار آهي. هن جو لهجو (ڊڪشن) نيارو آهي. نظم مهڙي ٻن سٽن:

ڪوٽَ ۾ تاريخ جي ڏَنجهن ڏريل، او مارُئي!
ڇو اداسي جيءَ ڇُهتيل آهہ تنهنجي، سنڌڙي!؟

ڪان پُڇاڙيءَ جي ٻن سٽن:

مان بہ توسان ئي تہ هوندس، سنڌڙي، جِنءَ آهِيان!
تو سوا مان چاهِيان، ڇئو تو سوا مان چاهِيان!

تائين هڪ ڀرپور تاثر ڇڏي ٿو. اهڙي ڳوڙهي ڳتيل نظم مان سٽ، سٽون ڌار ڪرڻ، ڌارا مان لهر، لهرون ڌار ڪرڻ وانگي آهي، پر هڪ سٽ ضرور ڏيندس، جنهن ۾ ’وقت‘ جو استعارو اَڇُهي انداز ۾ آيل آهي:

وقت تنهنجو، صرف تنهنجو گهوٽ ٿي ايندو ڪڏهن!

شاعريءَ لاءِ هڪ لامحدود ٻولي درڪار هوندي آهي. لفظ جو صحيح اُچارُ ۽ تز واهپو ئي ان کي معنيٰ ڏئي ٿو. ان لاءِ مطالعو ۽ عوام سان لهه وچڙ واهر ڪن ٿا. ڪيترا لفظ واهپي ۾ نہ هئڻ ڪري وسري ويندا آهن. انهن تي ڪَٽُ چڙهي ويندو آهي. هڪ شاعر جو اهو بہ ڪم آهي تہ ڪٽُ لاهي، انهن لفظن کي چمڪائي ۽ رواج ۾ رکي، 'سائر' اهڙا ڪيترا ئي لفظ واپرايا آهن، جهڙوڪ: چينجهڙو، آيامڙو، اُوڻ، پُوڻ، اَروٽ وغيره. انهن جي معنيٰ بہ ڏيڻ کپي. 'سائر' لفظن تي اعرابون ڏنيون آهن ۽ ٻيهڪ جي نشانين کان بہ جوڳو ڪم ورتو آهي. اهو بہ سوال آهي تہ ڇا هر صنف لاءِ مخصوص لفظيات، اصطلاح، محاورا، ڪردار، اهڃاڻ، موضوع، ورتا ورڻ...آهي؟ مثال طور بيت سنڌين جي سُپاءَ وٽان آهي. لوڪ جُڳ ڪان، بيت هڪ ڊگهو پند پٽي، 'سائر' تائين پهچو آهي. بيت هر جُڳ ۾ جيوت رهيو آهي. 'سائر' جو بيت ڏانهن لاڙو هڪ سنو سوڻ آهي. 'سائر' جا بيت سُر مُومل راڻو مان آهن:

ساڳيو پنهنجو ساهُ، اڄ، وٽيون ورهہَ ورُونهہَ؛
مــون ۾ تنهنجي سُونهہَ، تــو ۾ منهنجو پريتڙو.

۽ جڏهن مومل ۽ راڻو...سُونهن ۽ پريتڙو...وچڙن ٿا، تڏهن ڪاڪ ڪيئن ٿي ٿي وجي، ان جو چِٽُ 'سائر' هيئن ٿو چِٽي:

ساري سانوَلَ رُوءِ، ڪِنجَهن ڪوٽيون ڪاڪ جون؛
پَٽَّ ڪُــوري ماڳَ جــيئن، واءَ وريــا ٿِــي لُوءِ؛
پونر اُوجهَل ۽ ڪونڙ، رَنـــگُ، نہ آهي بُـــوءِ؛
هَنجَن، ڪُونجُن، ڪويَلُن، جِهــــجندي ڇَڏِي جُوءِ؛
مورَ، نہ هرڻيون، چيلڙيون، ڪاڪ لَڳِي ڪا سُوءِ؛
ڪــاپڙي! اڄ ڪُــوءِ؛ مـــاڳُ نہ رهندو تو بنا.

يا هي بيت:

راڻا، سانوَلَ، ميندرا، سوڍَلَ، منهنجــا راوَ!
جــيڏا تارا اُڀَّ ۾، تــيڏا تنهنجـــا نانوَ،
اُهري تنهنجي سَمنڊَ ۾، منهنجي مَنَ جي ناوَ،

ٽيپو ٽيپو رَتّ جو، پُوٽي تو لئہ هانـــــوَ،
تن ڪي چا جا پاوَ، جن جو جِيئَڻُ تو ڪـري!

ڪتا ۽ ڪردار - مومل، راڻو، سُومل، ناتر - آٽا ٽاٽا، ٽڪ ساٽ، اڳيئي موجود ۽ معلوم آهن، پر هڪ شاعر جڏهن انهن کي منظوم ڪري ٿو، تڏهن انهن کي نئين سر تخليق ڪري ٿو ۽ سڃو مانڊاڻ ٻيهر منڊي ٿو. ڪردارن ۾ روح ڦوڪي ٿو ۽ لفظن ۾ معنيٰ. ان ريت هو ڪتا پنهنجي ڏانوَ ۽ نڪتئہ نظر سان اسان جي آڏو پيش ڪري ٿو. 'سائر' بہ ائين ئي ڪيو آهي ۽ منهنجي راءِ ۾ هُو ان ڏس ۾ سقل آهي.

'سائر' وٽ ڪلاسڪ (بيت، وائي)، روايت (غزل) ۽ جدت (نظم)، ٽنهي ڌارائن جو سنگم آهي. آءُ بہ ٻوڪون اڳتي وڌي هُن جي آجيان ڪريان ٿو.

**امداد حسيني**
ڪراچي، سنڌ
2014_07_05

## مهاڳ

# اُڃ جنين جي سَيڻ

(1)

ڇا ڪاڪ محل ۾ ڏَتَ جو سنڌ، اينٿيموئيسا[1] Anthemoessa ۾ ٿريس[2] Thrace جي يونان سان لاڳاپيل آهي؟

جڏهن يوناني ڏند ڪٿا جي ڪنيڙائين ڪي ڇهاءُ ڏبو ته ڪَنيَ ڪَنيَ، پورَ پورَ مان انيڪ ورلاپ اٿندا؛ منڙي آلاپَن ۾ من موهيندڙ گيت گونجندا ۽ وايومنڊل ۾ موسيقيءَ جا پڙلاءَ اهڙيءَ ريت پکڙجي ويندا جڻ ته ڪائنات ۾ سواءِ سُرَ ۽ سازَ جي ٻيو ڪو وجود جنميو ئي نه هجي. انهيءَ سر سنگيت جي مانڊاڻ ۾ ميُوزز Muses (ڏات جون ديويون) به نظر اينديون، ته سائرَنز Sirens (سُريلي آواز واريون جَل پريون) به ڏسڻ ۾ اينديون.

زِيوس Zeus (سيني ديوتائن جو مُک ديوتا؛ آسمانن ۽ برساتن جو ديوتا) ۽ نيموسِينِي Mnemosyne (يادگيريءَ جي ديوي) جون نَوَ ڌيئرون هيون جن کي Muses سڏيو ويندو آهي. اهي پيريا[3] Pieria ۾ پيدا ٿيون هيون. اهي ديويون فن جو اتساهه ڏيڻ لئه هر وقت آتيون آهن. جنهن کي

[1] اينٿيموئيسا يوناني ڏندڪٿا جي حساب سان سائرَنز جي رهڻ وارا ٽي ٻيٽ آهن. وَرجل پنهنجي ڪتاب اينيڊ ۾ سائرنز جي آبادي "سائرينم اسڪوپُلي" ۾ ٿو ڏيکاري. هومر "اسڪائلا ۽ ڪيريبڊيز" جو علائقو ٿو ٻُڌائي.

[2] آڳاٽي وقت ۾ هيءُ يونان سان لاڳاپيل علائقو هئو جنهن جو نالو ٿريس هئو، هاڻي هِي علائقو ٽن ملڪن جي ميلاپ سان نهي ٿو. اهي آهن: يونان، تُرڪي ۽ بلغاريه. سواءِ تاريخي حيثيت جي هاڻي هي علائقو ائين وجود نه ٿو رکي جيئن هي هومر ۽ اووڊ جي شاعريءَ ۾ پساهه کڻي ٿو.

[3] "پيريا" ميوزز ۽ آرفيئس جي پيدائش جو علائقو ڄاڻايو ويو آهي، جتان بعد ۾ ميوزز "هيليڪان" هليون وڃن ٿيون.

بہ هي نوازين، اهي امر ٿيو وڃن. لفظ "ميوزڪ" (موسيقي) بہ ان ئي لفظ "ميُوز" مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب آهي "ديوين جو فن". يونان جي اوائلي شاعر هيسوئِڊ Hesoid پنهنجي ڪتاب ٿيوگني Theogony ۾ انهن ڏات جي ديوين جو ذڪر ڪيو آهي. هيسوئڊ ئي انهن نون ڀيڻن جا نالا ڏنا آهن، جن ڪي تاريخ ڀين جي ڀيٽ ۾ مستند سمجهي ٿي. انهن مان هڪ آهي ڪِلاءِ يو Clio جيڪا تاريخ جي ڏات جي ديوي آهي. هوءَ تاريخدانن ڪي اتساهيندي آهي. ائين ئي ميلپومَنِي Melpomene ٽريجڊيءَ جي ديوي آهي. ساڳيءَ ريت يُوٽَرپِي Euterpe (بانسري وڄائڻ، غنائيہ شاعري ۽ موسيقيءَ جي ديوي)، ايرَٽو Erato (رومانوي شاعري، غنائيہ شاعري ۽ مذهبي شاعريءَ جي ديوي)، ڪيلي اَپِي Calliope (ايپڪ شاعريءَ جي ديوي)، پولِي همنِيا Polyhymnia (اداڪاري، ناچَ، غنائيہ شاعري، مذهبي شاعري، ڊرامي، گيت، موسيقي ۽ فصاحت و بلاغت جي ديوي)، ٽَرپ سِڪَرِي Terpsichore (ناچَ، بانسري وڄائڻ، غنائيہ شاعري ۽ گيتن جي ديوي)، ٿيلِيا Thalia (مزاح ۽ فطرت جي شاعريءَ جي ديوي) ۽ يوريِنِيا Urania (علم نجوميات جي ديوي) بہ آهن.

Sirens (جَل پريون) جو ذڪر نہ ڪجي تہ يوناني ڏندڪٿا جو هيءُ چيڙيل داستان اڌورو هوندو. هي اُهي وِينگسون هيون جن جي آواز ۾ سُر ۽ مَدرتا جو راڄُ هو. هُو اُن دور جي يوناني سمنڊ ۾، جيڪو هاڻوڪي دور ۾ ميڊيٽيرينين سمنڊ آهي، هڪ ٻيٽَ اينٿيموئيسا تي رهنديون هيون ۽ پنهنجي جادو ڀريل گيتن سان سندن ٻيٽ ويجهو گذرندڙ مڙني سامونڊي ٻيڙن ڪي اهڙو مست ڪنديون هيون جو اُهي ڀنيولجي، رستو ڀُلجي هنن جي ٻيٽ ويجهو لنگرانداز ٿيندا هيا. اُهي جَل پريون پنهنجي آواز سان گڏوگڏ پنهنجي سونهن جي ڪانن سان ڪين گهائي ويهنديون هيون ۽ اُهي يونيپوليا پونر انهن جَل پرين جو واسُ وٺندي پنهنجي ٻيڙن ڪي چيهون چيهون ڪرائي پنهنجين حياتين ڪي اَڏين تي رکي ماريئَڙن جي هٿئون اَجل جو جام پيئندا هئا. جيئن يوناني ڏندڪٿائن ۾ سائرَنز جو ذڪر آهي، ايئن ئي "نارس ڏندڪٿائن" ۾، جن ڪي اسڪينڊينيوِيَن ڏندڪٿائون بہ چيو ويندو آهي، بنيادي طرح پراڻي جرمن قصن تي ٻڌل آهن، هڪڙي ديوي رَئن Ran نالي هئي جيڪا ناڪئن ڪي پاڻ ڏي ساڳيءَ

ريت ڇڪيو ڪين جار ۾ ڦاسائي تباهه ڪندي هئي، پر سائرنز جي ڪتا ۾ ڪا هڪ ديوي نہ هئي؛ هي ڪوڙ مُنڊون هيون جن جا جسم پکين جھڙا ۽ چھرا خوبصورت عورتن جھڙا هيا؛ بعد وارن قصن ۾ ڪين مڪمل عورتون ڏيکاريو ويو آهي. ڪجھ جا نالا هن ريت آهن: ايگلوپي Aglaope (خوبصورت مُنهڙو)، ايگلوفونوس Aglaophonos (من موهيندڙ آواز)، لُوڪوسِيا Leucosia (اَڇيرڙي)، لِگِيا Ligeia (تُندُ آواز جيان)، مولپِي Molpe (موسيقي)، پارتِينَپي Parthenope (ڪُنوار جهڙي)، ريدنِي Raidne (سُياءُ)، ٽيليز Teles (مڪمل)، ٿيلسِيپِيئا Thelxepeia (من لُڀائيندڙ لفظ) وغيره. هنن مڙني مان ٽي جَل پريون سڀ کان وڌيڪ مشهور هيون: پارتِينَپِي، لُوڪوسِيا ۽ لِگِيا. ڪيڏي نہ مماثلت آهي هنن ٽن جَل پرين جي مشهور هجڻ جي مومل، سومل ۽ ناتر سان، جيڪي ڪاڪ محل ۾ هنن جئن تباهيون ڪنديون هيون! خير، هنن جَل پرين کي پَرَ بہ هوندا هيا پر ڏات جي ديوين (Muses) سان موسيقيءَ جي مقابلي ۾ هارجي وڃڻ ڪانپوءِ ديوين سندن پَرَ ساڙي ڇڏيا ۽ تنهن ڪانپوءِ هو اينٿيموئيسا ٻيٽ تي رهڻ لڳيون جتي هو جهازن کي ڦُري تباهه ڪنديون هيون. هومَر لکي ٿو: هڪ ڀيري اوڊيسِيئَس Odysseus جَل پرين وٽان گذرندي پنهنجي سيني ساٿين جي ڪنن ۾ ميڻُ وِجهي ڇڏيو تہ جيئن اُهي سندن آلاپ نہ ٻُڌي سگھن ۽ پنهنجو ٻيڙو سڌو هلائي سندن ڦھر کان بچي نڪري وڃن ۽ پاڻ کي ٻيڙي سان ٻَڌرائي ڇڏيائين تہ جيئن هو جَل پرين جي آواز مان مزو وٺندي گذري سگھي. اوڊيسِيئَس جو اهڙي ريت جَل پرين جي ٻيٽ کان بچي نڪري وڃڻ جَل پرين کي ايترو تہ ڏُکيو لڳو جو هنن پاڻ کي سمنڊ جي لهرين ۾ ڇڏي ڏنو ۽ ٻُڏي سمنڊ جا پٿر ٿي ويون.

ٿورو ڌيان ڏجي تہ ائن لڳندو جڻ اسان يونان جي ڏندڪٿائن واري علائقي نہ پر سنڌ ڌرتيءَ جي ميرپورماٿيلي ۾ مومل جي ماڙيءَ جي پَڊَ جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون، يا وري ٿورو ئي اڳتي، اوپر واري پاسي، هندوستان جي جيسَلمِيرَ جي حدن ۾ لُداڻي يا لَدُوري جي پَتَن جو ذڪر ڪري رهيا آهيون. ائين لڳندو تہ اسان ڪاڪ محل جو داستان پڙهي رهيا آهيون، جنهن ۾ ناتر جي اڳواٽيءَ ۾ مومل جون ٻانهيون ايندڙ جوڳين ۽ عاشقن کي لُٽي برباد ڪيو ڇڏين. جَل پرين جا هٿيار سندن سُرَ، منڙيون

ٻوليون ۽ آلاپَ هئا، پر ڪاڪ محل جي ماريئَڙَن مومل جي مشهور ڪيل سونهن، جادومنترن ۽ ناتر جي ڇَلَن، مَڪرن، دولابن، چالُن تي ٿي ياڙيو. سونهن اهو هٿيار آهي جيڪو يونان ۽ سنڌ پنهنجن قصن ۾ پريو آهي، جنهن جي لهرين ۽ ليٽُن ۾ ٻئي (يونان جا ناڪئا ۽ سنڌ جا جوڳي) تباهين جو منهن ڇُمن ٿا. جادوءَ جو ورجاءُ ٻنهين ڪٿائن ۾ موجود آهي، فرق صرف اهيو آهي تہ يونانين وٽ جَل پريون ان عمل پويان ڪارفرما آهن، سنڌ ۾ اهي عام انسان ئي آهن. لُنجڻ جو داستان بہ ٻنهين ڪٿائن ۾ آهي؛ ڪُسجي مري وڃڻ بہ ٻنهين ۾ ساڳيءَ ريت آهي. لطيف فرمائي ٿو:

گُجَرَ ڪي گَجويلَ جون تارَنِ ۾ تَبرُون
هَٽِي حاڪِمَنِ ڪي زورَ پريون زَبرُون
ڪاڪ ڪَندِيءَ قَبرُون، پَسو پَرڏيهِين جُون.

بلڪل ايئن جيئن اوڊيسيئس جَل پرين ڪان پاڻ بچائي نڪري ٿو وڃي، ڪجھ جوڳي ڪاڪ جي ماريئَڙَن ڪان پنهنجي جان بچائي پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا. اهڙي هڪ ڪامياب جوڳيءَ لئہ لطيف چيو هو:

ڪالهہَ گڏيوسُون ڪاپڙِي، بابُو بانَ بَري
سائِي سالَ ڪُلهَن ۾، سامِيءَ سونَ سَرِي
ڏيهُون خبَرَ ڪَرِي، ڪا مومَلَ جي مَجازَ جي.

ڪالهہَ گڏيوسُون ڪاپڙِي، پَهَرَ ڏِينهان پوءِ
ساميءَ سونُ ڪَنَن ۾، رَتَ وَرَنو روءِ
ڪَرِئو ڳالهيون ڪاڪ جِيون، چِٽيون اُيو چوءِ
”جو مُنهن مومل پوءِ، تنهن جو مونَڻُ ئي مَسَ ٿئي.“

بيڪاريءَ ڪي بَرَ ۾ وِئو ڪَيفُ چڙهِي
ڳالهِيون ڪَندي ڪاڪ جِيون ڳوڙها پِيَس ڳَڙِي
ڪا جا اَنگهہَ اَڙِي، جِئن چُٽا ڦَٽَ جُڙِي پِيا.

هڪ ٻيري آرگوناٽَ Argonaut (آرگو Argo نالي ٻيڙي جا ٻيڙياتا جيڪي گولڊن فليس Golden Fleece ”سوني اُنَ“ جي تلاش ۾ نڪتا هئا)

پنهنجي ٻيڙي کي جيئن ئي جَل پرين واري پاسي کان گذارڻ لڳا، ته هوائن ۾ ڦيريون اچي ويون؛ مَدرتا، ميناچ، گيتن جا پڙلاءَ سمنڊ جي چوليءَ چوليءَ کي مست ڪرڻ لڳا ۽ ٿيندي ٿيندي ٻيڙياتا سندن ٻيڙي کي جَل پرين جي ٻيٽ اينٿيموئيسا ڏي ڇِڪيندا ويا. هوڏانهن هو جَل پريون انهن ناڪئن جي تباهيءَ جون تياريون ڪري رهيون هيون.

پر هن ڀيري جَل پَرين جي وَسُ ڪجھ نه هئو، ڇو ته آرگو ٻيڙي ۾ هن ڀيري آرفِيئَس Orpheus به موجود هئو. آرفيئس هڪ ڏات جي ديوِي، پولي هيمنِيا جو ۽ ڪن روايتن ۾ ڪيلي اَپِي جو پٽ هو. آرفيئس اُهو موسيقار هئو جنهن کي اپولو Appolo (سورج ديوتا) هڪ لائِرُ Lyre (يوناني تاريخ ۾ بانسريءَ کان به بهتر سمجهيو ويندڙ هارپ Harp ساز سان مشابهت رکندڙ تارُن وارو ساز) تحفي ۾ ڏنو هئو ۽ ڏات جي ديوين کيس موسيقي سيکاري هئي. آرفِيئَس اُهو موسيقار هئو، جنهن جون آڱريون جيئن ئي لائِرَ کي ڇُهنديون هيون، فضا ۾ لمحا تاندَو ناچُ ڪرڻ لڳندا هئا. هُن جي موسيقيءَ ۾ ايترو ته سوز هئو جو سندس ساز جي گونج تي پکي پرند، جانار بلڪ وَڻَ ٽِڻَ ٻوٽا به سرڪي وٽس ويندا هئا. ڏسو ته شيڪسپيئر آرفيئس بابت ڇا ٿو چئي:

Orpheus with his lute made trees,
And the mountain tops that freeze,
Bow themselves when he did sing:
To his music plants and flowers
Ever sprung; as sun and showers
There had made a lasting spring.
Everything that heard him play,
Even the billows of the sea,
Hung their heads, and then lay by.
In sweet music is such art,
Killing care and grief of heart
Fall asleep, or hearing, die.

*(King Henry VIII, Act III, Scene I)*

هڪ ٻئي ڊرامي، "ٽُو جينٽلمين آو ويرونا" ۾ به شيڪسپيئر آرفيئس تي لکي ٿو:

For Orpheus' lute was strung with poets' sinews,
Whose golden touch could soften steel and stones,
Make tigers tame, and huge leviathans
Forsake unsounded deeps to dance on sands.

چا تہ مماثلت آهي هن ذڪر ۾ آرفِيئَس جِي، ڏياچ جي ڪنڌ ڪي ڌَڙَ ڪان الڳ ڪرائيندڙ ٻيجل سان! ٻيجل جي ڪُماچ جي گونجن تي بہ ائين ئي پکي پرند ۽ جانار محو ٿِي ٻيجل جي چوڌس ٻيهندا هئا ۽ ڪيس مست ٿي ٻُڌندا هئا. خير، جيئن ئي آرفِيئَس، جَل پَرين جي آلاپن تي رستو مٽيندڙ جهاز "آرگو" کي ڦيرِي ڪائيندي ڏٺو، هن لائِرَ ۾ هٿ وِجهي ٻُرائڻ شروع ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت ٻُرائيندو رهيو جو سندس سُرَ جَل پَرين جي سُرن جي اثر کي ٽوڙي وِڌا. ناڪئا جَل پَرين جي گيتن کي ڇڏي آرفِيئَس جي آلاپن ۾ مگن ٿي ويا ۽ واپس پنهنجي مارڳ ڏانهن اُسريا بغير ڪنهن تباهيءَ جي بلڪل ائين جيئن اوڊيسِيئَس ۽ ان جا ساٿي. اهڙي موقعي تي لطيف ڪجھ هيئن فرمايو آهي:

ڪاڪ نہ جهَلِئا ڪاپِڙِي، موهيا ڪنهن نہ مالَ
سوڍيون سِجهائي هَلئا، هَھَڙا جَنِي حالَ
جي چورين ڏنا چالَ، تہ ٻِ لاهُوتِي لنگهي وئا.

ڪاڪ نہ جهَليا ڪاپِڙِي، موهيا نہ مَحَلَن
ٻائِن ۽ ٻانهِين جي ٻَندَڻ ڪِينَ ٻَجهَن
لَکِين لاهوتِين، اِهَڙِيون اوريان ڇَڏيون.

اِهَڙِيون اوريان ئي ڇَڏي وِئا لاهُوتِي لَکَ
پايو پِٽِين وينِيون ڪاڪ ڏَجاٽِيون ڪَکَ
پيئِي ايءَ پَرَکَ، تہ سوڍيون سِجهائي وِئا.

راڻي مينڌري بہ آرفِيئَس وانگي ئي ڪاڪ محل جي جَل پَرين کي ٻوڙو ڪيو هئو ۽ انهن جا وِڇايل سمورا ڄارَ ٽوڙيا هئائين. هيءُ هڪڙو ئي اهڙو جُنگ جوان هو جنهن ناتر جي چالُن کي هلڻ نہ ڏنو ۽ وڃي هنڌ

ڪيائين، جنهن تي مومل ناتر ڪان تي پُڇيو:

ڪهڙو جُنگُ جَوانُ، جَنميو آ هِنَ جُوءِ ۾؟
ڪَنهنجو هُوڙو ڪانُ، گهائي وينو ڪاڪ کي؟

ڪهڙي باناقاڙَ، مارِيئُڙَن ڏي ڪاهَ ڪئي؟
هَهڙي اَرتِي ٻاڙَ! ڪنهن باناريو ڪاڪ کي؟

ڪيئِي ڪُنا ڪاڪ ۾، ڪيئِي اَنگهَنِ پيا
پَرَ ههڙا تہ نہ ٿيا، جن وادوڙيو ڪاڪ کي!

راڻي ڪان پهرين ڪاڪ ۾، لطيف چواڻيءَ، جوڳين جون قبرون ئي قبرون هيون. راڻي نہ رڳو اوڊيسيئس وانگي ناتر ۾ سندس سنگتياڻين جي رمز پروڙي، بلڪ آرفِيئَس وانگي سندن زور پيچي لاتو. هيءُ ڪو ٽريس جو رهاڪو نہ هئو، هي تہ ڍاٽِي هئو، جيڪو "بابو بانَ بريءَ" جي داستان ٻُڌي، مومل جي مجاز جا ڪانَ پنهنجي روح ۾ محسوس ڪرڻ ڪانپوءِ همير سومري، ڏونئري ۽ هڪ ٻئي سنگتيءَ سِينهَڙي ڏماچاڻيءَ سان گڏ مارِيئُڙَن جي ڪاڪ ڏانهن روانو ٿيو هئو. هيءُ آرفِيئَس وانگي غلطيءَ سان جَل پَرين ڏانهن نہ ويو هئو؛ هي تہ پڪي پرياڻ سان ڪاڪ ڏي اُسريو هئو. راڻي سوپ ماڻِي، مومل کي پنهنجو ڪيو، مجاز جي گلڙن مان واس ورتو، وڪرائيءَ جا وارَ سَنا، ويندي عشق جي داستان جي پڇاڙي ڪندي باهہ جي مچ ۾ مومل پويان ٽِپو ڏنو ۽ اَجل کي چُميو.

آرفِيئَس بابت تاريخ ٻہ رايا ڏئي ٿي: هڪ تہ هو ديوتا هئو ۽ ايئن هو ڏندڪٿا جي ايجاد آهي؛ ٻيو بلڪل ان جي ابتڙ: هو هڪ عام ماڻهو هئو جيڪو نہ رڳو هڪ بهترين موسيقار هئو بلڪ هڪ عظيم شاعر هئو. هن جي شاعريءَ جي بنياد تي آرفِڪ مسٽسزم Orphic Mysticism يا آرفِزم Orphism (آرفيئس جو تصوف) نالي مذهبي فرقو يا گروهہ ٺهيل آهي (اهڙا ڳجها مذهبي گروهہ اڄڪلهہ بہ موجود آهن، جيئن فِري ميسن Free Mason ، جيڪو هندوستان توڙي پاڪستان ۾ بہ موجود آهي). ان ڳجهي مذهبي گروهہ کي اڳتي وڌائڻ ۾ آرفِيئَس جي ٿنائن جو وڏو هٿ آهي. اها هڪ ٻي ڳالهہ آهي تہ اونوميڪرِيٽَس Onomacritus نالي ايٿنز جي هڪ شخص جي

باري ۾ اهيو مشهور آهي تہ آرفِيئَس جي ڪلام مان ڪيترا ئي نظم هن جا لکيل آهن. اهيو ان ڪري جو اونوميڪريٽس جو دور ڇهين صدي قبل مسيح ڏيڪاريل آهي ۽ آرفيئس جو ڪلام بہ ساڳئي دور ۾ مليل ٻُڌايو وڃي ٿو. آرفيئس جون لکيل ثنائون اجوڪي وقت تائين ملن ٿيون ۽ پڙهيون وڃن ٿيون. هن جون ثنائون ديوتائن، ديوين وغيره تي لکيل آهن، جن ۾ ميوسيس، هيڪيٽ، پروٿيريا جي ديوي، رات، جنت، ايٿر، پروٽوگونس، تارا، سج، چنڊ، فطرت، هرڪيوليز، سيٽرن (زحل)، رِيئا، جيوپيٽر (مشتري)، جُونو، نيپچون، پلوٽو، بادل، ٿِيٽِيس، نيرِيَس، نيرِيڊز، پروٽِيئس، ڌرتي، خدائن جي ماءُ، بيڪس (ڊايوني سس) وغيره بہ شامل آهن. مون اهي ۽ ٻيا سمورا نظم پڙهيا آهن. انهن نظمن ۾ ترجمي جي باوجود بہ هڪ موسيقي آهي، جنهن کي ٻُڌڻ وارو روح نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهي. مثال خاطر هڪ نظم جيڪو هن ڊائنا ديوي تي لکيو هئو:

Hear me, Jove's daughter, celebrated queen,
Bacchian and Titan, of a noble mien:
In darts rejoicing, and on all to shine,
Torch_bearing Goddess, Dictynna divine.
O'er births presiding, and thyself a maid,
To labour pangs imparting ready aid:
Dissolver of the zone, and wrinkled care,
Fierce huntress, glorying in the silvan war:
Swift in the course, in dreadful arrows skill'd,
Wand'ring by night, rejoicing in the field:
Of manly form, erect, of bounteous mind,
Illustrious daemon, nurse of humankind:
Immortal, earthly, bane of monsters fell,
'Tis thine, blest maid, on woody mounts to dwell:
Foe of the stag, whom woods and dogs delight,
In endless youth you flourish fair and bright.
O universal queen, august, divine,
A various form, Cydonian pow'r, is thine.
Dread guardian Goddesss, with benignant mind,
Auspicious come, to mystic rites inclin'd;
Give earth a store of beauteous fruits to bear,
Send gentle Peace, and Health with lovely hair,

And to the mountains drive Disease and Care.

*(From "The Mystical Hymns of Orpheus" translated from Greek by Thomas Taylor)*

راڻي مينڊري باري ۾ اهڙو ڪو به رايو ناهي ته هو ڪو ديوتا، موسيقار يا شاعر هئو. جيئن آرفيئس جو بهترين هٿيار هئو سندس موسيقي، تيئن راڻي مينڊري وٽ هوشياري ۽ چالاڪي هئي، جنهن ڪيس ناتر تي سوپ ڏني. ان ڪان علاوه اهو رومانوي داستان ۽ ماحول آهي جيڪو راڻي کي اهميت وٺرائي ٿو. راڻو، راڻو نهي ٿو مومل جي ڪري، جيئن مومل، مومل ٿي نهي راڻي جي ڪري. هتي ڪو به ديوتائي رنگ ناهي. هتي سڀ پُرش ئي پُرش آهي.

آرفيئس جي داستان ۾ ان ڍنگ واري رومانوي شيءَ ناهي. باقي آرفيئس جي موت جي باري ۾ يوناني ڏندڪٿا ۾ اهيو ٻُڌايو ويو آهي ته هو پنهنجي زال يوريڊِيس Eurydice سان تمام گهڻو پيار ڪندو هئو ۽ جڏهن نانگ ڪيس ڪکي وڌو ۽ هوءَ مري وئي، ته آرفيئس هيڊِيز Hades (يوناني ڏندڪٿا ۾ "انڊر ورلڊ" يا ٻيءَ دنيا کي چون ٿا جنهن ۾ مُڙدن جي روحن جو آستانو به آهي؛ هيڊيز ان انڊر ورلڊ جي ديوتا کي به چيو ويندو آهي) وجي ٿو ۽ پَرسِيفَنِي Persephone (هيڊِيز جي اڱواڻ) کي مجرائي پنهنجي زال کي واپس وٺي اچي ٿو. واپسي دوران پرسيفني ڪيس چوي ٿي ته جيستائين هيڊيز کان ٻاهر نه ٿو نڪرين تيستائين واپس مڙي نه ڏسندين. آرفيئس کي اها ڳالهه وسري ٿي وڃي ۽ هڪ جڳهه تي تجسس ۾ واپس مُڙي ڏسي ٿو (اووڊ Ovid پنهنجي شعري مجموعي ميٽامورفَسِز Metamorphosis ۾ ٻُڌائي ٿو ته پنهنجي زال جي سڪ ۾ هو ڪيس مُڙي ڏسي ٿو)، تنهن تي سندس زال هن کان هميشہ لئہ کسجي وڃي ٿي. ان ڪانپوءِ آرفيئس ان جي غم ۾ ديوداس ٿي وڃي ٿو. ڪا به چندرمُکي ڪيس نه ٿي وڻي، جڏهن ته پورو ٿريس، سندس شهر، چندرمُکي لڳو پيو آهي ۽ هر چندرمُکي هن ديوداس کي ماڻڻ چاهي ٿي، مگر ديوداس آهي پارو ۾ مگن. ڪيس پارو کان علاوه ڪا ڪامڻي موهي ئي نه ٿي. ان تي ٿريس جون عورتون هيلا وسيلا هلائڻ ڪانپوءِ به ڪجھ نه ورڻ تي ڪاوڙ ۾ اچي ڪيس ٽُڪر ٽُڪر ٽيون ڪري ڇڏين. هڪ خيال اهيو آهي ته آرفيئس ڊايوني سس Dionysus جي مقابلي ۾ اپولو (سورج ديوتا) کي

وڏو ديوتا مڃيندو هئو ۽ ان ڪري پرهه ڦٽيءَ جو اتي مائونٽ پينگيئان Pangaion تان سج جو اڀرڻ ڏسندو هئو، جيڪو ڊايوني سس کي بلڪل به نه آئڙندو هئو ۽ ان لئہ سندس پوڄارڻين، مينيڊز Maenads ، آرفيئس کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو. جنهن به حوالي کان ڏٺو وڃي ته آرفيئس کي هر ڪنهن پاڻ ڏانهن ڇڪيو ٿي ۽ نتيجي ۾ ڪيس اجل جو جام پيئڻو پئجي ويو. آرفيئس جي ڪَٽيل مُنڍِي هيبرُوس Hebrus نديءَ ۾ ترندي لهرين سان لُڙهندي وڃي ٿي ۽ سندس آواز جا پڙلاءَ سُرَ سُرَ جي ونگن ۾ فضائن ۾ گونجندا رهن ٿا. آخرڪار مُنڍِي ليسبوس Lesbos شهر ۾ پڄي ٿي ۽ اُتي ئي دفن ٿي ٿئي. هي اُهو ئي شهر آهي جنهن ۾ يونان، بلڪ پوريءَ دنيا جي، تاريخي حوالي سان، پهرين شاعره سئفو Sappho پيدا ٿي هئي. آرفيئس جي مُنڍيءَ جو اُتي پورجڻ پونيرن لئہ موسيقي ۽ شاعريءَ جو بنياد بڻيو ۽ واقعي به ليسبوس غنائيہ شاعريءَ جي آماجگاهہ رهيو آهي. آرفيئس جي جسم جا ٻيا حصا ڏات جي ديوين ڪٺي پيريا ۾ پوريا، جتي، چون ٿا، تہ بلبل جنهن سوز ۾ ڳائيندي آهي، ان سوز ۾ بلبل دنيا جي ٻئي ڪنهن به هنڌ نہ ڳائيندي آهي. آرفيئس جو ساز "لائر" زيوس ڪٽي آسمان ۾ ڪانسٽيليشن لائرا Constellation Lyra (نکٽ) جي صورت ۾ چنبڙائي ڇڏيو ۽ هن جي آتما سندس زال يوريڊيس ڏي هلي وئي ۽ اتي ئي آهي.

آرفيئس ۾ ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ ٻئي گڏجي ٿا وڃن. ان کان علاوه راڻو مينڌرو ۽ ديوداس بہ. پهرين هو صرف راڻو آهي جيڪو جَل پَرين جي سحر کي ٽوڙي ٿو؛ پوءِ هو پنهنجي لاڏيءَ (ونيءَ) جي غم ۾ ديوداسُ ٿي پوي ٿو؛ بعد ۾ ان غم کي وسارڻ لئہ ڳائي ٿو ۽ ڳائيندو ٿو وڃي، تان جو ڪيس ٽُڪر ٽُڪر ڪيو وڃي ٿو؛ پر سندس ڪپيل مُنڍي بہ ڳائي ٿي جيسيتائين هو پوريو نہ ٿو وڃي. هوڏانهن ٻيجل پنهنجو ڪُماچُ ٻُرائي ڏياچَ جي ڪنڌ کي سِسيءَ کان ڌار ڪرايو هئو؛ هِتي وري آرفِيئَس جو پنهنجو ڪنڌ ڪپجي وڃي ٿو پر سندس ڪپيل مُنڍيءَ جي لبن تي گيتن جي گونج آهي ۽ سُر سُر هيبرُوس نَديءَ ۾ پنهنجو وجود پوکيندو وڃي. سورٺ ڪٽي بہ ناهي، مومل ڪٽي بہ ناهي، يا تہ راڻو مينڌرو آهي، يا تہ ٻيجل يا وري آرفِيئَس. جيڪو رنگ آرفيئس جو آهي، سو اسان جي قصن ۾ ذرڙي برابر بہ ناهي. پر سنڌ جو هيءُ اهو رومانُ آهي جيڪو مومل کي

مومل ناهي ٿو ۽ ڪيس امر ٿو ڪري ڇڏي. ان ئي مومل جي ڪري راڻو راڻو ٿو بڻجي ۽ ويندي آرفِيئَس سان روح رهاڻيون ڪري ٿو. مومل، اينٽيموئيسا ٻيٺ وانگي ڪاڪ محل جوڙائي ٿي. سومل، ناتر ۽ ٻيون ٻانهيون جَل پَرين وانگي پنهنجا جارَ وڇائين ٿيون ۽ جوڳين جي تباهيءَ جا داستان لکن ٿيون. مومل راڻي جي ڪهاڻيءَ جو هيءُ سبب ڪيس نرالو ناهي ٿو ۽ يوناني ڏندڪٿا جي ويجهو آڻي بيهاري ٿو. اتان ئي مماثلت شروع ٿي ٿئي. اتان ئي جادوءَ ۽ سونهن جي ڪتارُن جا مثال جُڙن ٿا. اتان ئي تباهين جا داستان وکرن ٿا ۽ اتان ئي اوڊيسيئس ۽ آرفيئس گذرن ٿا، راڻا ميندرا لنگهن ٿا. جيئن اوڊيسيئس جي گذري وڃڻ تي جَل پريون پاڻ کي سمونڊ ۾ اڇلين ٿيون، تيئن راڻي جي وڃڻ تي ڪاڪ آتڻَ اُجهاڻا ٿي پون ٿا. پر سڀ کان اهميت واري ڳالهه آهي راڻي ۽ مومل جو رومان. اهيو رومان ئي آهي جيڪو ان ڪهاڻيءَ جو روح آهي.

يوناني ڏندڪٿائون يوناني سماج جي سوچ جو وقت جي آرسيءَ تي آندل تصويرن جي ڪولاج جو نانءُ آهي. سو آهي سنڌ جي آکاڻين، ڏندڪٿائن يا حقيقت سان جُڙيل قصن جي پرتوو ۾. انهن ٻنهي تهذيبن جي ڪٿائن اندر هڪجهڙائي انساني سوچ جي هڪجهڙائيءَ جو ورلاپُ آهي. ڪير ٻه ڪنهن کان متاثر ٿي سگهي ٿو ۽ بغير متاثر ٿئي ٻه هڪجهڙائي رکي سگهي ٿو. آرفِيئَس ۽ راڻي ميندري، تان جو ٻيجل اندر ملندڙ هڪجهڙايون، منهنجي نظر ۾، انساني سوچ جي هڪجهڙائيءَ جو نتيجو آهن، بلڪل ائين جئن جَل پَرين جو نارس ڏندڪٿا جي ديوي "رَتَن" سان، يا يوناني ديوي ايفروڊائٽي Aphrodite جي هندوستان جي سَرَسوَتيءَ سان، جنهن جي "وينا" جي تارن مان ٻه سُرَ ايئن وکرن ٿا، جيئن ايفروڊائٽيءَ جي لِڱ لِڱ مان سونهن ٻکي ٿي ۽ سُڳند وکري ٿي! اهيو سڀ ڪجهه ان ڪري ائين آهي، ڇو جو اهي انساني آتم کي ڇُهن ٿيون.

جيڪو فنڪار يا ليکڪ آتم کي ڇُهندو، اُهو بنا ڪنهن گمان جي انساني بنياد کي ڇُهي رهيو هوندو. رَهڙَ يا گهاءُ اچڻ تي، ڏکُ لڳڻ تي ايزاءُ اچي ٿو؛ پيار تي ساءُ، سُکُ، ڪلياڻ اچي ٿو؛ واڪاڻ تي سَرهائي ٿي ٿئي؛ آزادي دولت ٿي پانئجي؛ بَندَ، جاڙَ؛ جنسي آڳ، رمز ۽ لطف؛ بُک، گرمي، سيءُ، ٿَڪ، ننڊ، جاڳ، پريتڻو، جُدائي، اڪيلائي، غم، خوشي! اهيو

سڀ آتم آهي، انساني جبلت جو پرتوو، فطرت جو آلاپ! ان آتم ٻاهران، ان جبلت جي پرتوو ٻاهران، ان فطرت جي آلاپ ٻاهران هڪ اَڪُٿُ سَپاٽُ آهي؛ هڪ متاڇرو، مَٽُ آهي، جتي سماج جون ليٿون، لهريون ۽ وِيرون جِيوَن جي مهاساگر جون موجون ماڻين ٿيون. رسمون، رواج، ٻوليون، ويس، پئسو، جڳهيون، وٺج واپار، رهڻي ڪهڻي، شاعري، فن، نظريا، مذهب وغيره سڀ سَپاٽ آهن. اهيو سَپاٽ تهذيب ۽ تمدن تي رنگ وڪيري ٿو. انسان ان سَپاٽ ڪري هڪ ٻئي کان الڳ ۽ نيارا آهن. جتي فن ۾ ليک آتم کي ڇُهي ٿو، اُتي هڪجهڙائي فطري آهي ۽ اُتي آفاقيت جي جهنڊي جي ڦڙڪڻ جا امڪان جُڙي پون ٿا؛ جتي جتي سپاٽ کي گاٺَ پوي ٿي، تفاوت فطري آهي ۽ اُهي پوءِ مخصوص سپاٽَ يا متاڇري يا مٽ سان مٿو ٽيڪي بيهن ٿا. پر ٻنهي جو ميلاپ هڪ نئون رنگ ٿو پيدا ڪري. ڏانءُ يا سکيا ۾ اندر جي آڳ جيڪا سپاٽن کي پورينديِ آتم ۾ ڪُپي سگهي، اوتري ئي ضروري آهي جيتري آتم کي ڇُهڻ جي اِڇا ۽ خواهش. انهي ريت ڏسبو ته يوناني ڏندڪٿائن جو سنڌ جي ڪهاڻين سان هڪجهڙائيءَ وارو رنگ آتم کي ڇُهڻ وارن پهلوئن ڪري محسوس ٿيندو؛ پوءِ اهو جَل پَرين جي هٿئون تباهه ٿيڻ جي صورت ۾ هجي يا ناتر ۽ سومل جي ٻانهين هٿان؛ پوءِ اهو مومل ۽ راڻي جي روماني داستان جي صورت ۾ هجي يا آرفيئس جي يوريڊيس سان عشق جي ڪيفيت وارو داستان؛ ڳالهه مڙيئي ساڳي آهي. اهي هڪجهڙائيون نه رڳو آتم کي ڇهڻ جي ڳالهه کي ورجائين ٿيون، بلڪ آفاقيت جي رمز کي پروڙڻ ۾ به اڳتي آهن ۽ ڏسين ٿيون ته ڪيئن هڪ ٻئي کان زمان و مڪان جي حالتن کان ڌار ٿيندي به ٻنهي جي ڪٿائن ۾ هڪجهڙا رنگ آهن.

”سُر راڻو“ لطيف جي رومانوي سُرن مان هڪ آهي. ان ۾ راڻي مينڌري جو ڪردار اُتم ڏيکاريل آهي. راڻو ناتر جا وڇايل جارَ ٽوڙي، سڄو طلسمي مَنڊُ پڇي مومل جي ماڙ تائين پڄڻ ۾ سوڀ ماڻي ٿو؛ ان ڪري راڻي جو ڪردار مومل کان وزنائتو تي ٿو پوي. اهيو ڪردار ويتر وزنائتو تي ٿو پوي جڏهن مومل غلطي ڪري سومل کي مرداڻن ڪپڙن ۾ پاڻ سان گڏ تي سمهاري. راڻي جي ڪردار ۾ اجا وزن پيدا ٿئي ٿو جڏهن هو مومل کان رُسي وڃڻ باوجود به مومل جو ٻئي ڪنهن ڪانڌ (سومل)

سان سمهڻ وارو راز راز ئي ٿو رکي؛ ڪيس لڄي نہ ٿو ڪري. پوري سُر ۾ وڪرائيءَ جي عالم ڪري مومل راڻي مينڌري جون آزيون، منٿون ٿي ڪري ۽ پنهنجي ڪيل غلطيءَ ڪي ميٽڻ جي ڪوشش ٿي ڪري. ان ڪري راڻي جو ڪردار اُتم ٿي ٿو پوي. سڄي سُر ۾ مومل لِيلائي ٿي، معافيون ٿي گهري؛ انتظاريءَ، اوسيڙن ۽ ٻُٽتين ۾ ڏيکاري وئي آهي. مومل ڪي اهڙي رنگ ۾ جڪڙيو ويو آهي، جو هوءَ راڻي کان پاڻ کي الڳ نہ ٿي ڪري سگهي؛ ۽ ڪندي بہ ڪيئن؟ راڻو تہ منزل آهي ۽ منزل ماڻڻ وارا مدام ئي واٿهڙوئن جئن ڏنجهن ۾ رهندا آهن. مومل پيڙائن مان گذري ٿي، پر واقعي، اگر راڻو ايترو مانائتو نہ هجي تہ مومل جي پيڙائن جي بہ ڪا حيثيت نہ ٿي رهي.

جهڙو محرڪ هوندو، تهڙي شڪل مضمون جي. جهڙو ڍنگ هوندو مضمون سان نيائڻ جو، تهڙو ئي مضمون سرجي هٿن ۾ ايندو. لطيف جي سُر راڻي پويان، ٻين ڪيترن ئي محرڪن کان علاوه، ساهہ ڪٽندڙ محرڪ وحدت الوجود آهي. ان محرڪ ڪارڻ، پوءِ پلي سندس ڪردار جي وِينا ۾ آروهي ۽ امروهي، سُرن جي سرگم ۾ اُجهي نہ سگهن، گهُمي قِري راڻو مينڌرو وحدت الوجودي منزل ٻڻجي ٿو پوي ۽ مومل هڪ هيٺو ۽ گنهگار انسان جيڪو ان منزل تي پڄڻ لئہ جاڙون سهندو، هيلا وسيلا ڪندو ٿو رهي؛ پوءِ ڪيس هر جڳهہ تي راڻو ئي راڻو ٿو نظر اچي: "راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ڪِين ناهہ ٻيو" (لطيف). دلچسپ ڳالهہ هيءَ آهي تہ لطيف جو محرڪ سَپاٽ وارو آهي، جڏهن تہ سندس مضمون جي چونڊ آتم ڪي ڇهڻ واري آهي. ان ڪري سُر راڻو ٻنهي ڌارائن جو سنگم آهي. جتي جتي وحدت الوجود جي وٽڪَ اُٿندي، اُتي فقط ئي فقط ان نظرئي ۾ دلچسپي وٺڻ وارن لئہ ڪو رنگ هوندو، ڪو ساءُ هوندو، ڪو هڳاءُ هوندو؛ پر جتي جتي ويڇوڙي جو ورجاءُ ٿو ٿئي، وڪرائي وارَ ٿي ڪري، جتي جتي اوسيڙا هانوَ جي تَندن کي ڳارين ٿا، جتي جتي شڪ ۽ گمان ڪنهن کان جيان جگر ۾ ٿُنبجي ٿا وڃن، جتي جتي سونهن آنڙي اچي ٿي، جتي جتي پريت جون ڪتارون آتم کي ڪورين ٿيون، جتي جتي الن، آرانين ۽ لُڪن ۾ مومل جي ڏاچي راڻي کي وَوڙيندي ڏکي ٿي، پاڻ ڪامي ٿي ۽ مومل بہ ساڻس پڄري ٿي، اُتي اُتي آتم، جبلت، فطرت سَپاٽ کي پوريو

انسان جي روح ۾ سمايو وڃن؛ اتي نظريا ڇٽيل ڪک پن ٿيو وڃن، فلسفا بي معنيٰ؛ فقط انسان جي روح جون ڏمائون ۽ مرڪون جاڳن ٿيون، جهرٽن وانگر جهرڪن ٿيون؛ اُتي لطيف جي اندر جو ڪِوِي سپاويڪ نموني فن جي اوج تي پڄي انساني آتم جي جهندبي کي جهولائي ٿو.

ڪيترن ئي "سُر مومل" يا "سُر راڻو" يا "سُر مومل راڻو" لکيو آهي. انهن سيني جي محرڪن کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته اُهي هڪ ٻئي کان پنهنجي محرڪن جي ڪري، پنهنجي ڏِسَڻ جي انداز ڪري الڳ آهن. انهن جي دنيا الڳ آهي، رنگ الڳ آهن، ويندي جو سندن مومل ساڳي مومل ناهي، نه ئي راڻو ساڳيو راڻو آهي. هن ڪتاب ۾ بيتن جي صورت ۾ هڪ ئي سُر ڏنل آهي: مومل. ان کي پڙهڻ ڪانپوءِ انهيءَ پنيان ساهه ڪٽندڙ محرڪ ٻه پَسجي سگهبو. هن سُر ۾ راڻو ميندرو پنهنجين سوپ ماڻڻ واري خصلتن ۾ ته اهو ئي آرڦِيَس آهي، پر ڪردار جي لاهن چاڙهن ۾ ڪيس مومل کان وزنائتو ٿيڻ ۾ پنهنجي جهوني ڏاچيءَ تي سوڙهين گهٽين مان گذرڻو پوندو، ڏِنگين پِٽن تان چڙهڻو ۽ لهڻو پوندو! باقي رهي مومل، ته هن سُر جو نالو ئي آهي: مومل!

(2)

ٻولِي وقت جي ڪنهن واديءَ ۾ ڪيل ڪُوڪ يا آلاپ جو پڙاڏو آهي؛ هڪ راڳ آهي، جنهن جي آروهيءَ جي گونج سُمَهلِي آ ته سندس امروهيءَ جو پڙلاءُ ڪُمَهلو، جنهن جو "اَچل سُر" پورو آ ته سندس "سَم" اَٽپورو. ڪجهه آهي جو ٻوليءَ جي روح ۾ اُوڻ ڇڏيو، اُتو وڃي اُن اُجهاڳَ ڏانهن جا ڪيترين ئي ڪوشش بعد ٻه لڙاٽيل رهجيو وڃي. اُن اُجهاڳَ جي پند اُتي ڪوهيڙو درٻار لڳائي ويهي ٿو. اُتي ڪوهيڙي سان گڏ مينهوڳيءَ جي ڪڻ ڪڻ سوچن جي پاندين کي سرڪڻ تي مجبور ڪريو ڇڏي؛ واچوڙن جي پُوڻِ، جهَڪن جا سرڙاٽَ، وڄن جا وَرَ، وراڪا، ڏنڌ، ڏُڏَڙ، احساسن جي ڪانن کي ٻه پنهنجي آچامن کي ڇهڻ کان ڏُور ڪريو ڇڏين، تان جو تخيل آڏو اهڙو وايو منڊل جُڙيو پوي جنهن ۾ اَڃَ، اَڃاڻِ، ميراڻ، ٻُڄَڙ، ڪيهَ، سپ ڇيڙهه ورتل وارن وانگي هڪ ٿيو وڃن؛ تخيل جون

اَڏوتيون ڇڄون، احساس جون ميرانجهيون ماڙيون؛ هاءِ! هيڏي ڪارونڀار ۾ ڪنوٽين جي چمڪاٽون ڏيڻ تي اندر ۾ اَرڪَ اُسريو اچن؛ اُهي اَرڪَ جنهن سان ڪاراڻ ڪلهو ڪلهي سان ملايو هلي. ٻولي رُڃ جيان جهرڪي ٻہ ٽي تہ ڪارونڀار وانگي اکين آڏو ڪاراڻ ٻہ ڦهلايو ڇڏي. ٻولي مصوريءَ وانگي ڪَويءَ جي آڱرين ۾ پَبلُو پڪاسو جو مُوقلم (بُرش) ڦاسائي، ذهن جي تَندن کي رنگن جي اهڃاڻن ۾ غرق ڪيو ٿي ڇڏي، تہ ڪڏهن وري موسيقيءَ وانگي موزارٽ جي سنفنين کي ڪَويءَ جي زبان تي ماکيءَ جيان ڳاڙيندي رهي ٿي ۽ هُو اُن ميناڄ ۾ وڪڙيو وڃي ۽ نتيجي کان پهرين سرگم کان ٿڙيو وڃي. ٻولي آتم جي ٻڙ جي لاهَن مان اُسرندي سندس ٿُڙ مان راهون ڪڍندي، لام لام، پالُر پالُر، پَن پَن، گُونچ گُونچ، گُل گُل، سُڳند سُڳند مان جندڙي ڇِڪي ڪنهن پرئين پارَ جي پنڇيءَ جيان اُڏريو وڃي پر پنهنجي ڪنيڙاٽين جي پڙلاءَ کي وايو منڊل ۾ ڦهلايو وڃي. ٻولي جيڪو ٻُڌائي ٿي، ان جي پويان نچندڙ دل جون تندون ۽ اُڏندڙ دماغ جون رڳون ايتريون تہ تصويرون جوڙي ٿيون ڇڏين، جو ڪنهن هڪ کي چونڊڻ ٻين مڙني تصويرن سان ٻيائي ڪرڻ برابر ٿيو پئي. ٻوليءَ سان ڇُهتيل اهيو خيال هر صنف تي ساڳيءَ ريت نَهڪي اچي ٿو، پر شاعريءَ تي ان جو اثر گهڻ رخو آهي، پوءِ اُها ليسبوس جي شهر ۾ سئفو جي چيل ڪويتائن جي صورت ۾ هجي، يا مالِني جي ڪنڊين سان لاڳاپيل ڪاليداسَ جي شَڪُنتل جي نظم جي شڪل ۾؛ اها ابنِ زيدون، ڪيٽيولَس، وَرجل، بائرن، اليگزينڊر پُشڪن، دانتي، گوئٽي، والٽيئر، ڊائلن ٿامس جهڙن شاعرن جي شعر ۾ هجي، يا ڪارلائل جي اُصولن کي ڇيهون ڇيهون ڪندڙ ازرا پائونڊ يا ٽي ايس ايليٽ جي ماڊرنِزم جي شاعريءَ جي صورت ۾، يا وري هلندڙ ٿهيءَ کان پهرين ڪَرُ ڪٽندڙ پوسٽ ماڊرنِزم ۽ هاٽوڪي انٽرنيشل شاعريءَ جي صورت ۾ هجي. پر اهيو ڪوهيڙو، جيڪو ٻوليءَ جي نس نس ۾ پُوٽي ٿو، تخليق جو سترنگي سبب آهي. اهيا ڏُنڌ ئي آهي جيڪا ٻوليءَ جي سونهن کي ويتر اُجرو ڪري ٿي، گهڻ رُخو ٿاهي ٿي ۽ پکيءَ وانگي پَرَ ڪِنڌاري هوا جي لهرين ۾ اَلُوپُ ٿيو وڃي. ٻوليءَ جي انهيءَ ئي رُخَ تي Imagism جو پڙلاءُ اچي ٿو. Symbolism، Collage Technique، Surrealism، Impressionisn وغيره ان ئي خيال جي

پيداوار رهيا آهن؛ ۽ نهايت ئي روايتي مزاج جي شاعري ٻه انهيءَ رنگ سان ڇُهڻيل آهي، جنهن جي نتيجي ۾ شاعريءَ جو پاڪر وڏو ٿي ٿو پوي. جيڪڏهن ٻوليءَ ۾ اها اوڻ نه هجي ته جيڪر تخليق، نواڻ، ٻوليءَ جي واڌ ويجهه، تخيل جي اُڏار وغيره ممڪن نه ٿي سگهن. جن ليکڪن، خاص طرح شاعرن ان اوڻ جي شهرڳَ کي ڇُهيو، انهن ٻوليءَ جو پڙپانگ جهرڻن سان پري ڇڏيو، خيال جي اُڏار لئه جهرڪيءَ جي پرن ۾ بازَ جي سَگهه ڏئي ڇڏي، احساس جي بليڪ اينڊ وائٽ تصويرن ۾ سترنگي منظرَ اُڀي ڇڏيا! جن ٻه ٻوليءَ جي هجڻ نه بلڪ نه هجڻ واري رمزي جڳهه کي ووڙي لڌو، انهن ٻوليءَ جي ناتر جهڙي چالين کي ٻَلَ ڪان سَڪٽوڪري ڇڏيو.

ٻوليءَ جي انهيءَ خيال ڪان اڳتي وڌبو ته ڪيترائي اهڙا گهاٽيتا نظرن اڳيان ايندا جن جي پينگهن ۾ ٻوليءَ کي انسان ۽ انسان کي ٻوليءَ سدا جهولايو آهي. ٻولي ته هڪ ويس آهي ۽ ان ويس لئه پانت پانت جو سُٽُ يا پٽ پٽيهر ڪتب ايندو رهيو آهي؛ ان ويس جا وري ڪئين ويس آهن؛ چرخي اندر ڪيئي چرخا آهن؛ ڪئين ڍنگ آهن، ڪئين گلڪاريون، ڪئين رنگ آهن. ان ڏِس ۾، بين الاقوامي شاعريءَ جو اپياس ڪبو ته اسان آڏو وڏي ليکي ٻن قسمن جي شاعري ايندي: خارجي يا معروضي شاعري ۽ داخلي يا موضوعي شاعري. خارجي شاعريءَ جا ٻه قسم آهن: بيانيه (نيريٽِو) ۽ ڊرامائي. بيانيه شاعريءَ ۾ بيلَڊ (منظوم ڪهاڻي) ۽ ايپِڪ (بيانيه نظم، جيئن هومر جو ايليڊ ۽ اوڊيسي، ورجل جو اينيڊ وغيره) اچي وڃن ٿا. ٻين قسمن جهڙوڪ ماڪ ايپڪ، منظوم رومانوي شاعري وغيره کي جاٽي ٻُجهي نه ڇهيو ويو آهي، ڇو ته هتي مقصد شاعريءَ جي صنفن تي لکڻ نه پر خاڪو ڏيڻ آهي. ڊرامائي شاعريءَ ۾ غنائيه ڊرامو (ڊرامائي لِرڪ) ۽ ڊرامائي مونولاگ اچي وڃن ٿا.

اسان جي ٻوليءَ ۾ گهٽي پاڳي شاعري نه ئي بيانيه آهي ۽ نه ئي ڊرامائي. ڊرامائي شاعريءَ ۾ نه ئي غنائيه ڊرامو ٿو ملي ۽ نه ئي بظاهر ڪو ڊرامائي مونولاگ. باقي ڪجهه منظوم ڊراما ملن ٿا، جن ۾ شيخ اياز جا منظوم ڊراما (ٻگت سنگهه کي ڦاسي، دودي سومري جو موت، رني ڪوٽ جا ڌاڙيل) ٻه اچي وڃن ٿا. ڪجهه اهڙا ڪتاب منهنجي نظر مان گذريا آهن جن ۾ اياز جي انهن منظوم ڊرامن کي "اوپرا" لکيو ويو آهي، بلڪ هڪ

ڪتاب ۾ تہ شيڪسپيئر ۽ يوناني منظُوم ڊرامن کي بہ "اوپرا" چيو ويو آهي. ڪنهن منظوم ڊرامي کي "اوپرا" چوڻ بلڪل ائين آهي جيئن ڪنهن بيت کي "ٺُمري" چئجي. حقيقت ۾ ماسڪ Masque، بيلي Ballet، اوريٽوريو Oratorio، ميوزيڪل Musical، ڪينٽاٽا Cantata، اوپرا Opera وغيره موسيقيءَ جي صنفن جا نالا آهن، نہ ڪي شاعريءَ جا! ماسڪ 16 ۽ 17 صديءَ ۾ انگلينڊ ۾ مشهور هئا. اهي منظوم ڊراما هئا، جن ۾ ناچ ۽ موسيقي بنيادي هئا. اهي خاص طور تي درباري فن جو نمونو رهيا آهن. ماسڪ جو عروج 17هين صديءَ ۾ ئي ختم ٿي چڪو هئو، بدترين "انگلش سِوِل وار" (1642-1651) جي نتيجي ۾؛ بعد وارا ماسڪ ڪجھ ڪي چڱي ايترا اهم نہ رهيا آهن. بيلي، جيئن تہ نالي مان ظاهر آهي ناچ سان متعلق رهيو آهي پر هاڻوڪي بيلي ناچ ۾ مائم (اهو ڊرامو جنهن ۾ ڊائلاگ نہ هجن) ۽ اداڪاري بہ اچي وئي آهي. اهڙيءَ طرح اوريٽوريو بائبل مان کنيل ڪهاڻيءَ تي جوڙيل منظوم قصو هوندو آهي، جنهن ۾ آرڪيسٽرا ۽ ڳائڻ جو وڏو هٿ هوندو آهي. ميوزيڪل اهو منظوم ڊرامو آهي، جنهن کي گيتن ذريعي ٻُڌايو وڃي ۽ جنهن ۾ ناچ جو وڏو حصو هوندو آهي. ويجھڙائيءَ ۾ آيل هڪ هاليووڊ جي فلم لي مزغبل (لي مزريبل) ۽ مُولان غُويُ[1] (مُولن رائوج) ان جا مثال آهن. ڪينٽاٽا گهٽي ڀاڱي مذهبي ميوزيڪل آهن جن ۾ هڪڙو ئي ڳائڻو هوندو آهي. رهيو اوپرا تہ اهو هڪ ٿِيئٽَر (ناٽڪ منڊلي) تي ادا ڪرڻ جي موسيقيءَ جي اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ ڳائڻا (راڳي) ۽ موسيقار هڪ اهڙو ڊرامو ڳائي ادا ڪندا آهن، جنهن ۾ اداڪار هوندا آهن، "ميوزيڪل آنسامبل" (سازيندڙن جو گروپ) هوندو آهي، ڪاسٽيومز هوندا آهن ۽ هڪ (نثر وارو يا منظوم) "ٽيڪسٽ" يا ڊرامو هوندو آهي، جنهن کي "لبريٽو" چيو ويندو آهي. ان لبريٽو جي ليکڪ کي "لبريٽِسٽ" چيو ويندو آهي. هڪ اوپرا ۾ بہ اسڪرپٽ هوندا آهن: هڪ "ميوزيڪل شيٽ" يا ائن چئجي تہ موسيقيءَ جي نوٽيشن (راڳن ۽ سُرن جي سرگم؛ آروهيون، امروهيون؛ سُرن جا لاها چاڙها وغيره) هوندي آهي، جيڪو هڪ ڪتابڙو هوندو آهي جنهن ۾ ان

[1] هي لفظ فرانسيسي ٻوليءَ جو آهي، جنهن ۾ "يُ" جو آواز لفظ "ٽيليوِيَن" واري "ي" جهڙو آهي، جيڪو تقريبن اڌ "ذ" ۽ اڌ "ي" واري آوازن جو مرڪب آهي. هيءَ آواز سنڌي ٻوليءَ ۾ ناهي، ان ڪري مون "يُ" لکيو آهي.

اوپرا جي پوري موسيقيءَ جو اسڪرپٽ لکيل هوندو آهي ۽ ٻيو هوندو آهي لبريٽو جيڪو اوپرا جي ڪهاڻي ٻُڌائيندو آهي، گهڻو ڪري منظوم هوندو آهي. لبريٽو نه رڳو اوپرا لئه لکيو ويندو آهي پر متي ڄاڻايل مڙني صنفن لئه به لکيو ويندو آهي، جيئن ميوزيڪل، ڪينٽاٽا، اوريٽوريو وغيره. شاعريءَ سان تعلق رکندڙ شيءَ اوپرا نه پر لبريٽو آهي. دنيا جو پهريون اوپرا 1598 ۾ اٽليءَ جي شهر فلورنس ۾ ادا ڪيو ويو هئو، جنهن جو نالو هئو ڊَئفنِي. ان ڪانپوءِ ئي لبريٽو به وجود ۾ آيو. ان ڪان پهرين جيڪي به منظوم ڊراما هئا، اهي لبريٽو نه هئا، اهي گهڻي ڀاڱي اسپوڪن (ڳالهايا ويندڙ) منظوم ڊراما هئا، جيئن شيڪسپيئر جا منظوم ڊراما يا يونان جي ايسڪيلس، يوريپِيڊِيز، سافوڪ لِيز ۽ ايِرسٽو فنِيز جا لکيل منظوم ڊراما. ان ڪري هر منظوم ڊرامو لبريٽو به ناهي. جي منظوم ڊراما اياز لکيا آهن، اُهي لبريٽو آهن، نه ڪي اوپرا. ان ڏِس ۾ هو هڪ لبريٽسٽ هئو. اسان جي ٻوليءَ ۾ نه ئي ڪو موزارٽ پيدا ٿيو آهي، نه ئي ڪو باخ، بيٿووِن، ويگنر يا مونٽي وَردِي؛ ان ڪري اسان وٽ اوپرا به ڪڏهن نه ٿي سگهيا آهن. ها جنهن وقت اهڙي ڪنهن منظوم ڊرامي يا لبريٽو کي ڪنهن موسيقيءَ سان سينگاريو ويو ۽ اهو به بلڪل ان جي بنيادي گهاٽيتن کي سامهون رکي جيئن پوئتي بيان ڪيو ويو آهي، ته اهي ڊراما پوءِ اوپرا ٿي سگهن ٿا.

اسان جي شاعريءَ ۾ نه رڳو منظوم ۽ غنائيه ڊرامن، بلڪ بيانيه شاعريءَ جي به تمام اوڻ آهي. اسان ڏي اڃا تائين هومر جي اوڊيسي ۽ ايليڊ، وَرجِل جي اينيڊ، دانتي جي ڊوائن ڪاميڊي يا جان ملٽن جي پيراڊائز لاسٽ وغيره جهڙا نظم نه سرجيا آهن. البت اسان وٽ بيت شاعريءَ جو نهايت ئي نيارو نمونو رهيو آهي، جنهن کي اسان پنهنجي تخيل جي وسعت لئه ڏاڍي بهترين نموني استعمال ڪري سگهون ٿا. پر آءٌ صرف بيت جي صنف جي ڳالهه نه پيو ڪيان؛ بلڪ بيت جي صورت ۾ چيل داستان يا سُرَ جي ڳالهه پيو ڪيان، بلڪل ائين جئن لطيف يا ان ڪان اڳ وارن يا پونيرن جا سُرَ آهن: سُر راڻو، سُر سورٺ، سُر مارُئي وغيره. اهڙي نوعيت جي شاعري ٻوليءَ ۽ بيان کي وڏائي ويجهائي ٿي. اسان بيت جي داستانن کي ڳوپي لوپي بيانيه شاعريءَ جي ذمري ۾ آڻي سگهون ٿا، ڇاڪاڻ ته اهي به خارجي شاعريءَ جو مثال آهن، اها هڪ ٻي ڳالهه آهي ته

سنڌي شاعريءَ جو هيءُ نمونو بنهه ئي مختلف آهي ۽ عالمي شاعريءَ جي گهاڙيٽن ۾ نہ ٺو ماپي. پر ان اندر جا موسيقي ۽ خيال جي اظهار لئہ وسعت آهي، سا گهٽي ئي شاعريءَ جي گهاڙيٽن ۾ ناهي. اگر رڳو علم عروض سان ئي پيٽا ڪجي تہ فرق محسوس ٿيندو. عروض جي موسيقي چن چن چن چن يا چنن چنن چنن چنن يا چن چنن چن، چن چنن چن يا چنن چناچن چنن چناچن، وغيره يعني ڏڪ ڏڪ ڏڪ ڏڪ واري تبلي جي ڏمڪ ۽ هارمونيم جي وڄت واري آهي. بيت جي موسيقي جهرڻي جي آواز جهڙي آهي جيڪو پاڻيءَ وانگي جبلن مان ڪرندو پٿرن سان ٽڪرائجي هوري هوري، وري تيزيءَ سان، وري ڏيرج سان پنهنجي جاءِ ٺاهيو، ڪڏهن ڪڙڪي سان، ڪڏهن ميناڄ سان پيو گذرندو، جيڪو تندن واري سازن، جهڙوڪ، وينا يا ستار ۾ بہ ملندو تہ وري بانسريءَ جي آلاپ ۾ بہ! انهيءَ موسيقيءَ واري پيٽا ڪي نظر ۾ رکبو تہ خيال جي وسعت جو اندازو ڪري سگهبو.

ٻئي قسم جي شاعري آهي غنائيہ يا لِريڪَل؛ اها موضوعي شاعري جي زمري ۾ اچي ٿي. ان تي لِريڪَل شاعريءَ جو نالو ان ڪري پيو، جو يوناني اهڙي قسم جي شاعريءَ کي "لائِر" سازَ تي ڳائيندا هُيا. اها شاعري ننڍن نظمن يا گيتن تي ٻڌل هوندي آهي ۽ سولائيءَ سان ڳائي سگهبي آهي. بين الاقوامي سطح تي ان شاعريءَ جي قسمن ۾ "اوڊ"، "ايلِجِي" ۽ "سانيٽ" اچي وڃن ٿا. اسان جي خطي جي حساب سان ان ۾ غزل، گيت، وائي، نظم وغيره ڳڻي سگهجن ٿا. ان شاعريءَ سان پوريءَ ڪائنات جو ادب پريو پيو آهي، پر اسان جي شاعري تہ آهي ئي غنائيہ، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي ڪو منظوم قصو، منظوم ڊرامو يا بيانيہ شاعري جو رنگ بہ ملي وڃي ٿو.

هن مجموعي ۾ "مومل" جي بيتن کي خارجي شاعريءَ ۾ ڳڻي سگهجي ٿو؛ باقي، نثري نظمن کي هٽائي ڪري، تقريبن پوري شاعري بين الاقوامي گهاڙيٽن جي حساب سان غنائيہ شاعري آهي، پوءِ اُهو غزل هجي، نظم هجي، آزاد نظم هجي، وائي هجي يا گيت.

(3)

باپِيھل، باپِيھو، پَپِيھو، مِينھَڙُ، مِينھَل يا تاڙو انھن پکين مان آهي جن جو نالو ذهن ۾ ايندي ئي منهنجو من سنڌ جي مٽيءَ ڏانھن ڇڪبو ويندو آهي. ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ تاڙي جي تُند تنوار تي ڪڪرن منجھ وِڄن وراڪا ڪري جھڙ ۾ پَرُوڙ ٿاهي اُن مان نرمل مينھن ڪٽين کي ڇاٽي، سنڌ جي مِٽيءَ مٿان ورسايو آهي ۽ مِٽيءَ انھن ڪٽين کي پنھنجي سڳنڌ ڏئي وايو منڊل کي واسي ڇڏيو آهي. هيءَ اُها لڳن آهي، جنھن جو ڪو نانءُ ناهي. هيءَ لڳن تاڙي پکيءَ مان اُٿندي منھنجي روح مان ٿيندي هن مٽيءَ جي واسَ سان گڏوگڏ پُون جي تند تند مان گذرندي ڪائنات جي ڪُک ۾ ڪنھن هُوڙي ڪانَ جيان کپيو ٿي وڃي.

اِها لڳن، اِها هُبڪار، شايد ان ڪري بہ هجي تہ تاڙي جي تنوار اُڃ جو نانءُ آهي، سِڪ ۽ ڇڪ جو نانءُ آهي، وڪرائيءَ، قوڙائي جو نانءُ آهي، وصل، ميلاپ جو نانءُ آهي، پاٽي، يعني جندڙيءَ جو نانءُ آهي، تازگي، رنگن، پوٽن، گلڙن، پکين جي ولرن جي چون چون، تلين، ترائين، ڍرن جو ساوڪ سان پرجڻ جو نانءُ آهي، ملير جو نانءُ آهي، مارئيءَ جي حب جو نانءُ آهي، ٿر جي پوٽن، پِٽن جو نانءُ آهي، ان پڪار جو نانءُ آهي جيڪا هيءَ ڌرتي ورهين کان ڪري رهي آهي پنھنجي وجود جي گھڙيل خالن کي پرڻ لئہ جيڪي وقت جي وائن سان سِنجري پيا آهن.

ڪري وٺ پيار دل کولي! نہ باپِيھل وري بولي.
گھڙي جا وئي رمي، ’سائرُ‘ گھڙي پوءِ سا وَسي ناهي.

—

ڪٿي ڪالداس ۽ ڪٿي پريتما!
شَڪنتل اڌوري اڌوري اڃا!
وَراڪا ڪري وِڄّ وانگي اچي،
ڪڏھن مور وانگي پِٽن تي نچي،
ڪڏھن مِينھڻن جيئن چانگارَ ۾...

—

ڪويلَ ڪُوڪُو، ڳيري ڳھُو، ٻاٻِيھَل ٻَروڙَ،
پاڻيءَ جهُر جهُر، نارن ڀُونڙِ، روجهن ڏوڙَ ئي ڏوڙَ،
پانڌياڻيءَ ڀَھوڙَ، راڻي جا ورلاپ ٿيا!

ـــ

مِينهن ڄَرڪي تانگهه ۾؛ تئن ٿي مان ڄَرڪان!
هاڻ مان ڪو نہ ٻچان!

ـــ

ڇَتونءَ جي چانگار، لاءِ، تاڙي تند تنوارَ!

ـــ

ڪپار آ سج، ٻَري رڻ پٽ، نہ ڪو بادل، نہ ڪو آسرو؛
سڙي ويا پَرَ، ڇِڄن ڪنيڙا، مگر مِينهل ڇڏي ناهي!

ـــ

آشا، جڏهين مِينهن ور چانگاريندا!
ويرو تارُ اُڪنديو ٿر ٻر جاڳي ٿو!

هيءَ ٻاٻيهل جي ٻروڙ رڳو پکيءَ جي جهونگار ناهي، هيءَ زندگيءَ جي رڙ آهي؛ ڪا صدا آهي، ڪو ورلاپُ آهي، ڪا ڪُوڪ آهي، جيڪا سنڌ جي مٽيءَ مان ٻہ اُٿي ٿي ۽ تيئن ئي هن مجموعي جي هڪ هڪ سِٽَ مان؛ پوءِ اُها سِٽَ ڪينجهر تي چيل هجي يا ڪنهن پراڻي ڀِنَ، ٿَرڙَ، ڀِدَ، ماڳَ، ڪنهن قصي يا سمبارا جهڙي ڪردار سان منسوب ٿيل هجي! ڏسڻو اهو آهي تہ ٻاٻيهل جي هيءَ ٻروڙ وقت جي ڪُڪ تي وڃي يا وايومنڊل ۾ ڪتوريءَ جيان ڪيپ ڪندي، وقت جي ساهہ سان هڪ ٿي اَلُوپُ ٿي ٿي وڃي.

**مزمل سائر**
ڪراچي، سنڌ
2 آگسٽ، 2014
http://www.msyre.com

# مومل

# (بيت – وائيون)

مومل ڏنو ڪاڪ کي پنهنجو واسُ، وَرَن
چوڏس پُون چَندَن، مَحلُ، لُڏاٽو موج ۾

# مومل (بيت)

## [1]

مومل ماڙيءَ[1] ور اُتو سانوڻ ويرون تارُ؛
اڄ بہ تہ ڪارونڀارُ، اڄ بہ نہ مومل، ميندرو.

ناتر، سومل، ناهہ ڪو، ڪندرِ ڪِنجهي ڪاڪَ؛
جوڳي ناهن ٿاڪَ، اڄ بہ نہ مومل، ميندرو.

ورهئہ گذريا، ڪاڪ اڄ اُٿ نہ چندن ٻَن؛
ناتر، ٻانهيون، پينرون، مور نہ ڊيل نہ ٻَن؛
ڪنهن ڪنهن ويلي مَن ساري مومل، ميندرو.

## [2]

آءٌ تہ تنهنجي ڪاڪَ، مومل، تو، مون ڪي ڇڏيو!
پل ڏي مون جُڳهَ، چاڪَ، پل نِڪري جئن ٿوڙ مون!

مومل ڏنو ڪاڪ کي پنهنجو واسُ، وَرَن؛
چوڏس پُون چَندَن، محلُ، لُڊاڻو موج ۾.

[1] مومل جي ماڙي: هيءُ ڪندر گهوٽڪيءَ جي ميرپورماٿيلي تعلقي ۾ موجود آهي. هيءُ مومل جي ٿهرايل عمارت هُئي، جيڪا هاڻي هڪ پَڊِ جي صورت ۾ آهي. باقي رهيو ڪاڪ محل، اهو انديا جي جيسلمير جي علائقي ۾ لُڊاڻي يا لُڊورو شهر ۾ هڪ نئن پرسان واقع آهي. ڪجھ ڪتاب مومل جي ماڙيءَ کي ڪاڪ محل سان ڳنڍين ٿا. ان حساب سان ڪاڪ محل ئي مومل جي ماڙي بڻجي پوي ٿو.

ٽِلڪِي مومل تَڙَ وئي، چِينجھِڙ و[1] چاندياڻِ،
لڳ لڳ پَدِمَڻِ[2] ائن ٻَريو تَنُ جڻ ڏِيَڙن ڪاڻِ،
جا ٻہ ٽِري تي ڪاڪ ۾ ٻُڏندي وئي ڪاراڻِ،
جي ٻہ سُمهيا تي جيئڙا سي نہ سُتا تي هاڻِ،
نيٽن، هينئڙن جيئڙن، مومل تَنَ آلاڻِ،
'سائرُ' اَچّ، اَچاڻِ، چوڏس جهلڪا، روشني!

مان ڪويل سِرَ، ساهہ جي، ڪوڪون ڪاتيءَ ڌارَ،
مان چنبيليءَ چَنگ تِي تاڻيان سُرَهي تارَ،
مان گلڙن جو واس، مان ڪندين سان تلوارَ،
مان چِڪيائُن آڳَ، مان اَنگهَن، ڪاتين آرَ،
مان تارن جي سيج، مون واڳون ڪاروناپارَ،
مان ساموندن سِيرِ، مان ٻَر پَٽ، مون وٽڪارَ،
مون جوڙيو آ ڪاڪ کي، مون ڪارڻ سنسارَ،
جو ٻہ اچي هن پارَ، گهوري پهرين جندڙي!

اَنگهنِ ڪُوڪارا مارِيئَڙن جي ڪاڪ ۾،
مئلن لئہ هِن ماڳ ۾ چا جا اوسارا!؟
پوءِ ٻہ 'سائرُ' پرهہ مان جوڳين اُمارا،
عاشق ويچارا اُسرن اَنگهَنِ آرَ لئہ.

مارئڙن جي ڪاڪ ۾ اَنگهَن جون آهُون،
ريٽيون، 'سائرُ' رَتّ رَتِ پروانن راهُون،

---

[1] چِينجھڙو: سنهڙو، نازڪ، نهولڙو (بدن)؛ سُهڻو؛ وٽندڙ

[2] پَدمَڻِ: ('پدمڻي' جي بدليل صورت) ڪنول جي گُلَ جهڙِي نازُڪ عورت؛ نازڪ ۽ خوبصورت عورت؛ آير ويدڪ اصطلاح ۾ عورت جي چئن قسمن مان هڪ بلڪہ بهترين قسم (پدمڻي، چترڻي، سنکڻي ۽ هستڻي).

جوڳين جون ڪاھُون پوءِ بہ تہ مئلن ماڳَ ڏي.

دونھون دُکي ڏاگھہَ[1] ڏاگھہَ، مَجُوسِي سَڙَن،
’سائرُ‘ چکيائون تہ ڏِس اُت پريم پوڄارَنِ؛
پوءِ بہ پتنگ وَرَن، ڪاڪ اَڳن ڏي، اٽجھليا.

دونھون دُکي ڏاگھہَ ڏاگھہَ، چکيائون چوڌارُ،
پريم پوڄارا سَڙَن، ڪو بہ نہ موٽي يارُ،
پوءِ پڻ ويرون تارُ، عاشق اُسرن ڪاڪ ڏي.

دونھون دُکي ڏاگھہَ ڏاگھہَ، چکيائون چوقيرُ؛
ناتر، ڏِس، ور ڪيرُ، ديوانو ھن ديس ۾!

ڪھڙو جُنگ جوانُ جنميو آ ھن جُوءِ ۾؟
ڪنھنجو ھُوڙو[2] ڪانُ گھائي وينو ڪاڪ ڪي؟

ڪھڙي باناقاڙ[3]، ماريئڙن ڏي ڪاھ ڪئي؟
ھھڙي اَرتِي ڳاڙ! ڪنھن باناريو[4] ڪاڪ ڪي؟

ڪيئي ڪُنا ڪاڪ ۾ ڪيئي اَنگھَنِ پيا،
پر ھھڙا تہ نہ ٿِيا جن واڍوڙيو ڪاڪ ڪي!

---

[1] ڏاگھہَ: چکيا؛ چتا؛ باھ جو مچُ. مومل راڻي جي قصي ۾ شاعرن انگھن جو ذڪر ضرور ڪيو آھي، پر مون چکيا ڪي بہ آندو آھي، اھا چکيا جنھن ۾ مجوسي (باھ جي پوڄا ڪندڙ) يعني عاشق بہ سڙن ٿا.

[2] ھُوڙو: شرط پُڄائيندڙ (راڻو بہ ھتي ھڪ طرح سان شرط پُڄائي رھيو آھي)؛ اُبھرو؛ ھوڏي؛ ضدي.

[3] باناقاڙ: دلير؛ بھادر؛ ڏاڍو مُڙس؛ چالاڪ؛ رڪ رڪان نہ ڪندڙ؛ پِنَ ڪي قاڙي نڪري ويندڙ مڇي.

[4] بانارَڻ: واڍوڙڻ؛ ڪاتيءَ سان گوشت جا ننڍا ننڍا ٽُڪرا ڪرڻ

ڪيئي مُئا ڪاڪ ۾ ڪيئي ڏاگهُن پيا،
پر هھڙا تہ نہ ٿيا جن پڇرايو ڪاڪ کي!

ناتر، تنهنجا ناٺَ[1]، ڪئن ٿيا اهڙا بي اثر؟
راڻي جِي هڪ ڪاٺَ، تو کي جڻ ڏاهي وڌو!

جَنين مومل موهُہ، تَنين اَنگهہَ ۾ آڳ ڇا!؟
تَن هڪڙو اَندوهُہ، مومل رِي ڪئن موٽندا!

جَنين مومل موهُہ، تَنين ناتر ڇا ڪندي!؟
تَن ڇا باھہ ۾ لوهُہ، تَن ڇا موت ۾ جندڙي!

ناتر چاليون وئي پُلِي ڏِسي راڻي رُوءِ،
راڻي ۾ خوشبُوءِ مومل جي احساس جِي!

ناترا تون نِرچَل[2]، تو ڇا پرک پريتڙي!
جَن جا من گهايَل، تَن کي اَنگهہَ نہ آڳ جِي!

ناتر وِسُوڙَ ل[3]، هاءِ، نہ پروڙيو پريت کي!
نہ تہ هُن اهڙي جهَل، وارُ نہ ڏي ها مينڌري!

مَٽيا، مَٽڪا، مالائون، گهٽا ڳَتا، رُوپُ،
ٿِي ويا سڀ اَلُوپُ[4]، آڏو سانول رُوءِ، لا!

---

1 ناٺُ: بازي، اَٽڪَلَ، وڪڙ، نٽاءُ، گُساءُ.
2 نرچَل: سِڌِي سادي (ناتر تہ بلڪل بہ سڌي سادي نہ هئي، پر هتي راڻي سان پيٽجي پئي، مٿان وري مومل پريتڙي جو ذڪر ڪري ناتر کي ويتر نرچل ڪري ٿي ڇڏي).
3 وسوڙل: نرچل، موڳو يا موڳي، نادان
4 اَلوپُ: لڪل، ڳجهو، گُم، غائب، گُپت

ڍَڳَ ڏَٽِي، تون راءُ، ڏُوڄُ[1]، تون ئي مومل گهوٽُ،
ور ور مون ڏي موٽُ، ور ور توتان واريان.

مُـــندرا[2] نہ لاهيان، چَڱ چَڱ واسيان ڳَچ؛
عنبر مَڙهي انگ مان ڪو نہ ٿيان ٿي هَچ؛
لِڱُ لِڱُ منهنجو، سَچ! موتِي ڇُهندو ميندرو.

لُون لُون ٽِي ڪاندارجي، سوچي هِي، سومَلَ!
لَڄّ نہ ايندي مون جڏهن انگ ڇهيو سانوَلَ؟
اندر من جو ڪِينَرو ڪنبي ٿو پَلَ پَلَ؛
هئہ، ڙِي، نينهن اُڇَلّ! هاءِ، ڙِي، منهنجو ميندرو!

جَهل هيءَ لُڇي آرسي، هيءَ نہ ٻَڌي ٽِڪ؛
هٿڙا ڪنبن هانوَ جئن، ڇا تہ سَٽيو آ ڇِڪ!
لِڱُ بہ لَرزي؛ ڪاڪ، پُونءِ؛ ناترا هيءَ نہ هِڪ؛
الاّ! سانوَلَ سِڪ، جهوري ڪاڪَ، جهانُ، مون.

مومل، راڻي هنجهہ ۾، آئي انگَ اَويسُ؛
راڻو اوڍَرَ، ويسُ، باقي سڀ ڪجهہ ڏوڙ آ.

نِيل ڪَنٺ[3] آ موج ۾، ڇا تہ ڪري ٿو ناچُ!
دِيلَ بہ جڻ تہ ڪُماچُ[4]، تُند ٻُري ٿِي موهہ ۾!

---

1 ڏُوڄُ: اڳواڻ؛ ڌڻي؛ اختياروارو
2 مُندِرا: مُدرا؛ ڪَنَ جون واليون؛ ڪُنڍَلُ
3 نيل ڪنٺ: مورُ پکي؛ طائوس
4 ڪُماچُ: ڪِينري يا سُرندي جهڙي سازَ جو هڪ قسم

آبَسُ[1] ۽ آبِيسُ[2] ، مومل منهنڙي، تو ڪري؛
تون ئي مُندَ لَبِيسُ[3] ، تون ئي اوڍَڻُ، ميندرا!

## [3]

ناتر، نندُ رتول ۾ ڪو نہ اچي ڪنهن ساهَ؛
جنهن ڏي جِيءُ، پَساهَ، جَرڪي وينو جاڳ ۾.

ناتر، نندُ رتول ۾ چو تہ اچي ڪنهن ساهَ؟
هر ڪنهن جِيءُ، پَساهَ، هر ڪو جَرڪي جاڳ ۾.

ياد پَيو آ انگ ڪي، سانولَ هٿ، چُهاءُ،
ساموندُن جو واءُ، ڏاٿيءَ وانگي آچمي[4] .

راٽا، سانوَلَ، ميندرا، سوڍَلَ، منهنجا راوَ،
جيڏا تارا اُڀ ۾، تيڏا تنهنجا نانوَ،
اُهري[5] تنهنجي سَمنڊ ۾ منهنجي من جي ناوَ،
ٽيپو ٽيپو رَت جو پُوٽي تو لئہ هانوَ،
تن ڪي چا جا پاوَ، جن جو جيئڻ تو ڪري!

اوڍَڻ[6] لاهي اونَ جا، آجو ڪيم مَن؛
پوءِ بہ وَيو جويَن، پِگهري پِگهري تانگهہ ۾.

1 آبَسُ: مُنهن جي رونق؛ مُنهن جو پاڻي؛ شرم؛ حياءُ
2 آبِيسُ: چاهُ، خوشي؛ ميلان؛ سخت محبت، جنون
3 لَبِيسُ: لباسُ؛ پوشاڪَ؛ وڳو
4 آچِمَڻ: چپن ۾ ڳالهائڻ؛ چپن سان چُوسڻ. هڪ ٻيو لفظ آهي - آچَمَڻُ - معنيٰ هدف يا نشان ڏانهن جُوهہ ڪري ڏسڻ؛ نشانو ڪرڻ
5 اُهرڻ: جهاز يا ٻيڙيءَ جو هلڻ
6 اوڍَڻُ: مٿي ڪي ڍڪڻ جو ڪپڙو؛ اوڍڻي؛ پردو؛ ڍَڪُ؛ ڍَڪَڻَ جي چادر

چوڏَس ميگھ ملھارَ، ڪِوڙيون ڪڙڪن ڪاڪ تي،
پورب پاتي آ چپن، سُرَ سُرَ جي جھنڪارَ؛
سانوَلَ، تنھنجي سارَ، آگَمُ[1] اڄ بہ نہ آئُڙي.

ڇَتونءَ جي چانگار آ، تاڙي تُند تَنوارَ؛
گونر و[2] گم آ گوڙَ[3] ۾، ڪَرھي ٻڙھڪا[4] ڌارَ؛
ٻَرھڙ و[5] ٻولي ڍندي تي، ڪويَلَ گونجَ ديارَ؛
بازن سُرپُر ٻَڙَ متي، مور مگن جھُونگارَ؛
واھُوند ن[6] جو ونگ آ، تَدڙي ھيرَ، ٻَھارَ؛
پُٺُ پُٺُ وَٺَ وَٺَ ۾، اَلا، آسَرُ آ وَسڪارَ؛
ڳِيچَ نڙيءَ ۾ تا پُٽن، ڳايان ڪيئن تہ، يارَ!
سانوَلَ، تو نہ مَيارَ، مُندَ نہ منھنجي تو بنا.

رُتِ آئي آ، ميندرا، وِرُونھہَ[7] ڪرڻ جي، وَرا!
ميگھن جي ھن مَندَ ۾، وڃَ جيئن پاڪر پَرا!
پانھنجو مون کي ڪَر، راھ تڪيان تِي، ترت آ.

ڪِوڙيون ڪڙڪن ڪاڪ تي، اُپ وڏي آڪَڙ؛
پنچيئڙا لامُن لِڪن، ڪا بہ نہ تي ڦَڙ ڦَڙ؛
پالَرَ پَلٽن جھَڪ سان جھَڙ جھَڙ جھَڙ جھَڙ؛

---

1 آگَمُ: ڪڪرن جي مِڙي اچڻ جي حالت؛ جھُڙُ؛ ملار؛ مينھوڳي
2 گونرو: ڪنواٺُ؛ ننڍو اُٺ؛ پانگَڙُ
3 گوڙَ: آوازُ (اُٺ جي مستيءَ ۾)
4 ٻڙھڪو: اُٺَ جي ھلڻ جو آوازُ
5 ٻَرھڙو: ڍانڊي پکيءَ جو ھڪ قسم؛ ھڪ قسم جو ٻگھ (جنھن جي پڇ وٽان نڪتل نرم کنڀ ولايت وارا ٽوپلن وغيره ۾ سينگار لاءِ ڪم آڻين)
6 واھُوندو: اولھ ڏکڻ جو واءُ جيڪو سياري جي پُڇاڙيءَ تي لڳي؛ اونھاري جي موسم جي شروعات
7 وِرُونھہَ: حال اورڻ؛ قرب ونڊڻ؛ ڳجھہ، راز؛ قرب؛ ڇڪَ؛ رھاڻ

وَڻُ وَڻُ ڏُوٽي واءُ، تي ڏَڙ ڏَڙ ڏَڙ ڏَڙ ڏَڙ؛
ٿانوَ اڳڻ ۾ پيا ٿِڙن کَڙ کَڙ کَڙ کَڙ کَڙ؛
وارُ ڪري ور وڏُ ڦڙو ڌَرَ ڌَرَ ڪَڙ ڪَڙ ڪَڙ؛
آب وهي ٿو نار مان پَٽ مٿي چَڙ چَڙ؛
وهندو وهندو ٿو وڃي غَڙ غَڙ غَڙ غَڙ غَڙ؛
ناتر چانگن سان ڇڏي بي رُت جي بَڙ بَڙ؛
هاڻ تہ واڍي جي بہ وئي مَنجين تي گهَڙ گهَڙ؛
سانوڻ جي سَڙ سَڙ، تو بن تِرُ بہ نہ آئُڙي!

وِچ وَراڪا ڪاڪ تي، سُر سُر ٿيو سانوَڻ؛
پُورَبُ، پَڇمُ ڪِينَرا[1]، ميگھ ميگھ چارَڻ[2]؛
پيرُون، آسا، پيرِوي[3]، بوندون سُرَ سُرَ ڪَڻ؛
ڌَرتيءَ ڇيرون ڇن ڇنن آيون مَنَ ياوَڻ؛
لامون، ٽاريون، ڏارَ، ٽُڙَ، وجيو وڃي هر وَڻ؛
گهنن گهنن جي گونج ۾ بوند بوند هَڻ ڪَڻ[4]؛
سومل، ڪيڏو جيءُ جَلي، وو، ڏاتيءَ ڪارَڻ!
پَل پَل ٿيو راوَڻ، راڻو جي هِت ناهہ، ڙِي!

چاڄِي پُڻ پُڻ ڪاڪ ۾؟ آهِ وريو سوڍَل؟
هاءِ، پَسي سانوَل، ساهہ نہ رهندو ساهَہ ۾!

تو بن، راڻا، ڪئن ڪري سومل چانگارا[5]؟
هوءَ جڻ رڻ جي راڄَ ۾ ڪا وڇڙيل ڏارا؛

[1] ڪِينَرو: سُرندو؛ هڪ سازُ؛ ڪِينَرُ
[2] چارَڻُ: ڳائڻو فقير؛ مڱڻهار؛ منگتو؛ سازُ وڄائيندڙ
[3] پيرُون، آسا، پيرِوي: راڳن جا نالا
[4] هَڻُ ڪَڻُ: نانگ جو هڪ قسم
[5] چانگارو: چانگرو؛ نخرو؛ ماڻُو؛ انگل؛ ٽانءِ

ڪونهي تنهنجو ڪو پتو، پوءِ پڻ آسارا؛
ڪاڪ محل وارا، تو لئہ تڙپن؛ آءٌ، ڙي!

موملَ، ڪِيهون[1] ڪَٿُن تان ور ور ويٺي لاهِ!
گُلَ ڦلَ ٻوٽا چانگِ، پوءِ ور ڦلواڙيءَ ناهِ!
ڪَٿُوريون[2] ڪَٿُن، اَگَـر[3]، ڪمرن لئہ تون ساهِ!
دَرَ دَرَ واسائي، وري، پِٽ پِٽ ڏي تون ڪاهِ!
خوشبوءَ ساڻ نِباهِ، راڻو ورڻو آهہ، ڙِي!

راڻا، سُکَ جا ڏينهڙا موٽن شالَ، پِرين!
سوڍَلَ، ور تون ساهہ تي پونري وانگِ پِرين!
ڪڙڪي ساڻ ڪِرين مينهڙو ٻڄي مُندَ تي.

ڊيلَ وساري ٿورَ ڪيئن ڊڪي ٿي تانگهہ ۾!
جڻ تہ نہ ورندو ماڳَ ڏي، لَڄ نہ ايندي مورَ!
ڪنيڙا پورَ پورَ؛ ڪاڪ سموري ڊيلَ آ.

هَاءِ، ڙِي! مَحَلَ بسترا، جڻ ڪي اَجگَر، سَپ!
مُور نہ جهتيان جهَپ، پر ڪيسين، او ميندرا!؟

اَرڪَ[4] اٿن ٿا اُپ مان، مِينهَن، منجهان ٻاٿَ،
پر مون لئہ تون لاٿَ، تون ئي مون لئہ مينهڙو!

---

1 ڪِيهہَ: ڪِهہَ؛ دَزَ؛ مِٽِي

2 ڪٿوري: مِرگهہَ (هَرَڻَ) جي دُنَ مان نڪتل خوشبودار شيءِ؛ مشڪ؛ ڪستوري

3 اَگَرُ: هڪ قسم جو خوشبودار ڪاٺ، عُودُ. انهيءَ ئي وَڻَ مان اگربتيون بہ ٺاهيون وينديون آهن. چندن ڪان علاوه اُنَ جي بهترين غذائن مان هڪ.

4 اَرڪُ: شعاع؛ ڪرڻو؛ سِجُ؛ ساراههَ؛ گيت؛ ڳائڻو؛ راڳيندڙ

نانگ سُجهي مون چَندُ، چانڊوڪي وِهُ ٿي وئي،
راتڙا، ڏُکيو ڏَنڍُ، وِڪرائِيءَ[1] جو وئين رَکي.

اَرَڪِ[2] آهي هانءُ، پَڇّي پَڇَري هر پَلڪ،
جيسين لَبَ تو نانءُ، شايد تيسين زندگي!

ڪو بہ نہ راڻي رُوءِ ٿيو، ڪريان ڪيئن وِرُونهہَ!
آساري آ سُونهہَ، مومل، ڪاڪ، لڊاڻي جي!

آءُ بہ، ڊاڻِي، ڪاڪ ڏي، وٺيان وِرهہَ[3] وِرُونهہَ،
تو بن ڪهڙي سُونهہَ؟ تو بن ڪهڙي جندڙي!؟

ساڳيو پنهنجو ساهُ، اڃ، وَٺيون وِرهہَ وِرُونهہَ!
مون ۾ تنهنجي سُونهہَ، تو ۾ منهنجو پريتڙو!

اکين آڳَ، اَروٽَ[4]، تِرُ نہ وڻي مون جندڙي؛
تُرت وري آ، گهوٽَ! رَت رُئان ٿي؛ آءُ، ڙي!

تَڙَ تي اُپَت پُڙَ، پُڙيون، پل پل واسِج بَنُ؛
گُلَ گُلَ جند چِڪي چِڪي، چُوهِج واسُ، وَرَن؛
چنبيليءَ جي چَسَ ڏِڄ، مهڪي مهڪي تَن؛
ويسُ اَگَرَ سين واسُ؛ پَر، چوٽين ۾ چَندَنُ؛
ساري جنهن تو مَن، آيو آيو مينڌرو.

---

1 وِڪرائِي: جُدائي؛ آزادي؛ اُڇاٽَ
2 اَرَڪِ: نہ سنڀالڻ جهڙو؛ قبضي کان ٻاهر
3 وِرهُ: جُدائي؛ وڇوڙو؛ فراق؛ هجر؛ برهہ
4 اَروٽَ: (اکين جو) انتظار؛ اوڪاسَ؛ اوسيڙو؛ سِڪَ واري نگاهہَ: اوجاڳو

پِنجَرَ [1] پارِي، نيڻَ جَل، آتَمَ اتم آڳَ؛
تَن آ پوههُ، مٿان ور مَنَ، اوسيڙي جا راڳَ؛
راٺا، واري واڳَ، هاڻ نه موٽِج ڪاڪ ڏي!

پُر ٽيندو پولارُ [2]، موٽيو جنهن پل ميندرو؛
ڪولي رَک دِلِ دُوارُ، اُپٽي رک اَڪِ جون دريون.

آءٌ اُڪَندِي، ميندرا، اڄ مون ڪي ڳَرِ لاءِ،
راٺا، منهنجا پريتڻا، هئہ، ٻانهون ڦَهلاءِ،
اهڙو ياڪر پاءِ، وڇڙي وڇڙون ڪينڪي!

گهُٽو لڳو آ هانوَ کي، ڇو موٽيو ناهي!؟
سپ گهَنگهَر آهي، راٽي ٻن هن جُوءِ ۾.

## [4]

ڪاڪئون ڪنءَ ويو ڇُپ ۾؟ ڇو نہ وريو رانوَل؟
پينرا! مون وَرناءِ تون، تَندُنِ ناهي ٻَل!
مومل، ڪاڪ مَحَل، پِگهرن وينا ميڻَ جئن!

ڇو نہ وريو سوڍَل؟ ڪاڪئون ڪئن ويو ماٺ ۾؟
ساھ تہ جڻ جَلُ ٿَل، آهي، ناهي، ڪئن چوان!؟

ڪامَ ڇڏي ويو ڪاڪ ۾، ڇو نہ رُسيو رانوَل؟
ڪجھ تہ چوي ها ميندرو، ڪجھ ہ پڇي ها پَل!
زَهَرَ پريو بادَل، هاڻ پيو وَسندو ڏَٽَ تي!

[1] پِنجَرَ: اک جون پنبڙيون
[2] پولارُ: آوَڪاشُ؛ خلا؛ زمين ۽ آسمان جو درمياني فاصلو

ڪامَ ڇڏيئي ڇو ڪاڪ ۾، ڇو نہ اٿاريئي مون؟
ڏوھ ڪيم، پر تون، ائن نہ وڃين ھا، مينڌرا!

ڪامَ ڇڏي ويو ڪاڪ ۾، ڇو نہ وريو راڻو؟
ھونئن تہ ھو ڳاڻو، سومَلَ، منھنجو سوڍڙو.

ڪامَ ڪَکي ٿِي ڪاڪ کي، پل پل ڏَنگَ، زَھَرَ؛
نند، نہ آھ ڳَھَرَ، ڪاڪ اُجھي ٿِي، آءُ، ڙي!

ٿِتر ڪِيتِي[1] ڪيت ۾، ڪويل ٻَڙَ جي لامَ،
مِينھَڻ ماندِي منگھ تي، چوڏسِ چِين چِين جامَ،
سانوَڻَ ککرين پوءِ بہ ھئي، ڏُوران ڏور اڏامَ،
پر راڻا، تو ڪامَ، مومل کي ماري وڌو.

ڪامَ ڪَکي ٿِي ڪاڪ کي، ٻڄي ڪارِيھَرُ!
ڪوني ڪوني تي ڏَري، راڙن ۾ دَرُ دَرُ؛
مِرگھہَ تہ ٿا ڪرندا وتن، ٿُرنگن[2] گھورئو ٿرُ؛
مورَ بہ ٿا مرندا وڃن، پَنکَ، نہ پارِيھَرُ؛
ٿَرُ بہ زھر ٿيو، ور مٺان، ڪو نہ بچيو آ جَرُ؛
موٺي آءُ، ڙي، گھَرُ، راڻا، تو بن موتُ آ.

راڻا، نيڻَ تہ جھانوِرا[3]، مَنَ سان ڇو نہ پَسيئي؟
مومل جاڙ ڪيئي، سومل سمجھي ڪانڌ، الا!

---

[1] ڪِيتَڻُ: مادِي تتر پکيءَ جو ٻولڻ
[2] ٿُرَنگُ: پلو گھوڙو
[3] جھانوِرو: اکين کان گھٽ ڏسندڙ؛ گھٽ نظر وارو

راڻا، نيڻَ ته جهانوِرا، ڇو نه ڪئي تو پَڪ؟
دل نه هنيا تو ڇَڪ، ڪامَ ڇڏيئي ڪئن پرينءَ ڙا؟

عشق نه ايئن ڪري، جئن تو مومل گهائِيو!
راڻا، پنڌ پري، تون ته اجا آيامِڙو[1] !

تون ته اجا آيامِڙو، جَرَ جِي تو ۾ اُوڻِ[2] !
وَهمَنِ مَنَ تو پُوڻِ[3]، عشق نه اُڇَهي تَندَ تو.

مَپُ نه توڪي، ميندرا، عِشقُ نه پالي شَڪ!
تو ته ڪئي ٻه نه پَڪ، تون ته اجا آيامِڙو!

پوري شَڪ، گُمانَ، گهاتُو، گهِڙ پوءِ گهيڙَ ۾،
محبت ماڳَ، مڪانَ، وَهمَ مَتاهان، ميندرا!

ڪَرَهِ اُجهامي[4] ڪا نه ٿِي، روح اندر، راڻا!
تَن مَن اڄ آڙاهُ آ، ٽانڊا ٿيا پاڻا؛
مومل اُڏاڻا، ساهه؛ وري آ، ميندرا!

آتَڻ اُجهاميو، اَلا، ڪيئن نه ڪِنجهي ڪاڪ؟
راڻا، وَرُ تون ٽاڪَ، محل نه منهنجو تو سوا!

راڻا، رُسُ ته نه مُنڌَ ڪان، پيارا، پرچي وَڃ!
مومل‌ڙيءَ جي مَڃ، جوين بس ڪي ڏينهڙا.

1 آيامڙو: اٻوجهه، ڀولو، معصوم
2 اُوڻِ: ڪمي، گهٽتائي، اڻاٺَ
3 پُوڻِ: ڦيري، چڪر، سفر، مسافري، پري جو ڳالهاءُ جو سمجهه نه اچي، پُوڻَ جو اسم.
4 ڪَرَهِ اُجهامڻ: باهه جو ٺَرَڻ

راڻا، توريءَ ڪاڪ تي واسينگنِ برساتِ؛
پل پل، ڏِڻ ۾ راتِ، وِهہَ ۾ وينا واپرن.

وقت تہ پل پل ٿو ٿِمي وِهہَ جئن سوچن تي؛
مان نہ جيئان ٿي، ڙي! مان نہ مَران ٿي، مينڌرا!

ٻِبُرَ ٻُريُو ن[1] پَٽ تي، نِمّان چِٽيو ٻُورُ؛
پَنِ پَن پُوٽيو جهَڪ تي، وَڻان ڪَريو تُورُ[2]؛
پالُرَ ٿٿا؛ لامن ور، ٻُريو هر هڪ پُورُ؛
لُڪُن، راڻا، ٿاڪ ڪي، ڪاٽيو جڻ ڪو ڪُورُ؛
ڪاڪ ڪُهيَلَ، چَڪچُورُ، وقت نہ منهنجو تو بنا.

ساري سانوَلَ رُوءِ، ڪِنجهن ڪونيون ڪاڪ جون؛
پَٽ ڪُوري ماڳ جيئن، واءَ وريا ٿِي لُوءِ؛
پونر اوجهل ۾ ڪونرَ، رنگ نہ آهي ٻُوءِ؛
هَنجن، ڪُونجن، ڪويلن، جِهجندي چِڏي جُوءِ؛
مورَ، نہ هرڻيون، چيلڙيون، ڪاڪ لڳي ڪا سُوءِ؛
ڪاپڙي! اچ ڪُوءِ؛ ماڳ نہ رهندو تو بنا.

اجل بہ آ اَڙٻنگُ[3]، وڇوڙو تہ وڏاندرو،
مون لئہ منهنجي جندڙي، سانوَلَ، تنهنجو سَنگُ،
موت بہ آ بي رنگُ، جي تون ناهين سامُهُون!

---

1 ٻُريون: (ٻُري جو جمع؛ ٻوريون) ٻِبُرَ جي وَڻَ جا پَنَ
2 تُورُ ڪرڻ: مُندَ ڪرڻ؛ ڦُرُ ڏيڻ جي موسم وڃائجڻ
3 اَڙٻنگُ: ٻلوان؛ پهلوان؛ سگهارو؛ ڏِنگو؛ اَرڏو؛ هوڏِي

ساري سوڍَلَ سنگ هوءَ، ٻڄي ويئي چَنگُ؛
سُرَ سُرَ آٽي ڪاٽ هوءَ، نانگ نہ اهڙو ڏَنگُ؛
ورسن نيڻ ملهار تي، چوڏس تيو سارنگُ؛
لُڙڪن لارن جون جهڙيون، جڻ واسينگن وَنگُ؛
ڪنڌيون چا، پاٽا ٻُڏن، لڙڪ نہ جاڻن ڍَنگُ؛
پاٽي، پاٽي ڪاڪ تِي، شهر، لڙهي تو جَهنگُ؛
پاڻ اچي ڪر ڏنگُ؛ مُلڪ ٻُڏي تو، مينڌرا!

پاڻ ٻڄي ديپڪ تون، جَل پيئي، مومَلَ!
يادگيريءَ پَلَ، جڻ تہ ڪائي ٻاڏَ، ڙِي!

مينڌري لئہ جَلِ، پاڻ ٻڄي ديپڪ تون!
پنهنجو اوجَرُ مَلِ، ڪاڪ جي ڪاراڻ ۾.

چندبہ نہ ئي چاندڻِ، اَنڌارِي آڪاسَ ۾،
ٻاري من جا ديپَ مون ميتِي آ ڪاراڻِ،
اڪڙيون روئي رڻ تِيَن، ور سنڌوءَ آراڻِ[1]،
جيءُ جلي جنهن ڪاڻِ، سو جڻ ناهي مونٽيو!

آئون ڏَجاٽي ڪاڪ جِي، چئو ڪئن آهيان، ڙِي!
ڪجھ بہ تہ ناهيان، ڙِي! ڏُوجُ تہ هڪڙو مينڌرو.

نادين نِنديو نينهن ڪي، تہ گُگهين ڏنا گهاءَ؛
تو وئي راتيون، ڏينهڙا، وڙهيا مون سان واءَ؛
راٽا، ڏس تہ لَقاءَ، ڪاڪ بہ مون ڪي اوڏلي!

[1] آراڻِ: درياءَ جي لهرين جي ليٽ پيٽ؛ آرُ

رُنيس راتو ڏينهُن، نِيرَ چُڙيا وسڪار جان،
پوءِ نہ پاٽي اڪڙين، رَتُ ڳڙيو جئن مِينهُن،
هاڻِ سُڪي ويو نِينهُن، ڪو بہ نہ ڳوڙهو، رَتَ ڦڙو!

آهوءَ[1] وانگي تانگھ ۾، رَت ڏُکي تَندنِ،
ڏينهنِ ۽ راتينِ، فرق نہ ڪو ئي، سوڍڙا!

اُڪِرِي آسمانُ، نيڻ وڏا مون ناهہَ ۾،
ڪجھ نہ مليو؛ مَنَ منجهان، پُريو شڪ، گُمانُ،
جو آهي، آ هانوَ ۾، پريتم، پريت، جَهانُ،
تون ئي آن دَرمانُ، درد بہ تون ئي آنهِ، ڙي!

چندن چِڪيا وانگيان، ساڙي منهنجو ماسُ،
اَگَرَ دونهين ۾ دُکِي، جهِجي لِڳُ، لِباسُ،
چانڊوڪيءَ جي چمڪ ۾، ٿي نہ وجان مان ناسُ؛
راڻا، آيو راسُ، مون کي ڪجھ بہ نہ تو بنا.

چِپِي، جَرَ، جَرا تَ[2] ، لُڏاٽِي جو لِڳُ لِڳُ
جيسين مَنَ ٻُوساٽَ، جيسين ڏُکُ وِرُون[3] ڪري!

وِرهہَ ويڙهيو آهہ مون، پَچِران، آئون ڏَڳان[4]،
چُئانتيءَ، اُماڙيءَ جئن، ڪامان، هاءِ، سَڙان،
سانوَلَ، تنهنجي سِڪَ ۾، ڪَڙهان، پئي ٻران،
دُکان، پئي پَچان، سار لهي وڃ، مينڌِرا!

1 آهُو: مِرگهہُ؛ هَرَڻُ
2 چِپِي، جَرَ، جراتَ: باهہ جي لاٽَ؛ شعلو (ٽنهي لفظن جي معنيٰ تقريبن ساڳي آهي)
3 وِرُون ڪرڻ: ڦَٽَ جو گهاءُ ڪرڻ؛ هيٺ وجڻ؛ چير ڏيڻ؛ ايذاءُ ڏيڻ؛ ڏُکوئڻ
4 ڏَڳَڻُ: باهہ جو ڏڳ ڏڳ ڪري ٻرڻ؛ ڪامڻ؛ سڙڻ؛ پچڻ؛ دُکَڻ

## [5]

آجاڙي [1] آءُ اُٺَ ڪي، ڏِٺَ واريان واڳَ،
هڻ، ڙي، منهنجا پاڳَ، نيٺ تہ ملندس مينڌري!

آجهہَ نہ آئي آتِ ۾، هڏن، سنڌن سُورَ،
آتَمَ اُپريا پُورَ، پوءِ بہ رڙهان تي، مينڌرا!

آجهہَ واجهہَ وِجهي آءُ اُسران راٽي ماڳَ،
اُجهي آتَمَ آڳَ، هاءِ، پَسي شل سوڍِڙو!

جانارَن جون پِيڪَرُون، چوڏس ڪارونيارُ؛
پِئو مَنَ ويرون تارُ، ڏِٺُ بہ ڏورانهون اچا!

اُپُ آپيو آهي، نيٽن جئن هن واٺ تي،
مان چا جاٽان چا اڳيان، آهي، چا ناهي،
نَيٽَنِ جو ساهي، سو پوڙيندو لوڪ ڪي!

وَوڙيان پَندَ پهوڙَ، جهُران، جهِجان، جهِمڪان،
ٻُڌِي گونري گوڙَ، چاڪَ چِڪياهن چِتِ ۾.

چا جِي ٻَڙها ٻُٺّ [2]؟ چوڏس چو ماٺار آ؟
راٽا، تنهنجي رُوءِ لئہ، پَٽيان پئي جهُٽّ [3]،
مَنَ ۾ وڏي گهُٽّ، ڏوڙ بہ چُپّ چُپاتِ، ووا!

---

[1] آجاڙَڻ: سينگارڻ؛ سنجڻ
[2] ٻَڙها ٻُٺَ: صفا چپ چپات؛ صفا ماٺ
[3] جهُٽَ پَٽَڻ: سَٽرُون ڪُٽَڻ؛ ڪشالا ڪڍڻ؛ مٿا مُونا هَٽَڻ

سِجُ وريو آ راهہَ تي مرنڊڙ مرگهہ جِيان،
آيو ۽ ويو سوجهرو، وِڄَ، وَڻِ وانگِيان،
تو بن اُڻ تُڻ هانوَ ۾، چڻ تي زهر پِيان،
اَڇ وَڇ اَڇ وَڇ ساهہَ ۾، اُجهندِي آءُ جِيان،
مون ڏي آءُ، مِيان! مون ڏس مرندو پاڻ کي.

ٻوڙون، ڊُڪون اُسَ ۾، اُڻ تُڻ ۾ آ جِيءُ؛
آڇي نيڻن نَئن سڄي، پاڻ چوي تي، پِيءُ!
ٻيل نہ جاڻي هِيءُ، مور اسانيل آڳ جو!

رُڃَ نہ پانئي رُڃَ، آب نہ سمجهي آب هوءَ؛
هُن آ جنهنجي اُڃَ، سوڍِلُ ڏاڍو ڏور ٿيو!

ڏنءُ [1] نہ ڏي مون، مينڌرا! مان تہ راهُنِ رَڪَ
ڪاڪ سندا ڪَڪَ، وَيا اپاڳڻ سان سَڙِي.

پاڻ ٻڌي ديپڪ تون، پنهنجي من کي چولِ!
اندر ئي تون ڳولِ، راڻو ٻاهر ناهہ، ڙِي!

راڻو ٻاهر ناهہ، ڙِي! راڻو دل ڌَڙڪو!
هانوَ ڪَنائي، ڏِيانُ ڏي! سوڍِلَ جو ڪَڙڪو!
وينو ڏئي پَڙڪو، مومل، تنهنجي جيءَ ۾!

راڻو ٻاهر ناهہ، ڙِي! راڻو آ آتَمُ!
جو تو ڳُونجي جيءَ ۾، سو آتَمَ سَرگَمُ!
تَنهن کي کهڙو غَمُ، جنهن جو اندر مينڌرو!؟

[1] ڏنءُ ڏيڻ: ڏنجهہ ڏيڻ؛ عذاب ڏيڻ؛ سزا ڏيڻ

ڪَتِيون[1] ڪَرُ رَکِي وَيون[2]، وِڇُون اُپِريو آهِ؛
چَندَ نہ چانڊوڪي اُها، سِجَ نہ ساڳِي باهِ؛
پونءِ نہ پاسي پونءِ ور، نَڀُ بہ ساڳيو ناهِ؛
راڻا، نينهن نِڀاهِ، هاڻ تہ ساهُ نہ ساهَ ۾!

اُلا، آڳَ، آڙاهُ، پَندَ پَهَڻَ جَرَ ناچَ ۾!
منهنجو راڻي ساهُ، لِڳَ پَلِي پيا آڳَ تين!

مون کي ڏُونگر چا ڪندا، ڪيڏو وڙهندي باهِ؟
ساهُ تہ راڻو آهِ، تَنَ پل ساڙي باهڙي!

لِڳَ پَلِي پيا آڳَ تين، منهنجو سانوَلَ ساهُ!
راڻو جِيءُ، پَساهُ، تَنَ پَل ساڙي باهڙي!

لِڳَ بہ رِجهي پل رَسِ تين، سانوَلَ آ آتَمُ!
پل تہ پچي پيو دَمُ، چو تہ ڪيان ورلاپَ مان؟

لِڳَ بہ رِجهي پل رَسِ تين، ساهُ تہ سانوَلَ ٿِيو!
هو تہ نہ آيو، وِيو، مان تہ نہ موٽان ان سوا!

لِڳَ بہ رِجهي پل رَسِ تين، سانوَلَ منهنجو مَنَ!
راڻو اٿم دَرسَن، اُلَن ويڙهيل واٽ تي!

راڻو اٿم دَرسَن، اُلَن ويڙهيل واٽ تي!
راڻو ٿيم دَرپَن، آئون راڻي دَرسِنِي!

---

[1] ڪَتِي: هڪ نکٽ جو نالو؛ ست تارن جو ميڙُ؛ (چوڻي: ڪَتِي وِڇونءَ جي مگَ آهي؛ انهي ڪري ٻئي ساڳي وقت آسمان ۾ نہ هوندا)؛ ڪَتِي لهي تہ وِڇون اُپري، وِڇون لهي تہ ڪتي اُپري.

[2] ڪر رکڻ: پري وڃڻ جو رُخ ڪرڻ.

آئون راڻي دَرسِنِي، راڻو تيم دَرپَن!
مان، راڻو، دَرسَن، باقي ڪجھ بہ نہ ناھ، وو!

راڻو تيم دَرپَن، آئون راڻي دَرسِنِي!
جوپَنَ ۾ جوپَن، آڳَ نہ وَسندي واٽ تي!

راڻو تيم دَرپَن، آئون راڻي آرِسِي!
پل نہ پيا وَرسَن، آڳَ ۽ اُلا راھ ۾!

راڻا، رِنُّ نہ ڪَر، مومل اڳ ئي رُڄَ ۾،
ٽاڻِ پَڇي تون وَر، آءُ ھلي او ويسِرا!

مومَلَ، ڦُوڪ نہ ڏيئڙا، اوندھ آ چوڌارُ!
اڃا نہ اندوڪارُ، اڃا نہ اڳتي سوجھرو!

رنگ رُئن ٽا رُڄَ ۾، نينھن اساٽيل نَيڻَ!
اُڄَ جنين جي سَيڻَ، آب ڇا، ڪجھ بہ نہ آئُڙي.

ڪَنڌِ[1] ڪَيا تو ھانوَ سان، وِڇوڙي جا وارَ؟
جَن مَنَ تانگھَ اَپارَ، پاٽي تَن لئہ اوپرو!

ديپڪ منھنجي جندڙي، ھاڻ ٻران تي مان!
وَوڙيان تي جئن واٽَ، الا، تُند بہ تئن پِگھران،
جلد نہ مان وِگھِران، دير نہ ڪر، مِل، ميندرا!

[1] ڪَنڌِ ڪرڻ: دل سان سڪڻ؛ ياد ڪرڻ؛ برزبان ياد ڪرڻ

ڪويَلَ ڪُو ڪُو، ڳيري گھُو، ٻاٻِيھَلَ ٻَروڙَ[1]،
پاٽيءَ جھُر جھُر[2]، نارُنِ پُوڻِ، روجھہَ تہ ڊوڙَ ئي ڊوڙَ،
پانڊياٽيءَ پَھوڙَ، راٽي جا ورلاپ ٿيا!

ڏاگھي[3] اُھا ڏاگھہَ[4]، جڻ ڪو ڏاگھي[5] ڏاگھہَ[6] ڪي،
نہ ڪو ڏاگھُ[7]، وِرانگھہَ، جڻ ٿيو گھايَل ڏاگھُ[8] ڪو!

سِڄُ اَٻاجھو آ ڪَپارَ، پَٽُ نِسورو نانگُ،
سوڊِلَ، تو لئہ سانگُ، تو لئہ گھوريم جندڙي!

ميندرا، لِڳَ لُوڻُ ٿيا، جھوريءَ آئون جھِڄان؛
اکڙيون جھورَ جھَڪورَ ۾، هينئڙي آڳَ پَچان؛
جيڪر مان نہ ٻَچان، ڏِڄ نہ مَيارون مُنڌَ ڪي!

ڏِڄ نہ مَيارون مُنڌَ ڪي، جي مان واٽَ مَران!
تو لئہ ئي تہ جِيان، تو لئہ ايندو موتُ مون!

چِڪيا، تنهنجي هنجھ ۾، آئون اچان ٿِي، ڙِي!
پاڪر پِر، منڙِي! سانوَلَ گھوريم جندڙي!

---

1 ٻَروڙَ: ٻاٻيھي پکيءَ جي ٻولي
2 جھُر: (جھُرِ جھُرِ) جالاري پاٽيءَ جي وهڻ جو آوازُ
3 ڏاگھو: اُتُ
4 ڏاگھہَ: اُڃَ
5 ڏاگھڻ: وڏا وڏا ڏُکَ پيرڻ
6 ڏاگھہَ: چکيا جي آگ
7 ڏاگھُ: پرانگھہ
8 ڏاگھُ: ڪونج پکي

چِڪيا، تنهنجي چپڙن مان، ڇا ته اُٿي ٿِي آڳَ!
هئہ، ڙي، منهنجا ياڳَ، هئہ، ڙِي، منهنجي زندگي!

اگنِي، تنهنجي اَنگَ ۾، آهه اگهور اگن!
تنهن ۾ هي جوڀَن، ويتر ٿيندو جَرَ، ڄِيِي!

چِڪيا، تنهنجي چِتِ ۾، ڇا ته پَيو پڙڪي؟
مون جئن تو جَرڪي، يا بس ڇُئانتين ڏيرُ آ؟

چِڪيا، تنهنجي هنجهه ۾، ڇُئانتيون، اُماڙيون!
سَتِيون تو ساڙيون، مومل ساڙيو آڳَ ڪي!

اَگنِي، مون اندر نِئي، هُئن بہ تہ پَڄري جِيءُ!
مان تو، تون مون پِيءُ، آڳَ اُجهائيون آڳَ سين!

# مومل (وائيون)

## [١]

هوري واڳون وارِ
گونرو تنهنجو جهانِورِ و[1]

دل تہ چوي ٿي: ’تُند ٿِيُ‘، سوچون: ’ڏِيرَ ٻہ ڏارِ‘
هوري واڳون وارِ

اَڄ تہ اُماس آ، سوڍِڙا، چِتِ جو چَنڊُ اُڀارِ
هوري واڳون وارِ

آءُ، وَسِي پيُو مون مٿي، تون ٺَرِ، مون کي ٺارِ
هوري واڳون وارِ

مان ٻہ تہ توسان پُوڙِ ۾، دل جو ڏيپڪ ٻارِ
هوري واڳون وارِ

واريءَ سمجهي سمنڊ تون من جي ناوَ نہ تارِ
هوري واڳون وارِ

سيگهہُ تہ تو لئہ موت آ، ڏِيرَجَ سان تَنهن مارِ
هوري واڳون وارِ

واريءَ ڳِرَٽيون ائن ڳِهَنِ جڻ ڪوراڙِنِ ڪارِ
هوري واڳون وارِ

[1] جهانِورو: گهٹ نظر وارو

## [2]

ڪاڪ ڏِچي ٽِي، يارَ
ڪِوَڻِ ڪِڄِي آڪاسَ تي

سَر سَر جي سَرڙاٽَ سين واءَ بہ ڪن ٽا وارَ
ڪاڪ ڏِچي ٽِي، يارَ

ميگهن جي مانداڻ ۾ چوڏَس اندوڪارَ
ڪاڪ ڏِچي ٽِي، يارَ

جهَڙ جهَڙ جهُوٽا جهانءِ جا، ڪَڻ ڪَڻ ٽِي جهنڪارَ
ڪاڪ ڏِچي ٽِي، يارَ

جيئن وُٺو آ وَڏُ ڦُڙو، موٽي آئي سارَ
ڪاڪ ڏِچي ٽِي، يارَ

هَرَڻُ ڏڪيو آ تيرَ جان، چِيتي جِي چِنگهارَ
ڪاڪ ڏِچي ٽِي، يارَ

ڪارا بادل بي سِرا، ٽَن تي بوندون بارَ
ڪاڪ ڏِچي ٽِي، يارَ

ڪڏَهين ايندين مون اَڱَڻِ؟ سانوَلَ، لهندين سارَ؟
ڪاڪ ڏِچي ٽِي، يارَ

## [3]

تو ٻن، جِيئڙا!
مومل ڇا جا چانگِرا [1] !؟

هَرَ هَرَ پايان ڪاڪ مان بس تو لئہ لِيئڙا،
مومل ڇا جا چانگِرا!؟

پاڻَ ويڙهيو پاڻَ کي مان ڪاٽيان سِيئڙا،
مومل ڇا جا چانگِرا!؟

ڪاڪ اَڱڻَ لئہ تا رُئَن، هئہ اُپَ ۾ ڏِيئڙا،
مومل ڇا جا چانگِرا!؟

ناتر، ڇئو، آيا ڪَهِي پيارا پانڌِيئڙا!
مومل ڇا جا چانگِرا!؟

راڻا، وَرُ، مون ڏي ڇڏي سپ ئي ساٿِيئڙا،
مومل ڇا جا چانگِرا!؟

وِرهُ وَڻِن جي سانگَ سان، ها، سي سانگِيئڙا!
مومل ڇا جا چانگِرا!؟

رَتّ وِلوڙِن پَلَ ائين جڙ ٿيا مَنڌِيئڙا!
مومل ڇا جا چانگِرا!؟

ويرانيءَ جي واءَ ۾ پَلَ ٿيا ڪوريئڙا،
مومل ڇا جا چانگِرا!؟

[1] چانگرو: چانگارو، ناز، نخرو، انگل، ماٽو

ڪاڪ ڪَڪورن ڪي اِڇي منهنجا جوڳيئڙا!
مومل چا جا چانگِرا!؟

ڏَنجهَن مون ڪي ائن ڪنيو جڙ ڪي ڪانڊِيئڙا!
مومل چا جا چانگِرا!؟

هَنجون هارن تو ڪري سپ ئي جهانگِيئڙا؛
مومل چا جا چانگِرا!؟

## [4]

چو نہ وَريو راٺُو؟
ڪاڪِ چڏي ويو ماڻِ ھِ!

ڪو تہ ٻُڌائي مون ڇَريءَ، ڪو تہ ھجي جاٺُو!
چو نہ وَريو راٺُو؟

چَندَ، چَئي ڏي تون ڪٽي، اڄ ٻٽجي ڳاٺُو!
چو نہ وَريو راٺُو؟

چو نہ ٻُڌائين، ڪانگَ، مون، تون تہ وڏو سِياٺُو!
چو نہ وَريو راٺُو؟

ڪانگَلَ، چئي ڏي، پوءِ پل، چَر ويٺو ڏاٺُو!
چو نہ وَريو راٺُو؟

تَندون پل پل ائن ڇِڃَن جڻ داٺُو داٺُو!
چو نہ وَريو راٺُو؟

ياد نہ پئجي جيءَ کي ڪو ٺاٺُو ماٺُو!
چو نہ وَريو راٺُو؟

چَندن چَرندڙ ڪئن چري، پِٺَ پِٺَ تان لاٺُو؟
چو نہ وَريو راٺُو؟

اُنَ ري اَرتو پيو ڏُڏي، پُون نہ ڀِھي ياٺُو!
چو نہ وَريو راٺُو؟

ڏينهن جُڙِي تو جَندُ تي، رات ٽِئي گهاٽُو!
ڇو نہ وَريو راٽُو؟

وِهَہ ۾ وينو واپري، ڪوٺيءَ هر ٽاٽُو!
ڇو نہ وَريو راٽُو؟

پِگهري پيئِي جِندِ انءَ جنءَ مَڪَڻَ جو چاٽُو!
ڇو نہ وَريو راٽُو؟

## [5]

ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

تو بن وَلَها، ديس ڪي، چا تہ لَڳِي آ لَتِ[1]!
ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

پرڙا، ڪنيڙا ويا ڪٿي؟ مُئَلَن کهڙي مَتِ؟
ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

راڻا، چوڏس رُڃَ آ، آڳَ اُتي تِي اَتِ!
ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

ڏُکَ وڇوڙي جي ڏنا، ڀُلجان کهڙيءَ ڀَتِ؟
ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

هَنجَ لُڏاڻو ويا ڇڏي، ڪوهي ڀُوريءَ ڀَتِ!
ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

لُڪَ اهڙي وئي لڳي، جَهنگُ، تہ جَرڪي جَتِ[2]!
ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

---

[1] لَتَ، لَتِ: چُوسَ؛ سپاءُ؛ عادت
[2] جَتِ: تمام گهاٽي پوک

ٻُوسَٽَ، لَٽَ لَڙِي آئي، ڏُوڙِ ڪئي آ ڏَتِ[1] !
ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

رَنگَ مَحَلَ ۾ تو سوا، دلڙي جھَتَرِ جھَتِ[2] !
ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

پَل پَل مَنَ ۾ ائن ڪُپي، چڻ ڪا ماريءَ چَتِ[3]!
ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

ڍِينگَرَ اُڏَندا لُوءِ ۾، ڪَرَهَن لئہ جڻ نَتِ[4] !
ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

ڏُڏَرَ تن لئہ ڏُتُ تي، پَگهَر تنين لئہ وَتِ[5] !
ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

هوري هوري تو ڪپي، وقتَ وڏي آ ڏَتِ[6] !
ڪاڪ رُئي تِي رَتِ!
مورَ مَرِي ويا، مينڊِرا!

---

1 ڏَتِ ڪرڻ: دٻاءُ رکڻ؛ دڙڪو ڏيڻ؛ اک ڏيکارڻ

2 جھَتَرِ جھَتِ: جھَتَرِ (وڻ جي لامن جي گھاٽاڻ، جنهن ۾ ڪنڊا هُجن ۽ اُهي هڪ ٻئي سان وچڙيل هُجن)؛ جھَتِ (سنهين ڪنڊين يا ڍڪڻ جو جھڳٽو). هي ٻئي لفظ الڳ الڳ آهن، جن کي ملائي هڪڙي معنيٰ ڏني وئي آهي.

3 چَتِ: پالي جھڙو اوزار (ڊگھي ڪاٺيءَ ۾ لڳل ڪُنڍيدار سوئو جنهن سان مُهاڻا مڇي ماريندا آهن ۽ پڻ ٻئي شڪار ۾ بہ پالي وانگر ڪم اچي)

4 نَتِ: اُٺَ جي سنج جو هڪ قسم؛ خوبصورتي لئہ اُٺ جي گشي مٿان ٻڌل چادر

5 وَتِ: گھاٽي چاشَ؛ تمام گھاٽو رَسُ

6 ڏَتِ: واندڪائي؛ وقتُ؛ وجھہ؛ موقعو

## [6]

اَنگهَن [1] اَڙيو اَنگُ،
ساري سانوَلَ سَنگُ، ووا!

هڪ هڪ پَل آ ساهَ ڪي، جڻ واسينگن وَنگُ؛
اَنگهَن اَڙيو اَنگ!

هانءُ بہ اَرتو آهہ، ڙي! رُوءَ تہ ريتو رَنگُ؛
اَنگهَن اَڙيو اَنگُ!

سُر سُر اوتي آڳَ جو، چِينڻَن [2] تي جڻ چَنگُ؛
اَنگهَن اَڙيو اَنگُ!

آ جي ساهُ سَرِيرَ ۾، دردن ناهي دَنگُ؛
اَنگهَن اَڙيو اَنگُ!

پل پل سوچُنِ چُلهہ تي، مَنُ جڻ ڪو آونگُ [3]؛
اَنگهَن اَڙيو اَنگُ!

ڦِتڪي هَڏَن، ماسَ مَنجهِہ، ساهُ سمورو تَنگُ؛
اَنگهَن اَڙيو اَنگُ!

اَجَلَ ڪان اَرڏو ڪَڪي، جُدائيءَ جو ڏَنگُ؛
اَنگهَن اَڙيو اَنگُ!

---

1 اَنگهُ: ڪنهن ڪاٺيءَ جي ٻاهر وريل نوڪ؛ ڪاٺيءَ جو گوشو؛ انگڙي

2 چِينڻَن: چِينهہَ؛ چڪيا؛ آڳ؛ ڪُورو؛ مچ؛ ڏاگهہَ

3 آوَنگُ: رڌ پچاءَ جو ڪو بہ ٿانءُ

## [7]

جيءُ جَلي بَنواسَ
اَنگُ اُجهي تو ڪاڪ ۾

ڏاندُولن ڏَڙ، لُوءِ، لَٽِ، مون تہ اُها ئِي آسَ
جيءُ جَلي بَنواسَ

ڏِٺَ ڏِري ورڪا جهُڙئون، تو بن ڪاڪ اَپاسَ[1]
جيءُ جَلي بَنواسَ

پونر وانگي پُون پِريو، اَنگهہَ اَڙيا آڪاسَ
جيءُ جَلي بَنواسَ

چَندُ تہ چمڪي ڏِٺَ تي، چو آ ڪاڪ اُماسَ
جيءُ جَلي بَنواسَ

واٽَ، الاءِ، ڏي ميندرو، پوءِ پَلي ڦَٽِ ماسَ
جيءُ جَلي بَنواسَ

نَيڻَ بُوٽيل، ڏُندِ، ڏُوڙِ، وَڙَ تہ ڪيا وِشواسَ
جيءُ جَلي بَنواسَ

آءُ، راڻا، ڳَرِ لڳاءِ، مَڃ تہ اِها اَرداسَ[2]
جيءُ جَلي بَنواسَ

پنڇي ڏِين ٿا جهانوِرا[3]، تِنِ بہ تہ مون جئن تاسَ
جيءُ جَلي بَنواسَ

---

[1] اَپاس: (اسم) بي نور سوجهرو(سج يا چندہ جو گهاٽي جهڙ سبب)؛ ڪنهن شيءِ يا حقيقت جو سوجهرو؛ عڪس؛ اولڙو؛ پاڇولو. (صفت) جو ڏسڻ ۾ نہ اچي؛ غير محسوس؛ نامعلوم
[2] ارداسَ: التجا؛ سوال؛ منٿ
[3] جهانوِرا ڏيڻ: (پکين جو) شڪار لاءِ لامارا ڏيڻ

## [8]

گذري منھنجو مَنُ
اَڄ بہ تہ اُنَ ئِي ڪاڪ تان

مومل ڪِسڪيو ٿي وڃي، آڇي مون ٿَن مَنُ
گذري منھنجو مَنُ
اَڄ بہ تہ اُنَ ئِي ڪاڪ تان

ناتر، ٻانھيون، پينرون، مورُ، نہ ڊيلَ، نہ ٻَنُ
گذري منھنجو مَنُ
اَڄ بہ تہ اُنَ ئِي ڪاڪ تان

پِيڙھيون پِگھريون، ڪاڪ اَڄ، اُٿُ، نہ چَندَن پَنُ
گذري منھنجو مَنُ
اَڄ بہ تہ اُنَ ئِي ڪاڪ تان

ساري مومل، مينڌرو، ڪنھن ڪنھن ويلي مَنُ
گذري منھنجو مَنُ
اَڄ بہ تہ اُنَ ئِي ڪاڪ تان

جن جي سِڪَ ٿي ترِڪٽي، ناتر تَن لئہ پَنُ
گذري منھنجو مَنُ
اَڄ بہ تہ اُنَ ئِي ڪاڪ تان

ڏِيئو ڏِيئو ڪاڪ جو، مومل جو جوبَنُ
گذري منھنجو مَنُ
اَڄ بہ تہ اُنَ ئِي ڪاڪ تان

## [9]

اَڄ بہ تہ ڪن راڙا
جادُو، مَنتَرَ ڪاڪ جا

سامِي لُٽجيا پاڻَ ئِي، ڪنهن نہ هنيا ڌاڙا
اَڄ بہ تہ ڪن راڙا

مومل جي آلاپَ ۾، اَهَنجَن جا آڙا
اَڄ بہ تہ ڪن راڙا

ڪارا ڪَڪَرَ ڪاڪ تي، جهُونگارِن تاڙا
اَڄ بہ تہ ڪن راڙا

مومل لَبَ تان رَس ڳَڙي، جڻ ماڪيءَ ڳاڙا
اَڄ بہ تہ ڪن راڙا

چوماسي جي چَنگَ ۾، سُر سُر سپ ماڙا
اَڄ بہ تہ ڪن راڙا

مُندَ هَلِي آ، ميندِرا! لَنگهہَ لَنگهِي گهاڙا [1]
اَڄ بہ تہ ڪن راڙا

[1] گهاڙو: ڏِنگو ليڪو، ڦڏو ليڪو. هتي هن جي معنيٰ ٿيندي "ڏکيو رستو، منجهائيندڙ لنگهہ"

## [10]

ڪنءَ تہ وساريندين؟
تنهنجو مون سان پيچ آ!

مان ساريان تو هر گهڙي، نيت تہ ساريندين!
ڪنءَ تہ وساريندين؟

ساهُ اُبَڪرو [1] جسم ۾، واڳَ نہ واريندين؟
ڪنءَ تہ وساريندين؟

اوسيڙي آ مَنُ وَڏيو، مومل ماريندين!
ڪنءَ تہ وساريندين؟

راڻا، چوڏهينءَ وصل جو، وعدو پاريندين!
ڪنءَ تہ وساريندين؟

ڪارونڀارُ آ چو طرف، جوتِ نہ ٻاريندين؟
ڪنءَ تہ وساريندين؟

انءَ رَهِي تون ڏُورُ ڏُورُ، مومل ڳاريندين!
ڪنءَ تہ وساريندين؟

[1] اُبَڪرو: تڪڙو، تکو، اُبهرو

## [١١]

ديرِ نہ ڪر، مِل، مينڊِرا!
هاڻ مان ڪو نہ بَچان!

ڏِيَڙي جِي وَٽِ وانگِيان پل پل پئي پَڄران!
هاڻ مان ڪو نہ بَچان!

ميڻ جِنءَ مان ڪاڪ ۾ رات ڏينهن پِگهران!
هاڻ مان ڪو نہ بَچان!

مان چِڪيا جي چِيئَن تي باريان ڏاگهہَ، ٻَران!
هاڻ مان ڪو نہ بَچان!

يادُن ڪُوري ۾، پِرين! پٽرن وانگِ پَچان!
هاڻ مان ڪو نہ بَچان!

تو بن ٿانئي ٿانوَ جئن ڪڙڪيو تي ڪڙڪان!
هاڻ مان ڪو نہ بَچان!

تڪِڙي تڪِڙي موت ڏي، راڻا، آءٌ سُران!
هاڻ مان ڪو نہ بَچان!

مَڪڻَ چاٽي وانگي مان، سانوَلَ! پئي وِگهران!
هاڻ مان ڪو نہ بَچان!

مِينهَڻُ جَرڪي تانگهہَ ۾، تئن تي مان جَرڪان!
هاڻ مان ڪو نہ بَچان!

ٺهڪيل پاٽيءَ جنءَ، الا، ٻاقَ نهيو اُڏران!
هاڻ مان ڪو نه ٻَچان!

پل پل وِهمَ جئن ٽو وٺي، مان پيئان، نه پِيان!
هاڻ مان ڪو نه ٻَچان!

پَنَ پَنَ وانگي جهَڪ تي، مان ته پَئِي وِڪران!
هاڻ مان ڪو نه ٻَچان!

# گيت
—
# غزل
—
# وائي
—
# نظم
—
# آزاد نظم
—
# نثري نظم

اَڪَرَ ڪِيمَ چئو، دل جَڙيم شاعريءَ ۾
مگر ڏڙڪنون پو بہ پوريون نہ آيون

*

لمحن جي تاندورن سان مون احساس جو پرت پريو آ
جذبن، اُڏمن، اوراٽن سين ڏُڪڻا، ڪومل موتي وِنڊي
اَندَرَ جي گلڪاري ڪئي آ، رنگَن جي وٽڪاري ڪئي آ
اُجرا، اُجرا چانڊوڪيءَ جنءَ، اڇڙا، اڇڙا هَنجن وانگي
نيل ڪمل جنءَ نيرا نيرا، چانگَنِ وانگي مٽيءَ هاٺا
ٿانڊاٽي جنءَ روشن روشن، مينهن ڪٽين جنءَ نرمل نرمل
ساوا ساوا وَلهارن جنءَ، پُورا، ناسي، ڪُھُنبا لمحا
هوري هوري ميڙي ميڙي، يادن ۽ سپنن کي جوڙي
سيبا ڏيئي، تاڳي تاڳي، دلڙيءَ جو هي محل گهڙيو ٿم
سنهڙن ڌاڳن، ٿاڪن سان هي پرت سمورو سِنجريو آهي
هِن ۾ منهنجي سَرهائي آ، هِن ۾ منهنجو گهَنگهر آهي
هِن ۾ پُوري دنيا آهي، جيڪِي منهنجي دنيا آهي
هِن ۾ وايون، گيت، ڪهاڻيون، هِن ۾ منهنجون سپ تنهائيون
هِن ۾ آسا، وصل، وڇوڙو، هِن ۾ دل جي تند پُري ٿي
ساٿي، مڙني رنگن ۾ مون جذبا اوتي، اُڏما اوتي
جولانن جي جُوالا پلٽي، احساس جو بج بج پوکي
تو لئہ جهيٽو پرت پريو آ، تو لئہ هي سنسار جَڙيو آ

*

رنگ وڪري تہ ويا ڏينھن جي ويسَ تان
اُسّ آڪاس ۾ تِرورا تي وَئي
رات جڻ بيوَسيءَ جي فضا تي وَئي
آسَ، اُميد جڻ ڪا سزا تي وَئي
تون نہ آئين تہ هينئڙو ڏِرو تي وَيو
ڪو نہ ڏونگر هيو، پر ذرو تي وَيو
ڪي تہ سپنا هيا، جي وَيا پَنّ تي
رات جي لام تان سي ڇٽيو تي ڇٽيا
تون نہ آئين تہ ارمان جھُرندا رهيا
ڪِينَرو تي سچي واٽ ٻُرندا رهيا
تو پُڪاري هِيُون سمندَ رُئندو رهيو
پو تہ لارون ائين هر پَهر تي وَيو
اڪِڙين جو تہ سندو ٻہ ٿَر تي وَيو
ها مگر ويسِرا، تون نہ آئين، الا
تون نہ آئين، نہ آئين، نہ آئين، پرين
رات آئِي، وَئِي، ڏينھن اُسريا ڪئين
هاءِ مُندون مٽيون، وَرِهہَ گذري ٻہ ويا
اڄ ٻہ انءَ ٿو لڳي رات ساڳي اُها
پَرَ ڪِنڌاري ڪِنڌاري اُڏي تي پَئي
تون نہ ايندين، لڳي ٿو، نہ ايندين پرين
پر لڳي ٿو ايامن جھُريل رات سا
جڻ تہ سُرندي پَئي، جڻ تہ ٻُرندي پَئي
جڻ تہ جلندي پَئي، راتِ هلندي پَئي

*

او جيئڙا، او جيئڙا
هئہ، هئہ، مسافر جيئڙا
هيءَ زندگي پئي ٿي ايامن کان تري
ڪنهن ناو جنءَ
ونجهن بنا
ساٿيءَ بنا
هر هڪ پهر، هر هڪ گهڙي
يا واءُ آيا وهڪرو
جيڪو ڏِڪي ٿو ناو کي
اڳتي اجان، اڳتي اجان
او جيئڙا، او جيئڙا
اُهري پَئِي هيءَ زندگي
ونجهن بنا
ساٿيءَ بنا
ڪنهن ڇوڙ ڏي
ڄاڻان نہ مان

او جيئڙا، سانگيئڙا
هئہ، هئہ، مسافر جيئڙا
وو، جيئڙا، او جيئڙا
هر موج تي ٻي موج آ
ٻيءَ موج تي ٽين موج آ
ڪنهن کي خبر

ڪنهن موج اندر
ڪُنّ تا ڪارا وَسن
ڪنهن ڪُنّ جا واڪا وڏا
ڪنهن ڪُنّ جا گهيرا وڏا
ڪنهن موڙ تي لُڙُ تو وَسي
ڪنهن موڙَ ڪارونڀارُ آ
آنڌيون، ڪئين طوفانَ ڪَرُ
پنهنجو ڪنيو مرڪن، الا
پر پوءِ بہ اُهري ناو، هئہ
ڀيرَن [1]، نِڪُونجَن [2] ۾ لُڙهيو
هِن موج کان هُن موج ڏي
ونجهن بنا
ساٿيءَ بنا
ڪنهن ڇوڙ ڏي
ڄاڻان نہ مان

او جيئڙا، جوڳيئڙا
هئہ، هئہ، مسافر جيئڙا
وو، جيئڙا، او جيئڙا
ڪا لهر تي اُسري جڏهن
هيءَ ناو پوءِ اُسريو پوي
ور ليٽ لائي ٻل جئين
هيءَ ناو پوءِ لڙهندي وتي
هن ناو جي هر تند مان
آلاپ پوءِ ڪيئي اُٿن

1 ڀيرُ: پاڻيءَ جو ڦيرو؛ ڪُنُ "جتي ڀيرَ ڀِرَن، ڀريون پون ڀواريون" (لطيف)
2 نِڪُونجُ: اونهون اٿاهُ سمنڊ

هن جي سڙهه مان، انگ مان
چيڪاٽ پوءِ ڪيئي اُٿن
پر آرُ پوءِ ڦيرا وجهي
يا ليٿ موڙي وهڪرن
لهريون ورن، ريلا ورن
يا ڪُنّ گهيرا تنگ ڪن
هيءَ ناو ٿي وڏندي وتي
ونجهن بنا
ساٿيءَ بنا
ڪنهن چوڙ ڏي
چاڙان نه مان
چاڙان نه مان

*

موکي، تنهنجي محفل ۾
روح اُجارو آ
هڪ روح اُجارو آ

دنيا جي ميخانن جي
پِي پِي مَي جي هر ماڻي
آيس تنهنجي ساک سُٽين
اڄ آ تنهنجي پرک، پرين
من ريسارو آ
ها، من ريسارو آ
روح اُجارو آ
هڪ روح اُجارو آ

دنيا جي مَي تياڳي ٿم
جو تو آڇيو، سو پيتم
ور آيو هان تنهنجي دُوار
هاءِ، ڙِي، تنهنجا نيڻ، خمار
جيءُ اُڌارو آ
هيءُ جيءُ اُڌارو آ
روح اُجارو آ
هڪ روح اُجارو آ

مَنُ ماٺيءَ سان ڇُلڪين ٿي
سهٽي، جنءَ تون ڏُرڪين ٿي
اوتيندي وچ جام ئي جام
آتمِ ساندي اُڃّ مدام
مَنُ جِيارو آ
ها، مَنُ جِيارو آ
روح اُجارو آ
هڪ روح اُجارو آ

موڪِي، تنهنجي محفل ۾
روح اُجارو آ
هڪ روح اُجارو آ

*

ڪوٽ ۾ تاريخ جي ڏنجهن ڏريل، او مارئي
چو اداسي جيءَ ڇُهتيل آهه تنهنجي، سنڌڙي
سچ، تہ منڙي، ڏينهن پِرندو، رات پوءِ ويندي لَڙي
سِجّ آزاديءَ جو لَمڪو ڏئي پُٽندو جڏهن
وقت جو پڙيانگ جهرڻن سان پَري ويندو تڏهن
چنگ جان ان ٻاٽ جي ماٺار ۾ ڪرٽا ڇَتي
سانت جي انڪار جو آواز تي ويندو تڏهن!
ڪوٽ ۾ تاريخ جي ڏنجهن ڏريل، او مارئي
تو نہ ڪي ماٽا ڪيا، ڪاڍا، نہ چانگارا ڪيا
تو نہ مومل وانگيان ڪي ڪاڪ جا جلوا ڏٺا
تو نہ ڪي موتي ڇُهيا، مٽڪا مٽيا، زيور پَريا
تو تہ جِيوَن ٻارِ ۾ تنها، ٿُتل پيڙيءَ جِيان
ڏنڌ، ڪوهيڙا ڏٺا، خوفائتيون لهريون ڏٺيون
ڪُنّ ڏاريندا ڏٺا ۽ لُڙ مٿي ڪِوٽيون ڏٺيون
تو تہ بيوس روح وانگي جسم تي ڳوليو سدا
جسم جنهن ۾ زندگيءَ جو ٻجّ تون پوڪي سگهين
جسم جنهن مان زندگيءَ جا گُلّ تون چونڊي سگهين
تو تہ من جي مُرڪ جون سهٽيون اڪيون ٻوريءَ وجهي
رُڃّ جي اوڙاهہ ۾، اي سنڌڙي، اوتي ڇڏيون
تو تہ سڏڪن ڪي بہ ٺانني ٿانوَ جئن پوري ڇڏيو
تو ڇَڙي ڇُڙمل، اڪيلي سِر اباجهي ڪوٽ ۾
عِشقَ جا سپنا اُٽيا تي، سونهن جا چهرا گهڙيا

تو ڇٽيا ڪردار ڪيڏا، تو گهٽا هيرا جَڙيا
پر الا، ڪجھ ڪي ڇڏي ٻيا سڀ پُري ويا، سنڌڙي
تو نہ پاتا پَٽَ پَٽِيهَرَ، ٻانڊِٽا، پَٽچير، ڙِي
تو تہ پنهنجو تن، الا، هر پل ڏکيو لوئي ڪٽي
پر، الا، لوئيءَ اتي ڇَٽِيون لڳل، ڏاڳا ٽُٽل
هاءِ، جوين انتظاريءَ ۾ سَريئي، پر غم نہ ڪر
سِجّ آزاديءَ جو لَمڪو ڏئي پُٽندو جڏهن
وقت جو پڙيانگ جهرٽن سان پَري ويندو تڏهن
چنگ جان ان ٻاٿ جي ماٿار ۾ ڪرٽا چِٽي
سانت جي انڪار جو آواز ٽي ويندو تڏهن!
سنڌ، تنهنجي سينڌ ۾ سندور مُرڪن جو پَري
وقت تنهنجو، صرف تنهنجو گهوٽ ٽي ايندو ڪڏهن
اوير ۾ اولھ نہ جاجي ٽِين، ڪهڙي ڳالھ آ
هر جڳھ، هر پيچري تي موتيا، هوندا ڪنول
سِجّ هوندو هر تِريءَ تي، چنڊ هر هڪ هنجھ ۾
سيج هوندي تارڙن جي، رنگ هوندا پونءِ جا
راتِڙيون تنهنجين اکين وجهنديون ڪجل، منهنجي مٺي
گل گلابي ڪونپلن جا ويس هونديءِ، مارئي
مرڪ چيڙن، رنگ هٽڙن، مهڪ هونديءِ چِينجهِڙي
زندگيءَ جو ناچ هوندو، مان نہ هوندس، سنڌڙي
پر جڏهن هيءَ پونءِ پوري ماڪ ڀڄي مُرڪندي
مان تڏهن ان ماڪ جي هر هڪ ڦڙي ۾ مُرڪندس
جيئن ڳاڙها گُلّ ڪيتر ۾ سڳنڌون ٻُرڪندا
تيئن مان پڻ پونءِ مان ڪنهن گُلّ جان ئي ٻَهڪندس
جيئن اوير سِجّ جا ڪرٽا چِٽيندو ڪيت ۾
تيئن مان پڻ ڪيت ۾ ڪرٽي جِيان ئي سرڪندس

چندٻ جئن ڪنهن نياڻ ۾ ڪيچل ڪندو ڪنهن ٻار جان مان ٻه لهرن منجهه، منڙي، ٻار ٽي پيو ڪيڏندس مان ٻه توسان ئي تہ هوندس، سندڙي، جنءَ آهِيان تو سوا مان چاهِيان، چئو تو سوا مان چاهِيان

*

پورنماسيءَ ڪالڪا ديويءَ مندر[1] پاسي ٽڪريءَ تان تارن جو ميڙ، اڪڙين جوت، اُجارو.
اُماس ۾ چندرما جي هجر جو اولاٽو[2]؛ ڇُوڙيو جبل ڪان ڪارونجهر ڏي، پهي پنڌ ۾، راتاهو.
اولو[3] اولو پوڪ ۾، جهار اچرج ۾، هاريءَ هٽڙا ڪٽڪ جي سون وَرني سِٽَن ۾.
ڪوٽ ڏجيءَ جي ويرانيءَ ويڙهيل پٽين جي سر سر ۾
اوتيل پڱهر جي سڱنڌ، وقت گيت ورجائي.
مَڪٽي، پُرٽ، ڪِرنگهه، ڪوڊير، گولاڙو، لَيار، سانئون پُسي، مانداٽو، ڏونئرا... : ڏُٽُ[4] ڏنگي پر پال ڪري.
اُلا، ڪاڙهو، اڪ ٽي نڪري، ڪانياٽيءَ جو ڳوڙهو ڳوڙهو هاريل هاريل، پيهي اوڙو[5] مُرڪن ۾.
ڪانٽا، ڪانٽيون، ڪانچا، ڪڏون، ڪاٺِرُ، ننگر، نارو، ڪوهه، سڀ ٻولن ٽا مِينهَنِ ساڻ، پوءِ بہ نہ مينهڙن جو پتو، ها پر ڏور اُتي ڪڪري آ، جا سِرڪي ٽي هوري هوري!
پرڏيهي پنڇي لَڙيا، پاڙهيري تاڪ ۾، واهُڙن ماٺ، سنڌوءَ چپ چپات، موت نچي ٿو تاڪ ۾.

1 ڪالڪا ديوي جو مندر: سکر ضلعي ۾ روهڙي واري پاسي هڪ آڳاٽو مندر
2 اولاٽو: لولي؛ اوراٽو؛ اوسارو
3 اولو: پوڪ مان پکين کي ڊيڄاري پڄائڻ لاءِ ٽنگيل پکي؛ اوڙو؛ ڏيڪائو گڏو
4 ڏُٽُ: هن کان پهرين جيڪي بہ لفظ ڏنل آهن، اهي ڏُٽ جا ڪجهہ قسم آهن. ڏُٽُ جهنگ جي گاهہ، ٻوڙن، ٻوٽن، وڻن مان پيدا ٿيل اَنَ، ڪاڏي کي چئبو آهي.
5 اوڙو: پيهي تي اُس کان بچاءَ لئہ ٽنگيل ڪپڙو

ڪُميتَ جي ڏُڪَ[1] تي ڏُڏَڙ سهرا ڳائي.
هاڻيءَ لُڙون، وستيءَ ۾ اُٺ ٺُٺ، هُر ڪُر، اورا ڪورا.
موهه مُنل ڪارايل ٿور، ڏيل ٿلي ٿي، ٻَنُ ڀُڻ ڀُڻ ۾!
نينگَر تڙ تي ٽِلڪي آئي، اوڏَرَ لاٽئين، انگ اَويس، مينهوڳيءَ ۾ تڙ تي ترڪڻ، پرتان ديوين ۾ سَر سَرا!
موهن جي دڙي جي ميرانجهين ماڙين تي سرڪندڙ مٽيءَ جي ذرڙن جو سانوڻ جي ڦُڙين ۾ واسجي وڃڻ.
آرهڙ ڏَنگ، رُڃَ ڪچيل،آڏو نار، سنڌي وِينگَس، لَپَ چُرُون.
ڪامَڻ ويني رَنڊا روڙهي، هَيبڙ، هَڙ ٻَڙ، سيگهه.
ٻڪريءَ ٿڻ مان ڪيرَ جي رُنگَ، گُوها منهن ۾، ٽِپ ٽِپ ڪِير ٿمي هٿڙن تي.
ڏَنبَرَ، چَڙا، ڪُرڪا، سانڀَرَ ـ مڙيئي ڳِهنڊٽا ڏاچين ڳچين ۾ ٻُرن؛ ڏَٺُ سڄو سنگيت.
گاهه جي چِلَ آٽي گونري ڀَر ۾ چوڙي اٿس؛ ٿَليارا پيا ڳُڙن.
مڏ سان ماٽِي ٿِلُ، موڪيءَ نيٽان مَي چُڙي!
تتيءَ اُسَ ۾ ڪوهستان جي لَڪَن تي باهه ڪڍندڙ پٿرن جي تنهائيءَ جو پڙلاءُ.
ڪاٺ جي ڳِهندڙ واريءَ تي سَپَ جو واريءَ تي سِرڪڻ.
پوکَ جي ٽُڪريءَ ـ بگهڙِيءَ ـ تي جُهڙِي ڦُڙي، ناري جي نينگرين ٻَڙ ٻَڙ، مستيون، چِلولايون.
مهاٽا جُهڳَن (رَڃُن) کي پنهنجين ٺوننين تي رکي پاٽيءَ ۾ اُڇلين؛ مڇيون نادان، ويسليون، اَساريون.
بگيون منجهه بگولن[2]، ڏَراڙُ رڙهي ڏُوڙ ۾.

[1] ڏُڪَ: (ڪُميت يا ڪنهن ٻہ قسم جي) گهوڙي جي پنڌ جو هڪ قسم؛ گهوڙي جي ڊوڙ؛ ڊِگ ڊِگ؛ ڏُڙڪِي
[2] بگولو: واچوڙو

بيڪاريءَ جي بگريءَ ۾ آسائُن جا آندولا[1].
جَهڳَڙُ[2] ڪارونجهر جي ڪور تي جُهونگارُن ۾.
دنبوري جي تندن ۾ صدين جو آلاپ مهلن نہ اُڇهي!
ڪُڙميءَ ڏاٽو، ڪوڏر، رت، پيئو، آسائون!
ہ پُڙو، ڪَڪَرُ چِٽيل اجرڪ، ڪشمور ڪان ڪارونجهر، ڪيٽي بندر تائين هڪ ٽڪندو نقشو، پاسن ڪان دٻليءَ تي چِٽَ، سنڌ اَجرَڪاري...

سنڌ ڪُماچ آ، پاٽ ٻُري تي، پاٽ ئي آ ورلاپ!
تون، مان ان جي تانُن گونجون، جڳ جڳ، ويرون تار!

1 آندولو: لوڏو، جهولو، ڏڪٽي
2 جهَڳَڙُ: باز پکيءَ جو هڪ قسم

*

بزم ۾ انءَ پير ڪو آيو پري
دل لڳيءَ جي هئہ وِري تي رُت وري

نيڻ ميخانا، ڳڙي تي مَي رڳو
جامَ پِيئان پيو، الا، ماٺيون پري

هوءَ نهاري بي حجابيءَ سان جڏهن
هاءِ دل ڪي ڪير پو قابو ڪري

ڏڙڪنون شعلا ٻڻن مومل ڇُهي
تن ٻري تو جڻ سُتل جُوالا ٻري

ڪنءَ تہ مهلون بي ڇَيون ٽينديون وَڃن
وقت اڏندو تو وڃي مون ڪي ڏري

شامَ جَلوَن ۾ ٻُڏي گذريو وڃي
باڪَ موٽي درد ۽ يادون ڏري

تو تصور ڪي ڏنو جِيوَن پري
تو ڪري ئي تو سوا پئي تي سري

لفظ جنءَ لڙندا اچن يادون ڪٽي
تنءَ پنا پِڄندا وتن لارون ڪري

اڄ ٻه تنهنجي ڪاڻ من چانئٺ اُتي
ياد جو ڏيئو برابر پيو ٻري

گُلَ ٽڙيل ’سائر‘ سڳندون ڪيپَ ۾
پونءِ هيٺان درد جو ٽو مَچ ٻري

*

ڏِيا جلائي، شراب پي پي، رباب ڇيڙي ته ڪانه ٿيندي[1]
جنون پِي جي وَيو پرين جنءَ ته زندگي انءَ وفا نه ٿيندي

ڪٿي ته آهين، اُماسَ موٽي، جتي ڪٿي رات ٿي نهوڙي
ٻه نيڻ تنهنجا نه جوت ڏيندا ته هاءِ اهڙي سزا نه ٿيندي

ڪلال تنهنجو شراب خانو ڀريو ڀَريو آ ته ڪر نوازش
سِپن ته ڏين پيو، اسان ٻه ڏي تون، سخاوتون ڪر، ڳلا نه ٿيندي

شراب ڏيندو ٻه ڇا ته مون ڪي، نشو ته مون ۾ ڀريو ڀَريو آ
وجود اوتيو خمار اهڙو، ڪڏهن ٻه مستي جدا نه ٿيندي

ڀري ڀري پي، وري وري پي، شراب جو اڄ سمونڊ آهي
متان چوين تون ته مَي نه اوتيم، سدا ائين ئي سخا نه ٿيندي

نه تون ٻُڌين جي ته ساز کهڙا، ته تانَ کهڙي، ته راڳ کهڙا
نه چنگ ڇُرندا، نه تند ٻُرندي، وري نئين ڪا صدا نه ٿيندي
نه ٻول ٻولين ته آڳ کهڙي، ته خواب کهڙا، ته جاڳ کهڙي

1 هي بحر پراڻو ڪيترو ٻه هجي پر ننڍي ڪنڌ ۾ امير خسروءَ جي هڪ فارسي غزل جي ڪري مشهور آهي، جنهن جي پهرين شعر جي پهرين مصرع آهي "زحال مسڪين مکن تغافل ورائے نيناں بنائے بتياں." لڳي ٿو ته ان جي هڪ سٽ مان متاثر ٿي شيخ اياز هڪ غزل لکيو هئو، اها سٽ هئي "سکهی پيا ڪو جو ميں نه ديکهوں تو ڪيسے ڪاٹوں اندهيری رتياں." اياز جي غزل جي سٽ هن ريت آهي "سکي پيا کي ملين ته ڇئجانءِ چاندني تو سوا نه ٿيندي". هيءُ تمام روانيءَ وارو بحر آهي. غزل ته غزل پر هي نظم ۾ ٻه اوتري ئي بلڪ وڌيڪ رواني ڏئي ٿو.

نہ ساز ڇڙندو، نہ روح رجهندو، نئين تہ ڪا ماجرا نہ ٿيندي

نہ تون وڏين جي تہ زندگي ڇا، تہ ڇاھ منزل، تہ راھ ڇا جي
نہ ڊوڙ ٿيندي، نہ ڏوڙ اُڏندي، نہ ابتدا، انتھا نہ ٿيندي

نہ تون ڏسين جي تہ سونهن ڪهڙي، تہ رنگ ڪهڙا، گلاب ڪهڙا
نہ پونر پرندا، نہ ديپ ٻرندا، ڪِوَڻ نہ ڪِجندي، گهٽا نہ ٿيندي

جُنونَ سپنا نڪور آندا، اڏار آندي، چڪور آندا
هلي هليو آ وري مسافر، اُجهاڳ پوري اجا نہ ٿيندي

ڪئين ٻتن کي ڦٽي ڪري تو ڪئين ٻتن کي چريو ڪيو آ
ائين هلئين جي، جنون وارا، خلاف تنهنجي هوا نہ ٿيندي؟

لکي لکيو ٿو لکان ڪهاڻي، مگر اڌوري، سدا اڌوري
نہ تون ملين جي تہ هيءَ ڪهاڻي تمام تو کان سوا نہ ٿيندي

ڪيئي محبت تہ درد سھ تون، سراب سھ تون، عذاب سھ تون
رڳو گهرين ٿو قرار دل جو، ائين محبت روا نہ ٿيندي

ڪنور ڪويل، ڪنور سُرندو، ڪنور پر ياد آھ ڏاڍي
پرين، ائين جي رهيو وڇوڙو، تہ درد جي ڪا دوا نہ ٿيندي

سڪون نيٽن، نہ چين دل کي، پرين جدا آ، ڪٿي تہ ڳوليان
ڪٿي تہ هوندو، ڪڏهن تہ ملندو، تلاش 'سائر' سدا نہ ٿيندي

*

ڏيئا ٻہ ٻرن، سُرندا ٻہ وڄن، جي دل نہ لڳي، پو ڇا ٿيندو
تون وڃ تہ پلي پر تو ڪان پو ڏڙڪن نہ هلي، پو ڇا ٿيندو

جيون جي نياري سپني مان، جي ننڊ ڦٽي، پو ڇا ٿيندو
جي جاڳ ملي، پو ڇا ٿيندو، جي ڪا نہ ملي، پو ڇا ٿيندو

اٽڃاڻ سمن، مگرا، ڏاڙهونءَ گل تو منهنجا متوالا، ڙي
اي، پريتم، پنهنجي پريم سندي ڪا ڳالهہ هُلي، پو ڇا ٿيندو

پو ڇو تہ تماچي ورندو، ڇئو، پو ڇو تہ قصا پُٽندا جڳ ۾
اي ڪينجهر، تنهنجي ڪنڌيءَ تان گندري نہ مٽي، پو ڇا ٿيندو

تو رات ڇَڳُن، مِيندَن اوتي ٿي جوت؛ پرين ٿي ياد آيو
اي چنڊ، نہ جاتئي من اندر ڪا آڳ اٿي، پو ڇا ٿيندو

اي سِڄّ ستايل پانڌي، ڇئو، تو رات پنارو ڪئن جاتو
تُنهنجي سوچن جي پنڌ اُتي جي رات ڪُٽي، پو ڇا ٿيندو

منهنجي ٻولن کي پالا ڇئي، ڪئي ڏال ڪنن تو هٽڙن جي
ڇئو، من اندر جي ڪوٺ منجهان ڪا گونج اٿي، پو ڇا ٿيندو

اي ڏيئڙا، جهوني جهوپي ۾ تو ڦڙ ڦڙ ڇا جي لاتي آ
ڪنهن ڪانيءَ، ڪام لڳيون ڇڻگون، اُت باهه لڳي، پو ڇا ٿيندو

’سائر‘ ڇڏ پنڌ آ عشق سندو، ان ۾ ڇا ٿيٺو، ناهه پتو
جي پرهه ڦٽي، پو ڇا ٿيندو، جي رات پڙي، پو ڇا ٿيندو

*

جو ٻہ تنهنجي نهار ۾ آهي، سو سدائين قرار ۾ آهي
جو نہ آهي نهار ۾ تنهنجي، سو تہ بس انتظار ۾ آهي

جستجو ۾ ڦُٽي پون باڪون، آرزوءَ ۾ سدا جهُرن راتيون
تو پُنيان چنڊ، چنگَ، ميخانا؛ بيقراري بهار ۾ آهي

تو سوا آڳ آهہ ميخانو، جامَ، شيشا، شراب اُبرن ٿا
هڪ نظر ڪر تہ زندگي پلٽي، وقت هر پل شرارَ ۾ آهي

بانورو ٿيو، اُهو تہ ڪُسجي ويو، جو ٻہ اُسريو مقام ڏي تُنهنجي
جنهن ڏٺيون مست تو سنديون اکڙيون، سِيسُ تَنهنجو ڪٽار ۾ آهي

سچ تہ پاٻوهہَ سان چئي ڏي ڪجهہ، پو تہ سُر، ساز آ سچي دنيا
لطف تنهنجي نفيس گفتن جو، سچ، نہ ڪنهن پيي ستار ۾ آهي

زخمَ تنهنجي ڇُهاوَ تي پرجن، درد کي پيار جا نوان پلجن
ساءُ جو بزم ۾ اوهان جي آ، سو نہ ڪنهن پيي دَيار ۾ آهي

بي خبر، ڪر پري شرابن کي، پور گلڙا، ڏِيا اُجهائي ڇڏ
ٿوڙ سُرندو، نِهوڙ چاندبوڪي، سوز ۽ سونهن يار ۾ آهي

تون جُدا ٿي وَئين تہ رِڻ ٿي ويو، نيڻ راهون تڪينِ ٿا تو لئہ
رات گذريو وجي ستارن ۾، ڏينهن هر ڪو ميار ۾ آهي

تون نہ آهين، نہ چنڊ اپريو آ، دوست، دشمن، نہ اجنبي آ ڪو
اڄ نہ سُرندو، نہ مَي، نہ جهونگارون، سُڄّ چوڏس پٽار ۾ آهي

رات ۾ ڏينهن اينءَ گذرن ٿا، ڄڻ تہ اُپ ڪي ڪٽي هليو آ ڪو
جنهن ڪيو انتظار آ تنهنجو، سو سدا انتظار ۾ آهي

رنگ وينا پِيون نظارن مان، جوت پيا ٿا پريون ستارن مان
ڏس تہ مُرڪون بہ پيا، ملهايون پيا، هونءَ جِيوَن تہ چارَ ۾ آهي

اڄ تہ آڪاس ۾ پڙاڏا هن، اڄ تہ تَندون ٻَرن پَيون ’سائرُ‘
اڄ تہ ورلاپ آهہ دنبورو، اڄ تہ راڳي شرارَ ۾ آهي

*

هڪ نظم ڏنو مون ميلي ۾ —
تنها، تنها، جڻ مندر هو
ڇُوڙيو ٽڪريءَ جي چاتيءَ تي!
جڻ گوپين ڏاران ڪشنا هو
جڻ مومل ڏاران ڏِٺَ طرف
رڙهندو، ڪڙهندو ڪو راڻو هو
ڪو ڳاٽو هو جو لوڪ چڙي
رڻ جي ياڪر ۾ پٽڪيو ٽي
تن گهايل ٽر جي روجھ جِيان
چيڙن ۾ رُجّ، رڙيون، راڙا
نيڻن ۾ جَرّ، جراٽ، جيپي
هر سٽ ۾ ويڙهون ۽ ڪاهون
هر سٽ ۾ درد پريل دانهون
هر سٽ ۾ بيجل تند هئي
هر سٽ ۾ ڏياچ ٻه اَرتو هو
جنءَ جيئن وراٽي ٽي آئي
تنءَ تيئن متو ٽي جهڙ مندل
پو وچ وچ جا سرڙاٽ هيا
پو پورب، پڇم پاٽي هو
پو ميلو صرف کهاٽي هو
بس نظم هيو جو چوڏس هو
باقي جو هو، آڪاٽي هو

*

لڳن توسان لڳي اهڙي، لڳن ڪنهن سان لڳي ناهي
بهي ويو وقت انءَ جڻ مون ڪٽي ڪائي گهڙي ناهي

رُساما ڇڏ پرين پيارا، هلي آ درد ساري تو
محبت جي بهارن لئہ حياتي ڪا وڏي ناهي

وري آ ڳر لڳايان تو، اجهايان آڳ دردن جي
وئي جا مرڪ تو سان گڏ، پرين ٻيهر وري ناهي

الڳ آهين، مگر آهين، اسان جو تون؛ اسين تنهنجا
هلي آ ڏيه ساري تو؛ گهڙي تو بن سري ناهي

ڪهي آ او پرين پيارا! نسورو مَي متو مارڳ
نہ آ جو مَنڌ متوالو، هتي اهڙو ولي ناهي

ڏري آ ڏنڊ تي نِيرڳ، لٽي اڄ سانجهہ سندوري
جڏهن ڪان ڪئي پَروڪن ڦر، تڏهن ڪان ور لٽي ناهي

ڪپار آ سج، ٻري رڻ پٽ، نہ ڪو بادل، نہ ڪو آسَر
سڙي ويا پر، ڇِڇن ڪنيڙا، مگر مِينهل ڇڏي ناهي

مسافر تون ڪٿي آهين، وري آ، وو، جتي آهين
جتان وڇڙي وڃن پيارا، اُجهاڳ[1] اهڙي چڱي ناهي

ڪري وٺ پيار دل ڪولي، نہ ٻاٻيهل وري ٻولي
گهڙي جا وئي رمي ’سائر‘، گهڙي پو سا وسي ناهي.

1 اُجهاڳَ (مونث) يا اُجهاڳو (مذڪر): سفر؛ مسافري. هڪ ٻيو لفظ آهي: اَجهاڳُ (صفت): نہ جهاڳڻ جهڙو (سمنڊ جنهن جو پريون ڪنارو يا تر لهي نہ سگهجي)؛ بي انت؛ عميق؛ اونهو (پاڻي)

*

ڪٿي ڪاليدا س[1] ۾ ڪٿي پريتما
شَڪُنتل اڌوري اڌوري اجا
وَراڪا ڪري وِچّ وانگي اچي
ڪڏهن مور وانگي پِٽُن تي نچي
ڪڏهن مِينهَنَ جيئَنِ چانگار ۾
ڪڏهن وِينجهرن وِندَ ۾، هار ۾
ڪڏهن سِڙهَ ڪولي، سُڪاٽن چِڪي
ڪڏهن اوٺَ مڪليءَ لُڪُن ڪان لڪي
ڪڏهن انگ نِيرگ ٻٽي نياڻ ۾
ڪڏهن ليٿَ، لُڙُ، ونجھ مهراڻ ۾
ڪڏهن ڪِينَري ۾ ڳُتي راڳٽيون
ڪڏهن پوهَ آٽي اُماڙين پَريون
ڪڏهن پِرت جي ڦُلّ چِلڪِي اُٿي
ڪڏهن مَندَ جو سمنڊ ٻڏجي چُلي
مگر پونءِ ماپي نہ پوري اجا
ڪٿي تي وجي ڪجھ ضروري اجا
الا، نِمّ، تيندي نموري اجا؟
شَڪُنتل اڌوري اڌوري اجا
مگر پوءِ بہ ڪامَڻ اُٿِي آهہ، ڙي
تخيل وڏو آهہ هن ساهہ، ڙي
نہ پورب، نہ پڇّم، نہ رات ۾ نہ شام
شَڪُنتل ڪيو آهہ هر ويل رام

[1] ڪاليداس: هندوستان جو شيڪسپيئر جيڪو شَڪُنتَلا ڊرامي ڪري مشهور آهي.

نہ ئي گهاٽ جمنا، بخارا، نہ ڊيٽ
نہ بر، بن، نہ لهريون، چڏي ڪو نہ پٽ
شَڪُنتل گهڙيءَ ۾ هِتي، ور هُتي
اچي ٿي، وڃي ٿي، نہ ڪنهن جي ٻُڌي
چوي ٿي: “حقيقت بہ مايا تہ آ
مٿان هيءَ مايا بہ ڇايا تہ آ
وري هيءَ مايا حقيقت بہ آ
لُڙاٽيل سمنڊ آ، تہ پربت بہ آ
اَماوَس رڳو ناهہ ڪاراڻ پل
نہ گنگا، نہ جمنا رڳو آب، جل
نہ رڻ آ بيابان، وَڻُ ناهہ ڦل
نہ دل آهہ ڏڙڪو، نہ اکڙيون ڪجل”
جنم هيءُ پورو نہ ٿيو، ڪالِيداس
جتي چنڊ اونداهہ، اوجَر اُماس
اِهو مَنڊُ ناهي تہ پو آهہ ڇا
ڪٿي ابتدا ٿي، ڪٿي انتها
نہ جنمي، نہ جنمي بہ جنمي اٿي
شَڪُنتل اُتِي پر اڌوري اُتِي
شَڪُنتل مڪمل ٿيڻ کاڻ ئي
وڌائي وڌائِي بہ مانداڻ ئي
ڪڏهن هوءَ مريم جيان ماءُ ٿِي
ڪڏهن هوءَ لَيلا جيان ساءُ ٿِي
ڪڏهن هوءَ راڌا، تہ مِيرا ڪڏهن
ڪڏهن هوءَ سِيتا، تہ لِيلا ڪڏهن
ڪئين تانِ سينا، ڪئين ڪالِيداس
ڪِرشنا، پِڪاسو؛ ڪئين ٿيا نراس

ڪئين تَندَ تاڙِينِ پل پل هِتي
ڪئين اوڙِ آڙِينِ ور ور پَني
ڪئين بانسريءَ جي سُرن ۾ مگَن
چِترڪار وينا محبت چِٽَن
مگر ڪنهن بہ پوري ملي ڪا نہ تِي
ڏسي تي اگر، پو ٻُڌي ڪا نہ تِي
ٻُڌي تي اگر، پو چَوي ڪا نہ تِي
چَوي تي اگر، پو ٻِهي ڪا نہ تِي
نہ کُھُنبي، نہ ڪوجهي، نہ پُوري اجا
نہ ورڪا، نہ سيجا، نہ سُوري اجا
نہ سورٺ، نہ سهٽي، نہ نُوري اجا
شَڪُنتل اڌوري اڌوري اجا

*

هوءَ، جڻ ڏاڙهونءَ وڻ ۾ ڦريون ڦريون گُلُ ڦٽيو آ
هوءَ، جڻ پَٽَ پٽيهر[1] تي پرتياريءَ[2] ڦُلُ ڇٽيو آ
هوءَ، جڻ سچ ٽڙي پوندو آ ٻالڪ مرڪن اڻ جهل
هوءَ، جڻ سونهن ڇُڙي پوندي آ ڪٽڪ سِٽَن[3] ۾ پل پل
هوءَ، جڻ سياري راتين ۾ ڦوڪن سان ڏڳندڙ سگري
هوءَ، جڻ ساگر لس ۾ چانڊوڪيءَ جي چادر اجري
هوءَ، جڻ هِمَ[4] جي ٻڪ ۾ ڪوئي رنگ برنگي ٽانڊو
هوءَ، جڻ مونجهه، اٻس ۾ وائن جهوٽو ٽڌڙو آندو
هوءَ، جڻ مڇِّي ڀَنَ[5] ڪي ٿوڙي ناچ ڪري موجن ۾
هوءَ، جڻ رنگ محل آ ڪنهن جي پريت ڀريل سپنن ۾
هوءَ، جڻ مايوسيءَ جي ڪَتبي پٽ واري جي وائي
هوءَ، جڻ پن ڇڻ جي موسم ۾ ٽاري بلڪل سائي
هوءَ، جڻ ننڊن در تي خوابن جو ڪو وٽندڙ ڪڙڪو
هوءَ، جڻ کُهندڙ ويرانيءَ ۾ جاتل ڪو ئي ٻڙهڪو
هوءَ، جڻ ڪارونجهر چوٽيءَ تي وچ جو وَڙ، وراڪو
هوءَ، جڻ موهن دڙّي اندر يُگ يُگ جو ڪو ڌاڪو
هوءَ، جڻ ڏک جي ميخاني ۾ سُک جي ڪا مڌ ماٽي
هوءَ، جڻ تنهائيءَ جي اس ۾ محفل جي ڪا ڪڪري

---

1 پٽ پٽيهر: ريشمي ڪپڙا، پٽ جا ڪپڙا، قيمتي وڳو

2 پرتياري: پرتيارِ، پرت پريندڙ عورت، (’پرتيارِ‘ جي بدليل صورت)

3 ڪٽڪ جو سِٽو: ڪٽڪ جو سَنگُ

4 هِم: بَرفَ، جميل پاٽي، لفظ ”هماليہ“ ٻہ انهي مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: برف جو گهرُ.

5 ڀَنُ: مڇين کي ڦاسائڻ لئہ رَڇَ جهڙو ڄارُ ”پرين پيا نہ ڀَنَ ۾، مون پائيندي واجهہ“ (شاهہ ڪريم)

هوءَ، جڏهن ڪيٽيءَ سمنڊ اتي ٻيڙي جي ڏَڄَ[1] جون وڙڪون
هوءَ، جڏهن ڇُوڙيو[2] جبل مٿي ڪڻ ڪڻ ڪڻ وَرسن بوندون
هوءَ، جڏهن ڪارين ڪڪرين وچ ۾ چوڏهينءَ جي چانڊوڪي
هوءَ، جڏهن دل جي دنيا ۾ دل جي سپنن جي موڪِي
هوءَ، جڏهن ڏاٽيءَ جي چانگن لئہ ڏَٿَ جو سرڪنڊ، چندن
هوءَ، جڏهن مومل جي مرڪن لئہ ڪاڪ محل جو درپن
هوءَ، جڏهن گهگهڙّ اونداهيءَ ۾ اوڪن سان ووڙيل ڏيئڙو
هوءَ، جڏهن پيري مان اڏريل پهريون پهريون پنڇيئڙو
هوءَ، جڏهن ڪينجهر ڪڙ تي گنڌريءَ لئہ گل، گل جو پاٽي
هوءَ، جڏهن ڇيرن ڇن ڇن ڇن، ڇم ڇم ڇم تُند وراٽي

---

1 ڏَڄَ: ٻيڙيءَ جي جهنڊي، ڏڄا، بانٺُتو

2 ڇوڙيو جبل: ننگرپارڪر جي هڪ ديھ جو نالو، جنهن ۾ هيءُ جبل موجود آهي، جيڪو ٿن پاسن ڪان هندوستان جي سرزمين ۾ ڪنهن اُپ ٻيٽ وانگي آهي. ڪنهن وقت اتي عاج جي چوڙن جو ڪم ٿيندو هئو، ان ڪري ان جو نالو ڇوڙيو پئجي ويو. ان جبل جي چوٽيءَ تي دُرگا ماتا جو هڪ پراڻو مندر بہ آهي، جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. ان جبل جو پٿر (گرينائٽ) نهايت قيمتي ۽ وٽندڙ رنگ جو آهي.

*

ڏور لُڙهي ويو وڻجهه، او مانجهي
سِيرُنِ اُهري ناوَ
ڪنيا تِي هانوَ الا چو پاوَ
هليو هل لهرين سين

لهرين لهرين ڪيپ چڙهيل تي
سج ٻه اڃا تِي ساڻ
اڃا تِي ڪيجَ[1] پريل مهراڻ
هليو هل لهرين سين

ساگر مڌ مرلي تي مُرڪي
بوند آ جام
اڃا تِي رمز رتو سنگرام
هليو هل لهرين سين

وهم وِلوڙي پاسي ڪر تون
جهاتي من ۾ پاءِ
او مانجهي، اڄ ته نه تون گهٻراءِ
هليو هل لهرين سين

ڏور لُڙهي ويو وڻجهه، او مانجهي
سِيرُنِ اُهري ناوَ
ڪنيا تِي هانوَ الا چو پاوَ
هليو هل لهرين سين

[1] ڪيجُ: خوشي، مزو، لطف، موج

*

ڪو راڳ اڳن وارو، اڄ ڇيڙ تہ اي راڳي
هڻ تانَ مذر اهڙي، ڪا شيءِ نہ رهي ساڳي

اڄ ڍُهل ڪري ڏرتي، آڪاس ڪري مُرلي
هن وقت مروڙي تون، هر تند ايامن جي
ها ڇيڙ اُهي تارون، هر تار پوي جاڳي
ڪو راڳ اڳن وارو، اڄ ڇيڙ تہ اي راڳي
هڻ تانَ مذر اهڙي، ڪا شيءِ نہ رهي ساڳي

ڇاڇول سڄو سنڌو: لَس، ليٿ، ڇڪرَ، وَرَ، ڇَل
سامونڊ سُرن سنڌو، جهاڳوڙ ائين پل پل
سي راڳ نچن هتڙي، ڪنهن ڪو نہ ڇهيا جهاڳي
ڪو راڳ اڳن وارو، اڄ ڇيڙ تہ اي راڳي
هڻ تانَ مذر اهڙي، ڪا شيءِ نہ رهي ساڳي

ڏونداڙ سڄو اولهہ، ڏانڊول سڄو اوير
سڀ هانو ڪٽي پهچن؛ پو ڪو نہ وڃن بيهر
اڄ تاڻ اُهي تندون، تي ڪو بہ نہ ويراڳي
ڪو راڳ اڳن وارو، اڄ ڇيڙ تہ اي راڳي
هڻ تانَ مذر اهڙي، ڪا شيءِ نہ رهي ساڳي

چانڊاڻ چُڳي سُر سُر، ڪاراڻ اجهامي پئي
هر پلٽ پڪيءَ وانگي، چوڏار اڏامي پئي
انءَ وقت ڇهي هر ڏُن، تي ڪو نہ ائين ياڳي
ڪو راڳ اڳن وارو، اڄ چيڙ تہ اي راڳي
هڻ تانَ مذر اهڙي، ڪا شيءِ نہ رهي ساڳي

*

ڏُڪي تي موھ ۾ ھرٽي
ڏُڪي تنءَ مرگھ پيو تَر ۾
ڪتوريءَ ڪيپَ ڪيتر ۾

ائين ئي مور جي رڙ تي اڪنڊي ڏيل آ ٽلٽي
اڏن ٽا آس ۾ ڪاڳر، الا، ڙي، ڪلڪ آ چلٽي
جئين ھيءَ باک مرڪي پئي، تئين ئي سانجھ آ ڪلٽي
ڪڏوڪو موت باھي ٿو، لڪي وٿ جوت ۾ لڪٽي

ڏُڪي تي موھ ۾ ھرٽي
ڏُڪي تنءَ مرگھ پيو تَر ۾
ڪتوريءَ ڪيپَ ڪيتر ۾

*

موهن جي مٿيءَ تي ڇم ڇم ڇيرن ڪي ڇمڪائڻ واري[1]
هيل ٻه ڇيرون پاءِ، الا، تون هيل ٻه ڇيرون پاءِ
اَيّامن جي پيشانيءَ پنهنجا پيرا چنبڙائڻ واري
هيل ٻه ڇيرون پاءِ، الا، تون هيل ٻه ڇيرون پاءِ

موهن جون ميرانجهيون ماڙيون، سَرلي سَرلي دهڪن واريون
ڇيرن تي هي ٻهڪڻ واريون، ڇن ڇن ڇن تي ٻرڪڻ واريون
اڄ ٻه تہ آسائيون آسائيون، جڻ ڪو تن ۾ ڪيئي وائيون
آتيون پَنَ جي جوڳياڻيءَ لئہ، سندوءَ جي تنهن آرياڻيءَ لئہ
جنهن جا گل گل ڪورا ڪورا، پل پل جن تي پُوٽن پونرا
جنهن جي نَچَ تي واءُ گهلي پئي، موجن ۾ مهراڻ ڇُلي پئي
سازيندڙ جو ساز ٻُري پئي، سج جي آڪڙ، تاڻِ پُري پئي
سَنڪن ۾ سنگيت جُڙي پئي، ڪڻ ڪڻ سان ملهار ڇُڙي پئي
صدين جو پڙلاءُ وري پئي، وقت وسايل ديپ ٻري پئي
اَيّامن ڦيرائڻ واري، تالُ، تانَ وَرنائڻ واري
هيل ٻه ڇيرون پاءِ، الا، تون هيل ٻه ڇيرون پاءِ

---

[1] ڇيرُن ڪي ڇمڪائڻ واري: هيءُ گيت موهن جي دڙي جي "ناچ ڪندڙ نينگر" تي لکيل آهي. ڪن ڪيس "سمبارا" ڪوٺيو آهي. عطا محمد ڀنڀرو سندس نالو "هپي" (ڇَشي، مِٽي، ڇُمي) ٻُڌايو آهي. مون هن ڪتاب ۾ ڪيس سمبارا ڪري ئي ڪوٺيو آهي. سمبارا ۾ موسيقيت آهي. هيءُ موهن جو دڙو هجي يا موئن جو دڙو، هيءَ سمبارا هجي يا هپي، هيءَ ناچ ڪرڻ واري هجي يا نہ، تاريخ جيڪو ٻہ ٻُڌائي ٿي يا ٻُڌائيندي، اهو سڀ ڪجهہ ان خيال ۾ ضم ٿي ٿو وڃي جڏهن هڪ ڌرتيءَ جي لون لون فن جي ٿپ ٿپ تي پاڻ گونجندي هجي ۽ اها گونج ان ڌرتيءَ سان منسوب ٿي چُڪي هجي.

اڄ موهن جي ٿَرڙَ متي اڄ، سمبارا، تون ڇِينهہَ جيان نچ
دنيا گاجُن وانگ گجي اڄ، وڄ وِڄ جي ڪڙڪاٽ جيان وڄ
ڪِوَٽين ۾ چمڪاٽ ٻٽي پئو، ساگر ليٽن وانگ لَڙي پئو
ڏونداڙي چڏ اولهہ، اوير، ايّامن جا ڪيت، ڪندر، گهر
پير ائين ڏر اڄ، سمبارا، گونجن جڳ جا ڪُنّ، ڪنارا
مستيءَ وارين تندن تاٽي، ڇيرن چاتيءَ آڳ لڳائي
تالُ مِلا انءَ، ڏرتي ڏڙڪي، ڏُن جهونگاري، مُرڪي، مَرڪي
آڏو تنهنجي سندو پڙڪي، تنهنجي تالن ڪنڏين ڪڙڪي
موهن جي درٻار سجائي، لمحن جي جهٽڪار ٻٽائي
ڌرتيءَ ڏڪ ڏڪ لائڻ واري، جيوَن ڪي ٻَهڪائڻ واري
هيل ٻہ ڇيرون پاءِ، الا، تون هيل ٻہ ڇيرون پاءِ

موهن جي مٿيءَ تي ڇم ڇم ڇيرن ڪي چمڪائڻ واري
هيل ٻہ ڇيرون پاءِ، الا، تون هيل ٻہ ڇيرون پاءِ
ايّامن جي پيشانيءَ پنهنجا پيرا چنبڙائڻ واري
هيل ٻہ ڇيرون پاءِ، الا، تون هيل ٻہ ڇيرون پاءِ

*

دنبورو سياري رُت ۾ دَرَ چانئٺَ آڏو سانتيڪو آ
ٿڌ ۾ ڏيھ تہ لرزي وينو، ڪنبي وينو، ٽڙڪي وينو
پر رھواسِي بوتا بوتا، گھر گھر اندر خاموشي آ
دنبوري جون تارون سِيٽيل، جڻ ڪنھن تن کي تاٽيو آھي
نيٺ تہ تارون ڪنبيون آھن، تندن ديپڪ راڳ ڇھيو آ
سُرَ جي آڳ وَسي ٿي چوڏس، ھاڻ تہ سُرَ جا ٽانڊا ورسن
چوڏس ڏيھ تہ شعلا شعلا، پو بہ تہ گھر گھر آھ نِوائِي
بوتن ۾ ڪا جان نہ آئي، بوتن ۾ ڪا جان نہ آئي
دَرَ خاموشي، ڪُنديءَ، چانئُٺَ خاموشي ئي خاموشي آ
پر ديپڪ جي تانُن ٻُرندو دنبورو ئي ڄَرڪي وينو
دنبورو ئي پڙڪي وينو، دنبورو ئي ڏڙڪي وينو

*

تنھنجو، منھنجو رنگ الڳ آ
ڍنگ الڳ آ، ونگ الڳ آ
تنھنجي، منھنجي لات الڳ آ
جيت الڳ آ، مات الڳ آ
تنھنجو جوڙيل ٻوٽو تنھنجو
منھنجو جوڙيل ٻوٽو منھنجو
تنھنجو، منھنجو پيار الڳ آ
پنھنجو ڄڻ سنسار الڳ آ
پوءِ ٻہ تہ من جي آکيري ۾
تون، مان، پنڇي پنڇي آھيون
جھڙي ٻوليءَ ٻوليون، ڳائيون
جيون ڏُن ۾ ساڳيا آھيون
ڪجھہ تہ آ جو تنھنجيءَ منھنجيءَ
نس نس سُر جنءَ ڊوڙون پائي
ڪجھہ تہ آ جو مَي جنءَ ڇلڪي
توکي، مون کي، ناچ نچائي
تو، مون ۾ او سُرَ جا ساٿي
ڪجھہ تہ آ جو ساڳيو آھي

*

جيڪِي تو ۾ آهه
سوئي مون ۾ آهه
ويراڳيءَ جي وائي تو ۾
ويراڳيءَ جي وائي مون ۾
تون تنبوري تانن تڙقين
مان بہ تہ انءَ ئي تڙقيو تڙقان
تون جي سائِيڪا[1] سِنجين، ڙي
مان پڻ نارن وانگي پوٽان[2]
تون بہ تہ ڪويل جي ڪوڪن ۾
صدين جو پڙلاءُ، پرينئڙا
مون بہ تہ اهڙو ساءُ، پرينئڙا
وِينگس[3] جي وارن جا گهيرا
چپڙن جا، نيڻن جا ڦيرا
تو بہ تہ مون جنءَ بانارن تا
مون بہ تہ تو جنءَ بانارن تا
ٻيڙيءَ پاو اپين سيرن جا
من تي گهاو منين يادن جا
تو، مون وٽ ور ور موٽن تا
جيون جو هر رنگ آ تو ۾
جيون جو هر رنگ آ مون ۾

---

[1] سائيڪو: سٽ پُرهَ اونهون ڪُوهُ "جن سائيڪا سِنجيا، سي ڏٽي ڪيڙئي ڪانهن" (لطيف)

[2] پُٽَڙُ يا پُوٽَڙُ: گهُمڻ، ڦِرڻ "آءُ اوهان جي دانهَ، سدا پُٽان سنري" (لطيف)

[3] وِينگسِ: (صفت) سهڻي، خوبصورت عورت

پر تو ۾ ۽ مون ۾، پريتم
ڪجهہ ته آ جو ساڳيو ناهي
ڪجهہ ته آ جو وڇّن وانگي
ڪڙڪي ٿو من مندر منهنجي
ڪجهہ ته آ جو ڀنيت ڀڄي
مون ۾ پل پل ڀڙڪي ٿو
جنهن جي ڀيڪي، ڀيڪي سان
پڄران ٿو، مان پڄران ٿو...
ڪجهہ ته مون ۾ آهہ
جيڪو تو ۾ ناهہ

*

تو چيو، چا تہ تو چيو آهي[1]
مون ٻُڌو، چا تہ مون ٻُڌو آهي

رُوپ، هئہ، چا تہ رُوپ ڏيکارئي
مون ڏٺو، چا تہ مون ڏٺو آهي

رُوپ تنهنجو تہ رُوپ آ تنهنجو
مون ڏٺو، چا تہ مون ڏٺو آهي

رُوپ تنهنجو تہ رُوپ آ تنهنجو
مون ٻُڌو چا تہ، چا ڏٺو آهي

رُوپ منهنجو بہ رُوپ آ تنهنجو
تو ڏٺو، چا تہ تو ڏٺو آهي

رُوپ منهنجو بہ رُوپ آ تنهنجو
تو ڏٺو چا تہ، چا ڏٺو آهي

رُوپ منهنجو بہ رُوپ آ تنهنجو
مون ڏٺو، چا تہ مون ڏٺو آهي

---

[1] هن غزل ۾ ’تنهنجو‘ ۽ ’منهنجو‘ لفظن جي موجودگيءَ تقريبن هر هڪ شعر ۾ هڪ ڪان وڌيڪ معنائون آڻي ڇڏيون آهن. بيت جي وراڻيءَ جيان هن ۾ ڪيئي وراڻيون ڏنيون ويون آهن، جنهن ڪري هيءُ هڪ مختلف غزل محسوس ٿيندو، پرڙگو رواجي گهاٽيتن جي پوئواري ڪبي تہ تصور جي رنگن ڪي وڪرڻ ڪان اڳ ئي قربان ڪرڻو پئجي ويندو، جيڪو مون نہ ڪيو آهي.

رُوپ منهنجو ٻہ رُوپ آ تنهنجو
تو ڏنو، ڇا تہ مون ڏنو آهي

رُوپ منهنجو ٻہ رُوپ آ تنهنجو
مون ڏنو، ڇا تہ تو ڏنو آهي

رُوپ تنهنجو ٻہ رُوپ آ منهنجو
مون ڏنو، ڇا تہ مون ڏنو آهي

رُوپ تنهنجو ٻہ رُوپ آ منهنجو
مون ڏنو ڇا تہ، ڇا ڏنو آهي

رُوپ تنهنجو ٻہ رُوپ آ منهنجو
تو ڏنو، ڇا تہ تو ڏنو آهي

رُوپ تنهنجو ٻہ رُوپ آ منهنجو
تو ڏنو، ڇا تہ مون ڏنو آهي

رُوپ تنهنجو ٻہ رُوپ آ منهنجو
مون ڏنو، ڇا تہ تو ڏنو آهي

درد، هئہ، ڇا تہ درد آ تنهنجو
مون ڪنيو، ڇا تہ مون ڪنيو آهي

درد تنهنجو تہ درد آ تنهنجو
تو ڪنيو، ڇا تہ تو ڪنيو آهي

درد تنهنجو ته درد آ منهنجو
مون ڪنيو، چا ته مون ڪنيو آهي

درد منهنجو ته درد آ تنهنجو
تو ڪنيو، چا ته تو ڪنيو آهي

ياد، هئي، چا ته ياد آ تنهنجي
مون سنو، چا ته مون سنو آهي

ياد تنهنجي ته ياد آ تنهنجي
تو سنو، چا ته تو سنو آهي

ياد تنهنجي ته ياد آ منهنجي
تو سنو، چا ته مون سنو آهي

ياد تنهنجي ته ياد آ منهنجي
مون سنو، چا ته مون سنو آهي

ياد منهنجي ته ياد ته آ تنهنجي
مون سنو، چا ته تو سنو آهي

ياد منهنجي ته ياد آ تنهنجي
تو سنو، چا ته تو سنو آهي

تو وڪيو، چا ته تو وڪيو من کي
چا ڪتو، ڏس ته چا ڪتو آهي

چو تہ ٿو تون ڦٽي ڪرين جيون
مون لڌو، چا تہ مون لڌو آھي

تو چيو، تو تہ ٿي چيو پل پل
مون ڪيو، چا تہ مون ڪيو آھي

مون نہ ورتو تہ چا نہ مون ورتو
تو ڏنو، چا تہ تو ڏنو آھي

نيڻ تنھنجا، خمار ۾ ’سائر‘
چا پِلا ٻيو بہ ڪو نشو آھي

*

پروهتو، پروهتو
الا، سُڄاڻ پروهتو
نہ وينتي، سوال ڪو
اِڇا، نہ سَڌ، چاهِنا
گمان سڀ ختم ڪري
خيال سڀ دفن ڪري
اچو، ڀهو، نہ سوچجو
نہ چورجو زبان بي زبان کي
ڏسو، ڏسو
مجسمو ڇُري پَيو
الا، الا، سُري پَيو
نہ ڪنهن بہ چيز ڪئي اٿس
نہ ڪنهن بہ ڪيس آ تڏيو
ڇُري ڇُري پَيو سُري
سُري سُري پَيو ڇُري
ٽڙي پَيو اڳند مرمريءَ مٽي
ائين لڳي: نچي پَيو
ڪُماچُ تي ٻُري پَيو
ڏِياچ وانگ ڪنڌ تي ترار جڻ جهلي پَيو
جهُري پَيو
جهُري جهُري ڦري پَيو
ڦري ڦري جهُري پَيو
اجهو ڪريو ٽڙڪ ڪري

اڳند مرمري سجو ذرا هِتي هُتي
پروهتو، پروهتو
الا، سڄاڻ پروهتو
نہ وينتي، سوال ڪو
اِڇا، نہ سَڌ، چاهِنا
گمان سڀ ختم ڪري
خيال سڀ دفن ڪري
اچو، ڀهو، نہ سوچجو
نہ چورجو زبان بي زبان ڪي
ڏسو، ڏسو
مجسمو ڇُري پَيو
مجسمو ڇُري پَيو

*

منهنجو من نادان
پرين، وو، منهنجو من نادان
جِيوَن جو ڪُنُ ڪُنُ ڇاڇوليان، وَهُ[1] مون تي حيران
مان لڙهندو منجهڌارَ ڪيان ٿو ساگرَ تي دهمان
ڪوهيڙي ۾ پاڻ پتوڙيان، ڇو تہ ڪٽان احسان
منهنجو من نادان
پرين، وو، منهنجو من نادان

منهنجو من نادان
پرين، وو، منهنجو من نادان
مان هستيءَ لئہ جَر، ٻَر ووڙي[2]، موٽيس منجهہ پِران
پريتم مون ۾، پريت بہ مان ئي، مان ئي حق، گمان
مان ئي ماڳ، تہ مان ئي مارڳ، مان ئي نيچ، مهان
منهنجو من نادان
پرين، وو، منهنجو من نادان

منهنجو من نادان
پرين، وو، منهنجو من نادان
مان جِيوَن جي رنگ محل ۾ توٽي هڪ مهمان
واس وڪيريان سپنن جو، آڇيان محبت ۽ مان
پل پل رنگ ڇٽيان گلڙن سان، پون نہ رهي ويران
منهنجو من نادان
پرين، وو، منهنجو من نادان

1 وَهُ: پاڻيءَ جو وهڪرو
2 وَوڙڻ: ڳولڻ

منهنجو من نادان
پرين، وو، منهنجو من نادان
من پياسو ٻاپيهل، آڏو ماروٿل[1]، ميدان
جلندو، جهُرندو پنڪ پکيڙيان، اُڄّ اٿم ايمان
جاڪوڙو ۽ ٿَڪّ اسانَ ۾ ٻڌجيا درمان
منهنجو من نادان
پرين، وو، منهنجو من نادان

[1] ماروٿل: ڪورڪي ٿئن، رُڃَ

*

جِيوَن هڪڙو فِلَرت آهي
ڪچڙو، اُوٺو اَرت [1] آهي
ان جي تاجِي پيٽي ۾
ٻَٽَ پَٽِيهَرَ تاندورا
سُٽَ جون تندون ۽ تارون
سترنگي ڏاڱا آهن
سترنگي سيبا آهن
ڪُڻَ [2] ڏيئي، هئہ ڪُڻَ ڏيئي
جن ڏورُن هي جوڙي ٿو
تن کي پاڻ اُڌيڙي ٿو
تن کي پاڻ اُکيڙي ٿو
هئہ، هئہ، پوءِ سڀ آسائون
لِيڙون لِيڙون ۽ لِينگهون
اَڳِڙيون ٽِڳِڙيون، ڇيهاڙيون [3]
ها، جِيوَن تہ فِلَرت آهي
لُڳِڙ و [4] ڪوئي وَرت [5] آهي
واري واري وَرت، الا

[1] اَرتُ: ايٽ؛ چرخو؛ آتڻ؛ جاءِ
[2] ڪُڻُ: ٽاڪو؛ سيبو؛ پرت. ڪُڻُ ڏيڻ معنيٰ: سيبو يا ٽاڪو ڏيڻ
[3] ڇيهاڙيون: لِيڙون ليڙون؛ لِينگهون لِينگهون؛ ڏهيون ڏهيون؛ ڇِنل ڪپڙا
[4] لڳڙو: لمڙو؛ هيٺو
[5] وَرتُ: چَم مان وٽيل رسي جنهن سان کوهہ مان پاڻي ڇڪي ڪڍجي

سائِيڪن مان ناهه نجات
لَپّ چُرُون، ور اُجّ، اُساٽ
ان سان سِنجَڻ کهڙو، يار
ڪير ﭜ واري وينو، يار
سچ، جِيوَن تہ فِلَرٽ آهي
ڦيٿهڙو ڪو پَرت آهي
هن جا قسم ٻهون آهن
ڪن ۾ آسُن جون رِيڙون
ڪن ۾ سُر سُر جون ڏورون
ڪن ۾ محبت جون تندون
ڪن ۾ مُرڪن جون ليرون
ان جا سڀ ٽاٽا ٻاٽا
ان جا سڀ ٽوپاہ ٽاڪا
پاٽهي ٽا اُڪلن، اُڊڙن
پاٽهي ٽا نڪرن، اُڊمن [1]
رِيڙون توڙي رنگ ڪچا
ڦيتوهڙَ، هئہ، ڦيتَهڙا
جِيوَن وقت ڪَڪوري تو
جوڙي تو، ور پوري تو
جذبن کي دونهائي تو
سوچن کي تہ اُٻاٽي تو
سپنا ڏئي تہ جياري تو
سپنا ٽوڙي ماري تو
اڄ هن جي مون سان ياري

[1] اُڊمَڻُ: اُڪلڻ، اُڊڙڻ

ٿينديس پوءِ تو سان ياري
ڪنهن سان ڪينَ نيائي ٿو
هر ڪنهن کي ڀلائي ٿو
جِيوَن هڪڙو فِلَرٽ آهي
ڪچڙو، اُوٺو اَرٿ آهي
لُڳڙو ڪوئي وَرت آهي
ڦيٿَهڙو ڪو ڀَرت آهي

*

چا جي آ آلاڻ
اکين ۾ چا جي آ آلاڻ
پنڇي، پنک وڃائي وينين
چا تہ وڃايئي هاڻ

ڪڪريون ڪڙڪيون، وَرڪا وَرسِي
سارين گنگا ڪنڌيءَ تَرسي
سنڌوءَ جي آراڻ
اکين ۾ چا جي آ آلاڻ

سِڄ جنءَ اُلَٽو، ٿي انڌاري
پونءِ سموري ڪاري ڪاري
اُپّ تہ ڏيئڙن ڪاڻ
اکين ۾ چا جي آ آلاڻ

هاٿي هت ناهي ڪوهياري
ڪنهن لئہ آ تو سگري ٻاري
ڪِنجهين ڪنهنجي ڪاڻ
اکين ۾ چا جي آ آلاڻ

رُڃ نچي ٿي رڻ ۾، بر ۾
باهيون تن ۾، اُڃ اندر ۾
پر ڏِس، ناهين ٻاڙ [1]
اڪين ۾ چا جي آ آلاڻ

چا جي آ آلاڻ
اڪين ۾ چا جي آ آلاڻ
پنڇي، پنک وڃائي ويٺين
چا تہ وڃائئي هاڻ

[1] ٻاڙِ: بند ٿيل، قيد ۾ پيل، باندِي

*

پرين، تون نہ موٽئين، نہ آيون نہ آيون
گهڙيءَ لئہ بہ جيءَ ڏي بهارون نہ آيون

ائين دل ڏُڏِي، ڏڙڪنون ٿيون پڙاڏا
تهان پو تہ جَڳ جون صدائون نہ آيون

اَڪَرَ ڪِيمَ چئو، دل جَڙيم شاعريءَ ۾
مگر ڏڙڪنون پو بہ پوريون نہ آيون

اسان هٿ وٺيءَ تي وچوڙيل رهياسي
جڏهن تہ سدا جِيئَن دوريون نہ آيون

اهو عشق چا آهہ جنهن جي سفر ۾
نہ هنجون، نہ جاڙون، جدايون نہ آيون

بُرايم حياتي ائين ڪِينَري جنءَ
ڪڏهن وقت ڏي تيئن تانون نہ آيون

اها سيج سُوري جتي روح جي لئہ
پرينءَ جون جٺادار ٻانهون نہ آيون

وئين تون تہ مندون بہ موٽِي نہ موٽيون
اهي راتڙيون، هاءِ، شامون نہ آيون

گهٽا ئي وريا گهاوَ ۾ داغَ جاچڻ
نہ آيون تہ تنهنجون نگاهون نہ آيون

رَڙِيو روح انءَ ٿي بدن منجھ ‘سائرُ’
ٻُڌڻ ۾ هِيين جون ٻہ دانهون نہ آيون

*

ها، پرين، باھ ڪو نہ ٺَرڻي آ
تون نہ ايندين تہ دل تہ جَلڻي آ

تون نہ آھين تہ پو خيال آھن
زندگـــي تو سوا نہ سرڻي آ

ھوءَ جا ھوش وئي ڪٽي آھي
سِڪَ جي سوز ساڙ ورڻي آ

گُلّ پل چور چور ڪر ويئو
پوءِ بہ ھٿڙن سڱند رھــڻي آ

چا تہ جھونگار آ سريلي، ڙي
ڪونج ڪائي ھتي بہ لھڻي آ

رنگ بدران ڇُھي وئي دلڙي
ھيءَ تصوير ڇو تہ مرڻي آ

مان بہ ڪي گيت امر ڇڏي ويندس
موت ڪان ڪا بہ شيءِ تہ ڪسڻي آ

ڇانگ ھرڻي جيان ھٽي ويئي
ڏات جھرڻي جيان بہ وھڻي آ

ڪوهه، ڪکرا، ايا پٿر، ڪاڙهو
ڪا ته ڪکري هتي به رسٽي آ

پيار ڪر، پيار، پيار ڪر ’سائر‘
وير موٽي وري نه اچٽي آ

*

ڪئين درد، دارون ضروري اجا
حياتي سوا تو اڌوري اجا

اجا ڪوڙ منظر ته ڪردار ڪئين
کھاٽي نه ٿي آھ پوري اجا

پريو جامَ، اوتيو اجا سوجھرو
الاءِ ڏينھن ڪئي آھ دوري اجا

ڏُڪي جيئن ھرڻي، ھرڻ پيي ڏُڪيو
بياباںَ ۾ آ ڪٿُوري اجا

وجي ڪِينَرو پر نٿو سُر بھي
نه پئي تَند دل جي سموري اجا

ٿِلي ڏيل انءَ، مور ويچار ۾
الاءِ نمّ، ٿيندي نموري اجا

اجا سڄّ ڪينجھر، تماچي نه ٿڙ
نه جوين سَچِي سونھن نوري اجا

سڪو زندگيءَ جو فضا ۾ ڦري
اڪر ناھ، 'سائرُ' نه پوري اجا

*

ٻُري تَندَ تنهنجي اَڄاتيءَ[1] اڳن
پٽائي، سڄي ڏيھ تنهنجي لڳن
سڄو سنڌ تنهنجي سُرن ۾ مَڳن!
اِهي سُر لڳاتار چوڏس ٻُرن
ڪٿي چير وانگي چِنن چن چنن
ڪٿي جڻ تہ ڪنگڻ ڪنن ڪن، ڪنن
ڪٿي جڻ تہ جهانجهر جهنن جهن، جهنن
ڪٿي ڪن گهنن گهن، گهنن گهن، گهنن
ڪٿي واچَ واري پنن ۾ چٽن
اُتي ئي پنن جي چٽڻ تي جهُرن
ڏِسي ڏڪّ جهانگيئڙن جا مرن
مگر پو بہ عنقا[2] جِيان ٿا وَرن
ڪڏهن پانگڙن جئن لُڏيو ٿا لُڏن
ڪڏهن ٻالڪن جئن ڪڏيو ٿا ڪڏن
ڪڏهن روجھ وانگي رجن ۾ ڊڪن
ڪڏهن هي ڪِڪِيءَ جنءَ، ڪڏهن جڻ تہ پَن
ڪڏهن هي چڪورن جِيان پَرَ هٽن
ڪڏهن چنڊ وانگي گگن ۾ ڪِڙن
ڪڏهن ڪاتَ ٻٽجَن، ڪڏهن ٿا ڪُسن
ڪڏهن ماڳ ماٽن، ڪڏهن پيچرن

---

[1] اَڄاتِي: جنهن جي ڄاڻ نہ هجي؛ جيڪا ڄاتل سُڃاتل نہ هجي.

[2] عنقا: هڪ خيالي پکيءَ جو نالو؛ راج هنس؛ سيمُرغ (جنهن بابت عام خيال آهي تہ پوريءَ دنيا ۾ رڳو هڪ ئي ٿئي، جيڪو وڏي عمر جو ٿئي تہ پاڻ کي ساڙي ڇڏي ۽ ان جي رک مان ٻيو پيدا ٿئي)

جئين اوپرن، تنءَ وَسن اولهن
ڪڏهن سادڙو ويس پائي اچن
ڪڏهن پرت اندر جٽادار فن
پٽائي، سين آهه تنهنجي لڳن
سچو سنڌ تنهنجي سُرن ۾ مڳن!
ڪڏهن هي ڪُماچن جِيان ٿا وڄن
ڪڏهن بانسريءَ جي سُرن ۾ جُڙن
ڪڏهن چنگ وانگي هِيين ۾ هُرن
ڪڏهن سرمنڊل تي ايامن ڇهن
ڪڏهن چڻ تہ وِينا سُرن جو وطن
ڪٿي پيرويءَ پونر تي ٿا پِرن
ڪٿي پُٽڪ پيرون نہ چاهي بہ ڪن
ڪٿي ڪوهہ جا راڳ ٻڌجيو ڇُڙن
ڪٿي راڳ سورٺ وجهيو ڏنءُ ڏِين
پلا ڪنڌ وارين، سُر انءَ گهُمن
رُسي ڪاڪ ڪائي تہ راٽا رَچن
اُتي راڳ راٽو بُرائي پِڙن
مچي جيئن سنڌو تہ سهٽيون تَرن
ڪُنن ۾ ڪئين مورڙا تي گهِڙن
رُئي جيئن پنيور، آريا رَسن
ڪٿي ماروي جون مرادون سُٽن
ڪٿي تر ٻٽي نيت سارَنگِجن [1]
ڪٿي نينهن نوريءَ وٺي واسِجن
ڪٿي ور تماچيءَ جِيان هي نَمن

---

[1] سارنگجڻ: هتي هن لفظ کي فعل جي صورت استعمال ڪيو ويو آهي. ان حساب سان هن جي معنيٰ ٿيندي: سارنگ جهڙو ٿي وڃڻ؛ سارنگ وارو راڳ ٿي پوڻ؛ سانوڻ جي موسم ٿي وڃڻ؛ سانوڻ ٿي وَسڻ؛ جهڙَ جو ڪَڻ ڪَڻ ٿي مِينهن وَسائڻ؛ برسات ٿيڻ

جتي نيڻ ڪاهيون ته سُر سُر سَمن
نه مُگرا، نه ڏاڙهون، نه موتيا ڪُچن
سڳندون ته پل پل پُٽيو ٽيون پُٽن
دنبورو سُرن جو مٽيادار بَن
پٽائي، سين آهه تنهنجي لڳن
سچو سنڌ تنهنجي سُرن ۾ مڳن!
پٽائي، مگر ڏس اُلا ٽا اُٽن
ڄِپِي، جهڳ، پنيت، ڄَرات آ لَڪن
ٻَنيون ۾ جُهڳيون جڻ ته ڪُورا پچن
لُڪن تي الا پَٽَ، ڇَپَرَ ٽا سڙن
هجي واٽَ يا آٽِ، پٽر ٻَرن
نه آسر، اميدون، نه بادل رمن
مگر پو به جهڙ ڦڙ اوهان جي سخن
سخن، جو رچايل رسالي سُرن
سيئي مڇّ، آڙاهه انءَ پو اُجهن
اُهي جڻ ته ڪي آڳ قصّا هجن
نچي هِير سُر سُر، پنن ۾ وٽن
ٽڏيري ٽڏيري هوا پئي ڪڪن
ڏِيا آسرن جا نه ڪنهن پل وسن
ٻَرن ۾، بنن ۾ پکي ڪيتِرَن
مُنا مور ڊيلن پنيان پو نچن
محبت ڪنل پو پکا ڪن وچن
پٽائي، سين آهه تنهنجي لڳن
سچو سنڌ تنهنجي سُرن ۾ مڳن!
الا، انءَ مڳن جڻ ته تون سَنڌَ تن
هڏن، ماس ۾ تون، بنيءَ ۾، هَرن

پَهڻ تون، هَرڻ تون، چُرين تون اَڪن
اُڏين تون ائين بازَ ٿا جنءَ اُڏن
ڦُٽين گلّ وانگي، ٻٽي سنگ، اَن!
جتي آنهه تون بس اُتي ئي اَمن
اُتي ئي تہ، اي يار، ميلا مچن
سيئي سنڌ واسي اُتي ئي مِڙن
سدا آهه پڙلاءُ تنهنجي سڏن
پٽائي، ڪَوي، عشق وارا تہ مَن
ڪٽي ٿا ڪَويءَ جي سُرن لئہ جِيَن
سيئي نِينهن وارا ڪَويءَ ڏي لَڙن
ڪَويءَ کي ٻُڌائن، ڪَويءَ جي ٻُڌن
پٽائي، ڪَوِي، ڏيهه تنهنجي لڳن
ٻُري تَند تنهنجي اَجاتيءَ اڳن
سڄو سنڌ تنهنجي سُرن ۾ مڳن!

*

ڪُڙڪُٻيتا، [1] ڪُڙڪُٻيتا
تون اَوَستا، [2] تون نہ گيتا
پو بہ تنهنجي ڏياٽڙيءَ مان
راهروئَن جام پيتا

رات ڪيترِ ڏي لڙي
يا ٻاٽ ٻاٽُن ۾ جَڙي پئي
تون ڪِڙين جڻ پتڪڙو ڪو
چنڊ ڏرتيءَ تي ڏِري پئي
ٻاٽ ڇاهي، رات ڇاهي
ٻاٽ لئہ ڪوڪات آهين
رات لئہ تون مات آهين
روپ تنهنجو، رنگ تنهنجو
ڍنگ تنهنجو، انگ تنهنجو
شيام جي لئہ روپ راڌا
رام جي لئہ جڻ تہ سيتا

ڪُڙڪُٻيتا، ڪُڙڪُٻيتا
تون اَوَستا، تون نہ گيتا
پو بہ تنهنجي ڏياٽڙيءَ مان
راهروئَن جام پيتا

1 ڪُڙڪُٻِيتو: ٽانڊاڻُو؛ ڪرهہ ٽنڊٽي؛ ڪرهہ ڪڏ؛ ڪَڙڪَٽ؛ ڪُرڪٽُ؛ ڪُرڪُٻِيتو؛ جُگنو
2 اَوَستا: پارسين جو مذهبي ڪتاب

*

ٿا ياد اچن پيارَ پراڻا ڪڏهن ڪڏهن
ڪي نينڻَ، دِليون، درد نڪاڻا ڪڏهن ڪڏهن

جا راهه اسان عشق سندي هئي هلي ڪڏهن
اُت موڙ مُڙن ٿا ته نماڻا ڪڏهن ڪڏهن

جو وقت اسان پيار ڪري هو ڏري رکيو
لمحا به اتان ٿينِ اُڏاڻا ڪڏهن ڪڏهن

ڪا هيرَ جڏهن ياد ڪٽي در ٽپيو اچي
ٿا سَرس ٻرن ديپ اجهاڻا ڪڏهن ڪڏهن

هينئڙو ته جَلي ياد ڪري وقت ٻي چيو
آغوشَ، منيون، زلفَ، سراڻا ڪڏهن ڪڏهن

جن درد ڏنا، روح رنجيو، ٻي رخي ڪئي
ٿا پارَ پڇن سي به اياڻا ڪڏهن ڪڏهن

جنءَ پير ڪٽان، دور وڃان، ور وريو اچان
رستا به لڳن چارَ ته گهاڻا ڪڏهن ڪڏهن

تون دور وئين، دور وئين، دور چو وئين
ڪن ياد پرين تو به ته ياڻا ڪڏهن ڪڏهن

ڏيئا ٻہ سدا ڪو نہ ٻرن آرزو رکي
تارا ٻہ ٻرن ٿا تہ وِساٽا ڪڏهن ڪڏهن

سهٽيون تہ ڪئين ڪينَ ٻُڌيون، ڪئين تري پڳيون
ميهار ٻُڏا وقت وڪاٽا ڪڏهن ڪڏهن

ڪيئي تہ هَوَس ڪاڻ مري موملون وَيون
پر پو ٻہ ڏنا ڪاڪ تہ راٽا ڪڏهن ڪڏهن

مالها تہ جُڙي وصل، وڇوڙا پري پري
ٿي پو ٻہ ڇڄي ياد تہ داٽا ڪڏهن ڪڏهن

'سائرُ' نہ سڳندون ٻہ رهيون وصل جون اُهي
پو ڳُلَ ٻہ ٿِيَن چو نہ ڪُماٽا ڪڏهن ڪڏهن

*

تنهنجي من جي چانئُٽَ تي مان ٻينَ وڄايان وينو
ها ٻينَ وڄايان وينو، توکي ئي ڳايان وينو

منهنجي من ۾ تنهنجي چاهت جا گهنگهرو ڇن ڇن ڪن
لوڪ تہ ڄاڻي وڻندو، مان ڪيڏو بہ لڪايان وينو

جيون سترنگ اجرڪ منهنجو، مون آ توکي آڇيو
هرڪو چاهي پائڻ، ور، ور، پاڻ لنوايان وينو

موهن جي سمبارا تون آ، ريت نئين ڪا جوڙيون
مان ڳايان، تون ڇينهَ ڇيان نَچ، ڇنگ ٻُرايان وينو

وِههَ جهڙي ماٺار تہ من جي ڪويل ڪي ٽي ماريو
تو مون ڪان آواز ڪسيو، مان ڪلڪ هلايان وينو

ڄيوَن ساگر جي انڌاري ۾ مان سِٽ سِٽ اوتي
ڪِوتا جي ڪرڻن ڇوڙي لهريون جرڪايان وينو

باک ڦٽيءَ ڪان باک ڦٽيءَ تائين مان تانون پَلٽي
ڌرتيءَ ويراني ۾ سُرَ جا رنگ رچايان وينو

سُگهڙن جي هن محفل ۾ جهونن ڪان ساز وٺي، مان
تندون تاڻي، نئين سِر ڇيڙي، راڳ مٺايان وينو

اونداهيءَ پوڄي پوڄي، تون اوندھ تي ويو آهين
ڏينهن تہ ٽيندو، پل مان تو لئہ ديپ اجهايان وينو

ڏات تہ ساگر آهي، ناوَ بہ لهرين منجھ هلي پر
ويري ننڊ تہ ايندي، مان ڪيڏو بہ نٽايان وينو

پل تولو، پل ماسو، پل پاروٽو، پل ۾ تازو
وقت رهڙ آ، تنهن کي هر هڪ هنڌ ڇپايان وينو

پورنماسيءَ [1] ۾ ڪارونجھر چوٽيءَ ليٽي 'سائرُ'
سنڌ انگيءَ [2] تي مان تارن ڪان ڀرت ڀرايان وينو

[1] پُورنماسي: چنڊ جي چوڏهين رات
[2] اَنگي: عورتن جي پائڻ جي چولي، انگيا وغيره

*

اي ماڙِڪ[1] ، تنهنجي ميلي ۾
هيءُ پُورو سنڌ سڏايل هو
ها، پُورو سنڌ ئي آيل هو
تو پنهنجي فن جي ڇَڳَّ ڪپي
جنءَ وقت محل تي ٿي ڦيرِي
چوڏار سحر، ڪامِڻ، جادو
ميلو جڻ ٿيو تي بي قابو
پو جنهن پل تو سُرندو ڇيڙيو
هر آيل ڪَنّ ڪنهڻ نڪتو
پو هر ڪنهن ڪَنّ پَٽي لاٿا
تون سُرَ ۾ لنوندو لنوندو وئين
جيوَن ۾ رنگّ پريندو وئين
پر ڪنهن نہ پڌو، هئہ، ڪنهن نہ ڏٺو
هو سُرندو کھڙو سُرندو هو
هو سازيندڙ هو ڪير اتي
هو کھڙو چنگ ڇڙهيو گذريو
پر اڄ بہ تہ تُنهنجي سُرندي جو
آلاپ اُتي تو ميلي ۾
هِن ميلي ۾، هُن ميلي ۾
يا ڏوران ڏور، اڪيلي ۾
انءَ مون جهڙا ۽ تو جهڙا

[1] سنڌي ٻولي جو هڪ بهترين ڪهاڻيڪار، منير احمد ماڻڪ

پو توکي ياد ته ڪن ٿا، ڙي
تون ڏور ته آهين پو چا ٿيو
ويجهو ٻه ته تيڏو آهين، ڙي
اي ماڙِڪَ، دل جي ميلي ۾

*

پنهنجيءَ منزل جي رستي تي
پاڻ ئي تون ديوار
ٽوڙ انهيءَ کي، يار

تو هڪ ڪاڪ اَڏي سوچن جي
ناتر ڪي چڙواڳ چڏيو آ
ناتر رمزي، ڪيڏاري آ
من سَپ، منهن ۾ ويچاري آ
ناتر تو تي چال هلائي
توکي ئي ريڙهي، پٽڪائي
تنهنجي من جي پانديئڙن کي
هر پل واڻن ۾ وچڙائي
آتش جا تنهنجو جيوَن آ
تنهن تي وهمن کي وَرسائي
ناتر کي بس ڏيان آ هڪڙو
ڪنءَ هوءَ تنهنجي آڳ اجهائي!
سُهڻا، سُهڻا، او من مُهڻا
تو جي منڊ مَنديا آهن، ڙي
تن جو سحر بہ تو تي ئي آ
تو جي جيئڙا جوڙيا آهن
تن جو ساهہ بہ تو ۾ ئي آ
تون ئي سومل، تون ئي مومل
سُهڻا، تون ئي راڻو آهين

تون ئي سومل جي سوچن ۾
جادوءَ جا منتر جوڙائين
تون ئي مومل جي سيرانديءَ
دل جي مُگرن سان مهڪائين
تون ئي راڻي ڪي ڪِيڪارين
تون ئي پو وِڪرائيءَ وارين
تون ئي رنگ رتول آهين، ڙي
تون ئي ڏاگهو، ڍٽ، پرينئڙا!
سوچن جا جي چار وچايئي
تن جون ڏورون پاڻ ڪپي ڇڏ
تو سوچن جي سِر سِر پِيڙي
جيڪا پِٽّ لڳائي آهي
ٽوڙ انهيءَ کي، يار
ٽوڙ انهيءَ کي، يار

پنهنجيءَ منزل جي رستي تي
پاڻ ئي تون ديوار
ٽوڙ انهيءَ کي، يار

*

جِيوَن پَچري سِگرِٽ وانگي
ڪَش ڪَش تي هي ڦُلو ٿي ٿو
ٽُند ڏکي ٿو، ٽُند ڇٽي ٿو
هر ڪَش دونهون دونهون ٿِي ٿو
وايو منڊل ڪي دونهائي
هر پل دونهون، هر دم دونهون
اُتر، ڏکڻ دونهون، دونهون
اوڀر، اولهه دونهون، دونهون
منهنجي چوڌس دونهون دونهون
منهنجي ئي جيوَن جو دونهون
مان پنهنجي ئي جيوَن جي اِن
دونهي جي چنبي مان اڪثر
ڌرتي ۽ آڪاس ڏسان ٿو
يُگ يُگ سڙندڙ ماس ڏسان ٿو
دونهاٽيل ٿِي دنيا پَسجي
دونهاٽيل آڪاس لڳي ٿو
سڀ منهنجو ئي ماس سجهي ٿو
اِن دونهين سان چار ڇٽي ٿي
جيڪا من جي ڪِينَرڙي جي
تانَ نهي ٿي، راڳ ٻٽي ٿي
ڪِلڪ ٻٽي ٿي، تار ٻٽي ٿي
ڪَوِتا جي جهنڪار ٻٽي ٿي
شعرن جي وسڪار ٻٽي ٿي

پَڃري پڃري، ڏڱندي ڏڱندي
منهنجي جِيوَن سِگرِٽ وانگي
جِيءَ جي لمحن جي چپڙن تي
پنهنجو ديرو جوڙيو آهي!
جِيوَن پڃري سِگرِٽِ وانگي!

*

نظم هڪڙو ڏڪّ جي بازار[1] ۾ گم ٿِي وَيو
مون گھڻو ڳوليو، گھڻو ڦوليو، الا، نڪري وَيو
نيڻ پنهنجا مسڪرائي ويو ڪٽي
ڪانُ جڻ ڪو هانوَ ۾ ويئڙو هٽي
هاءِ، ڇا سهڻا هيا سي پيرڙا
هاءِ ڇا ڇن ڇن ڇنن گھنگھرو هئا
مون جئين ئي ڇير سان ڇيڙون ڪيون
نظم پو سانديون اڏارون ڪونج جان
پر هوا جي زور تي ڏونداڙ جي
وارَ هڪڙي هار تي ڇوڙي وَيو
ڇا تہ ڇڳ ڇڳ واس ٿي اوتيو اُتي
چوطرف چندن هئو، هٻڪار هئي
ٿورڙي ئي دير ۾ آنڌي اُٿِي
نظم جو هر لفظ وکري ويو اُتي
ڪئين ڇپن تي لفظ ڪئين آيا نظر
ڪئين ڳلن تي ڪئين سِتون آيون نظر
ڪئين اکيون مرڪيون رديفن وانگِيان
زلف ڪيئي قافِيا ٿيندا وَيا
پوپِري هڪڙي عروضن تي نَچِي
جھنجھٽو سُر تي سَرل وِجندو رهيو
نيڻ هرڪو استعارو هو اُتي

[1] ڏڪّ بازار: شڪارپور جي هڪ مشهور بازار

جسم هر هڪ ڏات جو ديدار هو
پر، الا، آنڌي ائين آئي اُتي
ذهن جون تندون سيئي جهوري وڏئين
نظم جو هر لفظ انءَ وڪري وَيو
مون گهڻو ڳوليو، گهڻو ڦوليو، الا، نڪري وَيو
نظم هڪڙو ڏِڪّ جي بازار ۾ گم ٿي وَيو

*

هُن جا نيڻ تہ سنڌو آهن
مان بہ تہ آهيان مانجهي، ڙي
مان بہ تہ آهيان مانجهي
او، مان بہ تہ آهيان مانجهي
ڙي، مان بہ تہ آهيان مانجهي

هُن جا نيڻ تہ ڪاريهر ٽيا
مان بہ جُڳن جو جوڳي، ڙي
مان بہ جُڳن جو جوڳي
او، مان بہ جُڳن جو جوڳي
ڙي، مان بہ جُڳن جو جوڳي

هُن جا نيڻ تہ ميگهہ ملارون
مان بہ رُتُن جو راڳي، ڙي
مان بہ رُتُن جو راڳي
او، مان بہ رُتُن جو راڳي
ڙي، مان بہ رُتُن جو راڳي

هُن جا نيڻ تہ روهن چوٽيون
مان بہ تہ ڪو روهاڪي، ڙي
مان بہ تہ ڪو روهاڪي
او، مان بہ تہ ڪو روهاڪي
ڙي، مان بہ تہ ڪو روهاڪي

هُن جا نيڻ تہ آگ، ارانيا
مان بہ تہ مند ملاري، ڙي
مان بہ تہ مند ملاري
او، مان بہ تہ مند ملاري
ڙي، مان بہ تہ مند ملاري

هُن جا نيڻ تہ اُسّ اُلن سين
مان بہ تہ ڪڪري گھاٽي، ڙي
مان بہ تہ ڪڪري گھاٽي
او، مان بہ تہ ڪڪري گھاٽي
ڙي، مان بہ تہ ڪڪري گھاٽي

هُن جا نيڻ تہ مَي جا جھرٽا
مان بہ تہ مَي جي وادي، ڙي
مان بہ تہ مَي جي وادي
او، مان بہ تہ مَي جي وادي
ڙي، مان بہ تہ مَي جي وادي

هُن جا نيڻ تہ گھنگھرن داٽا
مان بہ تہ چيرن چاتي، ڙي
مان بہ تہ چيرن چاتي
او، مان بہ تہ چيرن چاتي
ڙي، مان بہ تہ چيرن چاتي

هُن جا نيڻ تہ پنڌ اٽانگا
مان بہ تہ رمتو جوڳي، ڙي
مان بہ تہ رمتو جوڳي
او، مان بہ تہ رمتو جوڳي
ڙي، مان بہ تہ رمتو جوڳي

*

سندوري آ شام
سموري سندوري آ شام
ڏرتي مَي لئہ آتي، آتي
اپ چلڪائي جام
سموري سندوري آ شام

پھر پھر ٽيو چارڻ، سُرندو
تَندَ ٻُرائي، ٻُرندو، ٻُرندو
ورهن جي ورلاپن جُهرندو
اوتي اَتّ ڪلام
سموري سندوري آ شام

نرمل، نرمل، گھريون، گھريون
مَي سان اوتيل، منڙيون، چھريون
ڪينجھر ڪَرَ تي ڪومل لھريون
چڻ راڏائون، شيام
سموري سندوري آ شام

ونجھ ڇُري چڻ دل کي ڪوري
ڏور پتڻ، وَهُ ٻيڙيءَ جھوري
ناو سري تي هوري هوري
ٻوڙي ڪئين وريام
سموري سندوري آ شام

جَرَ تان پنڇي پرڙا ڪولي
ڏاٽو ڏاٽو ڳولي قولي
لاتون لنوندي، ٻولي ٻولي
ڪن ٿا نيٺ اڏام
سموري سندوري آ شام

سندوري آ شام
سموري سندوري آ شام
ڌرتي مَي لئہ آتي، آتي
اپ ڇلڪائي جام
سموري سندوري آ شام

*

انءَ واءَ وڙهي ويا، ساٿيئڙا
ڪئين گُلّ ڇٽي ويا، ساٿيئڙا

ڇئو! مرگھ ڪتوريون ويون ڪيڏي
چو ڪيت سڙي ويا، ساٿيئڙا

پڙيانگ[1] اَڪُٿ، حيران نظر
چو پير ڏڪي ويا، ساٿيئڙا

چو آھ نماڻي ڪينجھر ڪَڙَ
ڪيڏانھن پکي ويا، ساٿيئڙا

اڌ رات جھُڳيءَ جي سپني ۾
ڪي محل پري ويا، ساٿيئڙا

ٿيو رين بسيرو، موٽي ويا
پر مرڪ ڪٽي ويا، ساٿيئڙا

ھو سانگي آھن، سانگ ڪندا
چو لڙڪ لڙي ويا، ساٿيئڙا

ھي ڪوٽ اڏي ڪيڏي نيندين
ڪئين ڪوٽ اڏي ويا، ساٿيئڙا

---

[1] پڙيانگ: رِڻُ، بيابانُ

جنءَ سورج اُلٽيو، رات وري
ڪئين ديپ ٻري ويا، ساٿيئڙا

ڪي ننڊ ڦٽائي وينا ٿي
ڪي خواب رسي ويا، ساٿيئڙا

هن پانڊياڻيءَ پنيور چڙهي
چو ڪيچ وري ويا، ساٿيئڙا

ڪي ٻيڙا گهيڙيو گهيڙ وڃن
ڪي ڪُنّ لڙهي ويا، ساٿيئڙا

ڪي ڪنڌيءَ ڪنڌيءَ تي سوڪا [1]
ڪي گهيڙ گهڙي ويا، ساٿيئڙا

ڪي ڪنڌيءَ ڪنڌيءَ تي سوگها
ڪي ڪُنّ تري ويا، ساٿيئڙا

هيءَ سانت سمئہ جي چا ٿي چئي
چو ڏور کهي ويا، ساٿيئڙا

‘سائر’ هيءَ مات نہ موت آهي
چا مور مري ويا، ساٿيئڙا

[1] سوڪو: سڪيو، خوش، راضي

*

او بانوِرا، رِيسائِتا
او بي خبر، تو چا خبر
تنهنجي وئي، وو، ڏيھ ۾
بن بن هئا جي پيار جا
چلڪا، ڏَمائون، سونهن، سُرَ
ڦيرا هئا جي نار جا
وٽڪار جا، منجهذار جا
وسڪار جا، چانگار جا
سي سپ چڏي ويا لوڪ ڪي!
جي مور پيتيندا هئا
تنهنجي سَرِيڪيءَ[1] ٿور ڪي
ڪنهن ڊيل سان؛ هئَ، مور سي
تنهنجي وڪن، قدمن اُتي
جي لوڏ سان ٽلندا هئا
سي سپ چڏي ويا لوڪ ڪي!
جهرٽا تذهن سُرندا هئا
جُهر جُهر ڪيو ٻُرندا هئا
سندو نديءَ جي ڪپّ ڏي
لهريون سدا لڙنديون هيون
وڄنديون هيون ڪنهن تند جان
ورنديون هيون، وٽنديون هيون
هر نياڻ هندورو هئو

[1] سَرِيڪي: (سريڪو يا سرڪو جي مونث)، هڪجهڙو؛ برابر؛ سَمانُ؛ پاڙ ۾ ملي ايندڙ؛ سنئون؛ سنئون سڌو؛ سنوت وارو؛ ترتيبائتو

هر جوت بس چانداڻ هئي
هر گل، ڪليءَ تي مرڪ هئي!
هن ڪيت ۾، هن نار تي
جيڪا بہ هئي وِينگس، پرين
تَنهنجي چڳن ۾ واس هو
چندن، اگر، لوبان جو
تَنهنجي چپن ۾ ڳاڙ هئي
مگرو، ڪمل جي رَسّ جي
وڻ وڻ هئو بن بن تڏهن
هر شيءِ هئي آتم تڏهن
مندون هيون رنگَن ڀريون
ڦڙ ڦڙ هئي چت، سونهن جي
منهنجا پرين، جهرڻا اُهي،
سنڌوءَ ڪپن لهريون اُهي
سي نياڻ، ور چانداڻ سا
گل ڦل، ٻنيون، ناريون اُهي
مندون اُهي، سونهون اُهي
هئہ، سڀ ڇڏي ويا لوڪ کي!

آڙَنگَ، پوست، رُگهّ جي
ويرم جڏهن ورندي هئي
مانداڻ جي ڪوٽن پڇي
جهڙ مان جهٽي تڏڙيون ڪٽيون
سانوڻ جڏهن وسندو هئو
تنهنجي اُجَل جوين مَٿي
تنهنجو بدن ٽڌڪار تي
ڪومائجي ويندو هئو

ڏڪڻي وٺي ويندي هيئي
پر پو ٻه ڪا ڪوساڻ هئي
تنهنجي بدن ۾، پرينڱڙا
جنهن تي ڦڙا مدهوش ٿي
پگهري پٽن پوندا هئا
سو سونهن جو سانوڻ سڄو
آلاڻ سا، ڪوساڻ سا
سي جهڙ اُتان آيل ڦڙا
پِگهري ويل، نرمل ڦڙا
هئا، سپ چڙهي ويا لوڪ ڪي!

ها، ياد هوندءِ، بانورا
جا رات سنڌوءَ جهول ۾
تو، مان ڪٽي هڪ ناو تي
مهراڻ مڌماتو هئو
هڪ لهر، لهرون ٿي سُجهِي
هڪ ليٽ، ليٽون ٿي سُجهِي
هڪ ناچ هو درياهه ۾
پاڻي هئو جڻ ٻاهه ۾
ها، ياد هوندءِ، بانورا
مانجهيءَ هئو هٿ ونجهه ۾
پر پو ٻه هو ڪنهن ڏنجهه ۾
وَهَه تِڪّ هئي، وَهَه آرُ هو
پر ناو اُهِري سِير تان
ڪنهن ڏير سان، هئه، ڏير سان
پر تون ٻنئين ٿي سير ڪان!
تنهنجو اٿي مون ڏي وڌڻ

تنهنجي ڪرائيءَ مان جهلي
توکي چڪي، منهنجو ڏسڻ
پاکر پرڙ، سوچون سبڻ
کو پئو اکين تنهنجين، پرين
پل پل چڙُون ڪٽندو ويو
پر پو بہ نيٽن آسرا
امّيد جا ڏيئا هئا
جي پيار سان ٻرندا ويا
هئہ، ڇا تہ هُو رُومان هو
جنهن جو اسان ارمان هو
اک چِنبَ ۾ پئو ويو ڳري
نيٽن تپش ڏاڍي گهٽي
پر هاءِ، ڙي، پيارا، پرين
ان وقت جيڪي رات هئي
ليٽون هيون، سنڌو هئو
پئو، ڊڄّ، آسانگا هئا
جهرمر هئي، ڏيئا هئا
رُومان جا لمحا هئا
سي سپ ڇڏي ويا لوک کي!

اي پرينئَڙا، اي بانورا
ڇئو ياد آ تو کي اِهو-
جنءَ تي کپار آيو اُتي
تي چنڊ کارونجهر چميو
چوڏهينءَ چٽاٽو پارکر
انءَ تي سُجهيو ڇڻ چنڊ ۾
آڪاس ڏِيَڙن مَي چُکيون

ڏرتيءَ لبن اوتي ڇڏيون
جڻ رات جون ڪاريون ڇَڳون
ڪنهن نار ۾ پِڇنديون وَيون
جڻ ڪِينَرو هو پارڪر
ٻُرندو ويو راڳن ڪٽي!
تُنهنجي هٿن جي آڱرين
هئي، آڱريون منهنجون هيون
جنءَ آڱرين ۾ رات جي
چانڊاڻ جون منڊيون هيون
تُنهنجي اکين جي لام تي
جيڪي به لمحا ٿي لڏيا
تن آرسيون منهنجون هيون
تون، تون، نہ ئي مان، مان هيس
بي سُڌ هئاسين رنگ ۾
هڪ چنڊ هو، پيو ٿر هئو
مستيءَ مگَن ننگَر هئو
او بانورا، او بانورا
سا لات ٿر جي چنگ جي
سا بات ننگَر دنگ جي
سا رات دلڙين سنگ جي
توڪان پڇاڻان، پرينئڙا
سي سپ ڇڏي ويا لوڪ ڪي!

او پرينئڙا، رِيسائتا
مان راتڙيءَ جي رنگ ۾
رنگجي چڪو آهيان، مگر

تنهنجي قدم لئہ، وِڪّ لئہ
هئہ، ڙي، ڪَنائي پيرڙا
چوڏس جلائي ڏيئَڙا
من لِيئَڙا پائي هِتان
تنهنجي اکين جي جوت لئہ
تون آءُ، ڙي، او پرينئَڙا
سَچُ، آءُ موتي، بانورا
تنهنجا اسان کي آسرا
توکان سوا چا چانورا
تُنهنجي اچڻ تي، او پرين
ايندا وري سڀ ڏيهہ ڏي
جي سڀ ڇڏي ويا لوڪ کي!

*

هيءَ چا تہ اپي آ ڌرتيءَ تي
مدماتي ويرم ۾ سندري!
هيءَ رات، ڪَتِي، چنڊ ۽ آڪاس
هيءُ اِٽليءَ جو تاريخي واس
هيءَ پِيسا [1] جڻ تہ ڪَلِيسا آ
فن جي پانڊين جي پيڙا جي
هيءَ فن جي چپڙن مرڪ جيان
هيءَ سينڌن ۾ سندور جيان
هيءَ سانت بہ آ، هيءَ گيت بہ آ
هيءَ سرندي جو سنگيت بہ آ
هيءَ يُگ تي فن جي جيت بہ آ
هيءَ انگ بہ آ، هيءَ رنگ بہ آ
هيءَ فن جي، من جي ريت بہ آ
هن سندر پِيسا جي اک سان
ڪا جوت سمئہ ۾ سمپورن
ڪا آڳ لڳائي ويني آ
هڪ آڳ اجهائي ويني آ
هڪ آڳ لڳائي ويني آ
هن آتش ۾ دل ڪامي ٿي
ڪو پل بہ نہ مور وسامي ٿي
ان آڳ اندر دل ٻولي ٿي

[1] پِيسا: پِيسا جو ٽاور، جيڪو اٽليءَ جي شهر پِيسا ۾ آهي ۽ پنهنجي آڏي ٽيڏي بيهڪ جي ڪري مشهور آهي.

“هيءَ پِيسا انگَ تہ آڏِي آ
پر وقت نڙيءَ تي ڪاتي آ
هيءَ پيڙهين ڪان ٽيڏي ڦيڏي
هر يُگ سان لڏندي آئي آ
اي ڪاش! تہ ڌرتيءَ جا واسي
ٽيڏا ڦيڏا ٿين پِيسا جان
هن پِيسا جي هر وَرَن جيان
هي وکرن پورب، پڇم تي
هر يُگ جي چپ تي مرڪ جيان”

*

رُت سانوڻ جي آ وري
اڪڙيون جهور جهڪور، الا
اڪڙيون جهور جهڪور

پيهر من جي ماڳ تي
درد گهٽا گهنگهور، الا
درد گهٽا گهنگهور
اڪڙيون جهور جهڪور

موکي، مٽ ماٺيءَ اندر
ٻڏ تر ۾ پنيور، الا
ٻڏ تر ۾ پنيور
اڪڙيون جهور جهڪور

لهرين سُس پُس، ماڻڙي
منجهه شرارا، شور، الا
منجهه شرارا، شور
اڪڙيون جهور جهڪور

سڙهه هوا سان ويڙهه ۾
وڪڙن ۾ هر ڏور، الا
وڪڙن ۾ هر ڏور
اڪڙيون جهور جهڪور

چنڊ چُري آڪاس ۾
پڇري منجھ چڪور، الا
پڇري منجھ چڪور
اکڙيون جھور جھڪور

جھولن جھوريو ڏيل کي
پٽّ پيو آ مور، الا
پٽّ پيو آ مور
اکڙيون جھور جھڪور

رڃّ وسيءَ ڪونھي ڪٿي
ڪو بہ پکيئڙو، ڏور، الا
ڪو بہ پکيئڙو، ڏور
اکڙيون جھور جھڪور

مرڪون، ماٽا، پريتڙا
دور ويو سو دور، الا
دور ويو سو دور
اکڙيون جھور جھڪور

پيڙائن سان پيچ ۾
دل تي ڪنھن جو زور، الا
دل تي ڪنھن جو زور
اکڙيون جھور جھڪور

درد پراڻا ساهه ۾
ڳوڙها نت نڪور، الا
ڳوڙها نت، نڪور
اکڙيون جهور جهڪور

رُت ساوڻ جي آ وري
اکڙيون جهور جهڪور، الا
اکڙيون جهور جهڪور

*

منهنجي ڪِوتا جي ڪَنني تي
تون ئي ڏيئڙو، تون ئي ڏياري
نِهَني، نِهَني نيٽن واري

منهنجي ڏات تہ هرٽيءَ وانگي
رڻ ۾، بر ۾ چال هنيا ٿي
ويرم، ويرم، سال ڪيا ٿي
چوڌس اُسّ تتي تي ڏاڍي
تنهن تي واءَ وريا ڪيهر ٿي
تون جو آئين، اوير، اولھ
چمر چمر تي ڦڙ ڦڙ آندي
ان ڦڙ ڦڙ تي ڏات سرن سان
من اندر جي اُڃّ اجھائي
آتم ٺاريو، دلڙي ٺاري
هاڻ نہ ڪوئي رڻ، ڪا واري
واءُ نہ ڪيهر، اُسّ نہ ماري
هاڻ تہ گلڙا ٽاري ٽاري
نِهَني، نِهَني نيٽن واري

ڪَوِتا جڳ جا پنڌ اٽانگا
ڇا جا پانگر، ڇا جا چانگا
تن تي ڪَڪرا، ٻاٿ، انذاري
ان ڪَوِتا جا پنڌ ڪندي، مون

پٽ جي موييءَ جو مٽ پيتو
حافظ سان پڻ جوڙي ياري
جڏهين تنهنجا نيڻ نمي پيا
سپني سان مون ٽوڙي ياري
پنهنجي ڪَوِتا جي هيءَ دنيا
تنهنجي نيڻن سان ئي ٻاري
تون آن منهنجي من جي ناري
جيءَ جي مُرلي، ڏات پلاري
فن جو ساگر، ناوَ ٻه نياري
نِهَني نِهَني نيڻن واري

منهنجي ڪَوِتا جي ڪَننَي تي
تون ئي ڏيئڙو، تون ئي ڏياري
نِهَني نِهَني نيڻن واري

*

راڻا، تو بن رات نہ گذري[1]
ساھُ سڙي پر ڏينھن نہ اسري
مومل، تنھنجو ماڳ نہ وسري
ڪاڪ محل جي راھ نہ نڪري
راڻا، تو بن رات نہ گذري
مومل، تنھنجو ماڳ نہ وسري

ڪاڪ رُئي تِي، ڏنجھ لُڏائي
مومل ناھي مومل ھاٽي
دل جا دڪڙا ڪو بہ نہ ڄاڻي
جانارن جئن پل پل الري
راڻا، تو بن رات نہ گذري
ساھُ سڙي پر ڏينھن نہ اسري

ڏاڍِي تنھنجو بَندنِ گھاري
لڙڪ نہ لاڙي، رت ٿو ھاري
ھاءِ، وڇوڙو ڳاري، ماري
ساھ نہ نڪري، درد نہ نبري
مومل، تنھنجو ماڳ نہ وسري
ڪاڪ محل جي راھ نہ نڪري

[1] ھن گيت ۾ مومل جي سٽن ۾ قافين جو پھريون اکر پيش سان ڏِنَل آھي، جيئن "گُذري، اُسري، اُلري، اُپري" وغيره. ايئن ئي وري راڻي جي سٽن ۾ قافين جو پھريون اکر زيرِ سان ڏنل آھي، جيئن "وِسري، نِڪري، نِبري، وِڪري" وغيره.

راڻا، هئہ، ڙي، ڪجھ بہ نہ ٿيندو؟
تون بہ نہ ايندين، دم بہ نہ ويندو؟
وقت اسان کي پل بہ نہ ڏيندو؟
شال وصال سندو سج اڀري
راڻا، تو بن رات نہ گذري
ساھُ سڙي پر ڏينھن نہ اسري

جنڊ جيان ڏِڻ، رات تہ گھاڻو
تو لئہ ماندو تنھنجو راڻو
وِڪرائيءَ ۾ جيئڙو ساڻو
ساھ ائين جڻ ماڻھا وڪري
مومل، تنھنجو ماڳ نہ وسري
ڪاڪ محل جي راھ نہ نڪري

راڻا، تو بن رات نہ گذري
ساھُ سڙي پر ڏينھن نہ اسري
مومل، تنھنجو ماڳ نہ وسري
ڪاڪ محل جي راھ نہ نڪري
راڻا، تو بن رات نہ گذري
مومل، تنھنجو ماڳ نہ وسري

*

يادن آندي آ برسات
جذبا جاڳيا پاتون پات
جذبا پاتون پات

چا تہ چوي ٿو ديوانو
ڪو بہ نہ سمجهي بات
جذبا پاتون پات

رات وڏا جي جهوليءَ ۾
رنگ ڪديا پريات
جذبا پاتون پات

جن لئہ جِيوَن جاڳي ٿو
تن پڻ تنهنجي تات
جذبا پاتون پات

موهہ منن لئہ ڪجھ ناهي
پونگي چا محلات
جذبا پاتون پات

چا تہ گهري ٿي هستيءَ ڪان
سونهن اجائي ڏات
جذبا پاتون پات

ميخاني جي چانئٺ تي
ڪا بہ نہ نيچي ذات
جذبا پاتون پات

روز اچي تي رنگ ڪٽي
سپنن جي بارات
جذبا پاتون پات

ڏينهن نہ آهي جوڳيءَ لئہ
رات نہ آهي رات
جذبا پاتون پات

عشق پڇيو جنهن ڪاڻ انهي
سونهن نہ ايندي مات
جذبا پاتون پات

*

**پورٽريٽ ٿي چِٽيم:**

**سوجهرو،**
**ڪيٽي بندر جي سمنڊ جي لَس منجھ**
**جولان سان پريل سج جي پرتوو جنءَ؛**
**رَنگَ، ڪارونجھر جي چوٽيءَ تي**
**راسيون ڪيندڙ سج جي ڪرڻن جيان،**
**انڊلٺ جيان،**
**راڳ ملهار جي سرگم جيان؛**
**آڱريون، ”اونداهي ڏرتي روشن هٿ“[1] جي**
**سارنگ جي آڱرين مثل؛**
**مُوقلم (بُرشُ)، مومل جي چنبيليءَ ڳُتيل چَڳن جيان،**
**پَٽَ پَٽيهَرَ جي تاندورن وانگيان؛**
**ڪَئنوَسُ، اُساٽيل روجھ جيان، چاتِرَڪ جيان، تاڙي جيان؛**
**پر لمحا، هڪ ٻئي کي ترارون هڻڻ ۾ مگن!**

**ٻالاپڻ ۾ ۽ ان کان ٿورو پوءِ،**
**تخيل، پونرن جنءَ اڏامندو ڪاڪ محل جي اڱڻن مان**
**چندن، اگرَ، ڳگرُ ۽ لوبان سان پاڻ واسي ايندو هو**
**۽ پنيورين جنءَ ان رنگ رتول کي ويتر رنگي ايندو هيو؛**
**ڪڏهن چڪورن کان ٻه اڳيرو ٿِي**
**چنڊ جي نرڙ تان سرڪندڙ چانڊاڻ سان ڪيچلون ڪندو هيو،**
**ڪڏهن تارڙن جي پوئتان ساهه ڪٽندڙ**

[1] اونداهي ڏرتي، روشن هٿ: آغا سليم جو ناول

ڪهڪشائن جي ڇاتين مٿان پيو ڦرندو هيو؛
اَڪُٽ رنگ ڇٽيندو هيو،
اَڪُٽ تصويرون جوڙيندو هيو:
ڪاڪ محل جي گلڙن کي ڪينجهر جي هندورن سان،
ڀنيورين جي رنگن کي ڪهڪشائن جي رنگن سان،
شيڪسپيئر کي ڀٽائيءَ سان،
ڪلوپيٽرا کي شڪنتلا سان،
مونالِيزا کي مارئيءَ سان...
پر ڪن جي انفراديت ڪل ۾ گم ٿي ٿي وئي،
ڪن جي ڇهرن مان نوان رنگ ٿي ڦُٽِي نڪتا،
ڪن مان نوان ڪردار ٿي پيدا ٿيا!
ڪولاجَ[1] ٽيڪنيڪ جي پُروڙَ نہ هوندي بہ
ڪيڏيون ئي ڪولاجيل تصويرون جوڙيون هيون!
پر مون هيل تصويرون نٿي جوڙيون؛
پورٽريٽ ٿي ڇٽيم!

رنگ الڳ الڳ دٻليءَ ۾ پُٽڪِي رهيا هئا:
ڪن اَرنسٽ ٽرمپ وانگي سنڌيءَ جي وَيا ٿي ڪئي،
تہ ڪن پراڪرت، پالي، سنسڪرت جون ٻاٽيون ٿي ٻوليون!
ڪن بيٿووِن جا سُرَ ٿي وکيريا، ڪن ويگنَر جا!
ڪي موزارٽ[2] جي سِنفِنِيُن ۾، ڪي آرفِيئَس جي لائر ۾ گُم!
ڪن ڏي ڪِينَرا ٿي ٻُريا، ڪن ڏي دنبورا!
ڪن جي زبان تي ڏُٽُ جو ڏاٽُو هو؛ تہ ڪن ڏي چندن!

[1] ڪولاج: مصوريءَ جي فن جو هڪ قسم جنهن ۾ رنگين ڪاغذ، ڪپڙي يا تصويرن جي ٽڪرن کي ڪنهن مٿاڇري تي چنبڙايو ويندو آهي. اهڙيءَ تصوير کي بہ ڪولاج چيو ويندو آهي. شاعريءَ ۾ اهڙي نوعيت جو مشهور مثال ٽي ايس ايليٽ جو ڪتاب "دَ ويسٽ لئنڊ" آهي، جيڪو مختلف نظمن جو ميلاپ آهي.

[2] بيٿووِن، ويگنَرَ ۽ موزارٽ: مشهور جرمن موسيقارَ

ڪن بودليئر[1] جو شراب تي پيتو، ڪن بائرَن جو!
ڪن رابَرٽ برائُوننگ[2] جنءَ سِٽن ۾ تخيل جو لُڙُ تي جوڙيو،
ڪن سِسيرو[3] تِي تقريرون ڪيون، ڪن اينٽونِي وانگي!
ڪي پُشڪِن[4] جي شعر ۾، ڪي تُلسيءَ[5] جي ڪَوِتا ۾ مگن!
ڪن جي لبن تي ايفرودِائٽِي ناچ تي ڪيو!
ڪن جي زبان تي اِشتار ديوي بسنت جو جهنبو تي ڪوڙيو!
ڪن اووِڊ[6]، وَرجِل[7]، دانتي[8] ڪي 'ٽَڪِيلا'[9] تي ڏني!
ڪن سموري فرش تي ووڊڪا[10] ڦهلائي ڇڏي!
جن بيلزاڪ[11] جي ڪهاڻي "اَن نون ماسٽرپِيس" تي پڙهي،
تن ڪي پُٽندي مون بُرش ڪٽي، هر دٻليءَ مان ٻوڙي ٻوڙي،
ڪئنوس تي رنگن ڪي وکيرڻ شروع ڪيو...

هٿ ۾ قلم هجڻ سان ڪو ڪهاڻيڪار يا شاعر نٿو ٿي!
ڪهاڻيڪار تہ "فاريسٽ گَمپ"[12] فلم جو
مُک ڪردار بہ هئو، جنهن آمريڪا جي گهٽين تي
پنهنجي پيرن سان ڪهاڻيون لکيون!

---

1 بودليئر: فرانسيسي ٻوليءَ جو هڪ مشهور شاعر
2 بائرن ۽ رابرٽ برائوننگ: انگريزي ٻوليءَ جا مشهور شاعر
3 سِسيرو: آڳاٽي روم جو هڪ ناليرو دانشور، ليکڪ، شاعر، وڪيل
4 پُشڪن: روسي ٻوليءَ جو مشهور شاعر ۽ ڪهاڻيڪار
5 تلسيداس: هندي ٻوليءَ جو هڪ وڏو شاعر
6 اووِڊ: لاطيني زبان جو آڳاٽو شاعر
7 وَرجل: لاطيني زبان جو آڳاٽو شاعر
8 دانتي: تيرهين ۽ چوڏهين صديءَ جو اٽليءَ جو مشهور شاعر
9 ٽَڪِيلا: ميڪسيڪو جي شهر ٽَڪِيلا ۾ وجود وٺندڙ ٽراپيڪل ٻوٽي مان ٺاهيل شراب جيڪو نِيٽ (بغير پاڻي يا سوڊا) هڪ ساهيءَ ۾ پيتو ويندو آهي.
10 ووڊڪا: پراڻي روس سان تعلق رکندڙ ٻجن مان ٺاهيل شراب
11 بيلزاڪ: فرانسِيسي ٻوليءَ جو هڪ مشهور افسانہ نويس ۽ ناول نگار
12 فاريسٽ گَمپ: هالي ووڊ جي هڪ فلم

شاعر ته ڪُبڙو عاشق[1] به هو،
جيڪو پنهنجي ڪُبَ سان
زمان ۽ مڪان جي بي ترتيبي ترتيب تي
ڏوهِيڙا چوندو هئو!

وارَ، هومَر جي اوڊيسِي نظم اندر
پانت پانت جي قصن وانگي نديا، وڏا، هيٺ، مٿي؛
منهنجي هن نظم جي جَڙاءَ وانگي ڏِنگ وِنگڙا، ڏِنگا ڪڙا؛
موهن جي پِنَ جيان ميرانجها، ٽڪل، جهُورا!
نِراڙُ، مائونٽ اولَمپس[2] جي اُپار وانگي:
پنهنجي جاءِ تي ٽِڪي بيٺل، ٻَلَ وارو؛
ڏکن، اهنجن، اڏمن، اندوهن، پيڙائن ۽ جاڙُن جو داستان!
پرون، سڪندر جي ترار وانگي ريٽا، رت ڦڙا ڳڙندڙ،
ماضيءَ جا وزن ڪٽي جهڪندڙ!
اکيون، جڻ ته ڪوهيڙي ۾ ٻه ٻرندڙ ڏيئا؛
ماضي وگهرندڙ، ٿمندڙ: ٽِپ ٽِپ ٽِپ ٽِپ!

مون وري بُرشَ کي دٻلين مان ٻوڙڻ شروع ڪيو...

لُووران[3] ميوزيم ۾ رکيو مونا لِيزا ته ناهي!
مارئيءَ جو نظر نه اچڻ، نظرن جو ڌوکو آهي!
ڏُٿُ، ترائيون، تليون، ڏَهَرَ، ولهارَ،
سانٻيڙَن جي سار، وريتيُن جا پاڳ، پنهوارن جي پريت،

---

[1] ڪُبڙو عاشق: فرانسيسي ٻوليءَ ۾ لکيل وڪٽر هيوگو جي ناول "هنچ بئڪ آو ناٽِري ڊئم" جو هڪ ڪردار.

[2] مائونٽ اولمپس: يونان جو هڪ مشهور جبل

[3] لُووران (لُووغ) ميوزيم: پئرس جو هڪ مشهور ميوزيم. ان جي شهرت موناليزا جي اصل تصوير آهي.

بودليئر جي اک کي شايد ئي ڇهي سگهيا هجن،
پر اهو جَتاءُ جيڪو هن جي ڪويتائن ۾ آهي،
سو ئي مارئيءَ جي ملير ۾ آهي،
ملير ۾ ڦُندڙ پِپُن، ڪوڏيرن، گولاڙن ۾ آهي!
اها موسيقي جيڪا هن جي روح ۾ آهي،
سا ئي پورب جي ڇپن تي پڙلاءَ ٽي ڪري سانوڻ جي منڊن ۾
ڪانئرَ جي جهوليءَ ۾ ڪِرڻ ۽ ڪِرڻ ڪان پهرين!
ها! ائين به ناهي ته مارئي رڳو لُووران ۾ آهي!

نَڪُ، پِيسا جي ٽاوَرَ جيان آڏو ٽيڏو،
پر اوڏو ئي جهونو، جَتاءُ دار، رمز پريل!
مُڇُون، ڄڻ ته اِسپارٽا جوڪانسٽِيٽيوشن
۽ اهڙو ڪانسٽيٽيوشن جيڪو ٻن بادشاهن جي اجازت ڏئي،
خبر نه پئي ته ڪير ڪنهن ڪان ارڏو!
چيڙا، ڪنهن ڏيساندَرَ جي اُجهاڳ ڪري
اسات ۾ سُڪل، ٺوٺ پر ڪٽي ڪٽي ڦُڪُرا،
رَت ۾ جوين ڪان ڏوران ڏور!

وانگوگُ[1] جيئن ئي در ڪڙڪايو،
در تي پِيلاڻ ڦهلجي وئي!
چيائين ته پِيلو ڇو نه ٿو رنگين!
مون ڪيس هُن جا پِرُون ڏيکاريا، ڇپ ڏيکاريا ۽ آخر اکڙيون!
ور چيائين “هيءُ ته پيوت آهي! دز ۾ ڪِيهَ ته ڦِڪي ڪر...”
وراڻيم “مون ڪي مٽيءَ جو رنگ ڪپي! زوري نه ڪندس!”
چيائين “پلا وارن لئه ڦڪو نه ته اڇو؟ اڇو ته ست رنگي آ!”

[1] وانگوگ: 19هين صديءَ جي هالينڊ (هاٽوڪي نيدرلينڊ) جو هڪ مشهور مصور

وراڻيم "ٻي رنگي ئي ست رنگي آ!"
ٻَرُ ٻَرُ ڪندو کِسڪي ويو!
مُرڪي، مون وري بُرشَ ۾ هٿ وڌو!

پيٿاگورَس[1] کي ڏهون ڦيرو هنيو هئو!
آخر بيزار ٿي چيومانس: "اي عددن جا پڄاري! تنهنجو ڇا وڃي رنگن ۾؟ مصوريءَ ۾؟ ڪجھ بہ ٿئي، مان بغير ماپ جي پورٽريٽ چِٽيندس. ڀل ڪوئيٽائن جيان تصويرون بہ عددن تي پاڙينديون هجن، پر اُهو ڪَوي ۽ چترڪار ئي کھڙو، جيڪو عددن تي پاڙي!؟ عدد تہ ڪَوين ۽ چترڪارن تي پاڙيندا آهن، تن ڪان سکندا آهن! هاڻي جي موٽئين تہ ڊايونيزين ٿِيئٽر ۾ ڊِيماسٿِنِيز[2] سان اوريٽريءَ جو مقابلو ڪرائيندوسئين!"
پيٿاگورس ائين اَلُوپُ ٿي ويو،
جيئن فارسين وٽ عنقا ۽ مصرين وٽ فِينِڪس!

باقي سڀ وزن ۾ هئو، سياءَ وارو هئو؛
پر ڇهري جي خالن ۾ ڏهنج پريل هئا؛
نراڙ تي پيل گھنجن ۾، جن مان پِيڙا ٿي بکي،
مرڪ جو نالو نشان بہ نہ هئو؛
هجي بہ ڪيئن؟
پر ايڏي پِيڙا، ايڏو اهنج!؟
مون کھري ڪينوَسَ ۾
پورٽريٽ جي خالن کي پرڻ شروع ڪيو...
ڪَينوَس رنگ ڇهندو ويو، مان رنگ اوتيندو ويس،
رنگ هاريندو ويس، بُرشُ تاريندو ويس...

[1] پيٿاگورس: يونان جو هڪ مشهور فلاسفر ۽ رياضي دان
[2] ڊيماسٿِنِيز: يونان جو هڪ ناليرو مقرر

نيٺ هڪ وقت آيو: بُرشُ تڪجي ساڻو ٿي پيو!
رنگَن جون ڍبليون هيٺيون ٿي ويون!
آئون راڻي جي جهانوري گونري وانگي ڪينوَسَ آڏو آيس،
ويجهو وڃي غور سان ڏٺومانس،
ڇهيو مانس اهو ڏسڻ لئہ تہ اجا بہ تہ ڪهرو ناهي،
تہ ايتري ۾ آئيني اچي ڌڙام سان پٽ تي ڦهڪو ڪيو...
هر شيءِ چور چور: ڪو ذرو هِتي، ڪو هُتي!

ٻيو ڏينهن اُسريو:
ڪيٽي بندر جي سمنڊ تان
هڪ وڻجاري پنهنجي ٻيڙي جي سُڪاڻ ڪي ٿي ڇڪيو
لَسَ ڏانهن، اونهي ڪاري ڏانهن...
سڙهہ تي ڦَڙڪيا، بانئٽيون ٿي وَڙڪيون!
وڻجاري جي ٻگهن وارن ۾
وائن جي ونگَن سان زندگي ٿي جهُولِي،
نرڙ تي آسانگا، اُميدون، آڌار، ڀروسا،
ڳلن مان سک ٿي ٻکيو، چپڙن تي ترندڙ گيت،
اکين ۾ امنگون، ڇهرو سمورو ڪلياڻ!

ٻيڙي جي پِنجَرَ ۾ هڪ پانجِريءَ سان ويٺي
مون پنهنجي آتم مان هڪ بُرشُ ڪڍيو...

پورٽريٽ تي ڇِٽيم...

*

پرين نيڻ منهنجا صدين کان اڃارا
الا، اوتِ پئي سونهن جا جامَ سارا

وري آرزو ٿي، وري جستجو ٿي
وري تون هليو وڃ ڏئي درد پيارا

وري اجنبي ٿيون، وري ڪٿ ملي پئون
وري آشنايون، وري ڪي اشارا

وري مان شڪار ۽ وري تون شڪاري
ٻڪان زندگيءَ لئہ، وٺان ڪي پنارا

وري مان پتنگ ۽ وري ميڻ ٿي تون
وري مان جلي ٿيان شرارا شرارا

ڇُليو منجهہ ڏارا ائين ڇوهہ سندو
جُڳن بعد جهوميا، ترا، ڪپ، ڪنارا

نہ مومل، نہ سومل، نہ ناتر، نہ راڻو
نہ چانگا، نہ چندن، نہ جوڳي جِيارا

نہ سهڻي، نہ ماڻي، نہ ميهار تڙ تي
اُهو چنبڊ اپ ۾ اُهي ئي تہ تارا

گھٽائُون گُڙن وَر، وڄن وَرَ، وراڪا
پھي پنڌ پنھنجي، پري پر پنارا

ڏري آءُ، نِيرگ، پلي آءُ ڪينجهر
نہ وِينجهر[1]، نہ مارِي، هتي سيڻ سارا

پھي ڪو نہ آيو ڪھي، مند موٽي
ڏڪارا، اهنجن اڙيل ڪاڪ وارا

ڪٽي ڪينَ ڀِھبو، ڪبو پنڌ پورو
چمر چانو، پل پون شرارا، شرارا

نديءَ آرَ اُهري ڪٽي ناوَ نيندي
نہ مانجھي، نہ ڪنڌي، رڳو ڪُنّ ڪارا

هُري هانو تي ٽي جذهن سار ’سائر‘
هِيُون آڳ شعلا، بدن پوھ پارا

[1] وِينجهَر: پاڻيءَ جي پکين کي ڦاسائڻ لئہ سُٽَ جو نھيل ڄارُ

*

سرد ڏيئڙا، سرد ڳوڙها، سرد راتيون، ڇا ڪجي
تون بہ ناهين، مَي بہ ناهي، ڪيئن ڪاٽيون، ڇا ڪجي

ڪُوڪ ڪويل ڪئي ائين پِيڙا اُٿي تي ياد جي
هانءُ ٻَرڪيو، ٿيون اڪيون پو نيٺ آليون، ڇا ڪجي

تون نہ ايندين، تون نہ ايندين، پو بہ ڪارونيار ۾
تو ڪري نيڻن جلايون، ديپ ٻاريون، ڇا ڪجي

تون اچي وئين، وسّ ناهيون: ڏيهہ واسيون، مڇّ پئون
لڙڪ ڳاڙيون، ٿيون ڪٽاريون، پاڻ ماريون، ڇا ڪجي

ڦڙڦڙين ۾ مُنڌ ڊِرڪي، سج پائي ليئڙا
بادلن مان ٿو ڪڍي انءَ سجّ راسيون، ڇا ڪجي

ڇا تہ لمڪو ڏئي ٿلي آ سُندري ڪينجهر ڪنڌي
وائِڙيون هر هنڌ لهريون وات ڳاڙهيون، ڇا ڪجي

ڇا تہ پاهَڻَ هانوَ ڏارن، ڇا تہ پارو، ڇا سفر
پو بہ رڙهندا، گيت چوندا پريت پاريون، ڇا ڪجي

برف ويڙهيل ڏونگَرن تي هنج هن، چانڊاڻ آ
اڄّ سان ٿي اڄّ ٻولي ڇا تہ ٻاٽيون، ڇا ڪجي

آ نہ موهن جي دڙي اڄ ڪو بہ واسي، مُنڊ ڪا
پو بہ ٻولن دَرَ، گهٽيون، گهر، کوهہ، ماڙيون، چا ڪجي

ڪوٽ ٻاهر رام لِيلا [1]، منجهہ سيتائون سڙيون
ڪوٽ اندر ظلم جون ڪيئي ڪهاڻيون، چا ڪجي

ننڍ ويري ايئن ’سائرُ‘ واڳ نيڻن جي جهلي
مان تہ اوتيان سونهن، سپنا ڏينهن، راتيون، چا ڪجي

[1] رام لِيلا: شري رامچندر جي سوپ ۽ لڙائيءَ جي نقل جو ناٽڪ، جو هميشہ اَسوءَ (سال جو ستون مهينو) واري مهيني ۾ انهيءَ يادگيريءَ ۾ ڪيو ويندو آهي. دسهڙي جو ميلو.

*

آس، نراسائيءَ جي سوريءَ دل تڙپي يا ڳائي
ڪجھ سمجھاءِ تہ ڪيئن وچوڙي ۾ ڪو من ٻھلائي

تنھائيءَ جي محفل، يادون، ھُن جا گيت، گمان
دل دنبورو، جيڏو روڪيان، تيڏي تند وڄائي

تون آگم ۾، رم جھم ۾، ڪوٽين ۾، تون منجھ لاٽ
تون ھر ھنڌ آھين، پو دل ڇو ٿي ھِت ھُت واجھائي

ويچ، نہ مڙندين، دل جي دُکَ جو دارون تو ڏي ناھ
مان تہ چريو ھان، پر محفل ۾ ڪو تو کي سمجھائي

موھَ ڪٿوريءَ ٻڪندي ٻڪندي ھرڻ ڪڇيا ٻر، ٻن
ڇا ٻہ ھجي پر ويراني ڪي مِرگھ تہ پيو مھڪائي

پرھ ڦٽي آ، ماڪ وسي ٿي، ٽڏڙي ھير گھلي
پونرو من جي مرلي چوري، نيل ڪمل شرمائي

مِيرا ھئي جا شيام شيام چئي پاڻ ئي شيام ٻڻي[1]
ھاڻي شيام بہ مِيرا مِيرا نانءُ پَيو ورجائي

---

[1] تاريخي حوالي سان شري ڪشن يا شيام مِيرا کان اڳ جو آھي. ھوءَ بعد ۾ پيدا ٿي پر سندس پريم ۾ انءَ ويڙھجي وئي جڻ تہ ھو سندس روحاني ڪانڌ، پريتم ھيو. ھي شعر علامتي آھي. زمان ۽ مڪان جي ترتيب کي ڦيرايو ويو آھي.

هيٺو تن آ ‘سائرُ’ هوش ﺑﮧ هوش نہ آ هِتڙي
چا هيءَ رُڃ تہ ناهي، جيڪا مون کي پئي ڀڪائي

*

مومل راڻي ڪارڻ مندر جاڳي ٿو
هاڻ ٻه ڪاڪ محل جو کنڊر جاڳي ٿو

ڏيهه سمورو سُڃّ، نه ڪوئي واسي آ
وائن، واچوڙن تي در در جاڳي ٿو

آڏيءَ پوريءَ نگريءَ نيڻن ننڊ وسي
ڪنهن جي يادن ۾ هڪڙو گهر جاڳي ٿو

تنهنجي خوشبوءَ جي لئہ ڪمرو ڪِنجهي ٿو
چادر گهُنج، سِراڻو، بستر جاڳي ٿو

ناهي جام تماچي چو موٽيو تڙ تي
نوريءَ نِينهن، نماڻو ڪينجهر جاڳي ٿو

چنڊ اُپيو آڪاسَ اُجالو اوتي ٿو
ماڻي ليٽن جهر مر ساگر جاڳي ٿو

گهيڙ گهڙي پئو، جيوَن پل ڪوهيڙو تي
ها پر سُڪ ڪان پهرين گوندر جاڳي ٿو

ڪومل هيرن هار وِنڊڻ جي چنتا ۾
سياري رُت رڻ ۾ هڪ وِينجهر جاڳي ٿو

آشا، جڏهين مِينهڙ ور چانگاريندا
ويرو تار اُڪنديو تر بر جاڳي ٿو

’سائرُ ڪنءَ سپنن جي جهوُلي ۾ جهوُلي
ڪِلڪَ ٻہ جاڳي، پر ۾ ڪاڳر جاڳي ٿو

*

جيءَ جيارا، آءُ تڙ
ڏِس ته ڪومايو ڪنول
ڏِس ته مڪڙي وئي سڪي
ڏِس ته وڻ جي ڏار ۾
وڏّ ڪيڏا ويا لڳي
پنّ، پالر ويا ڏٽي
ڏِس ته ٻيڙي لُڙ لڙي
ڪنّ اندر وئي گهڙي
هڪ گهڙو ويو سِير ۾
ٻيو گهڙو، ڏس، ويو پُري
هيڪ سورج گل ڪڙيو
ڏِس ته ٻيو هٽ ويو ڇٽي
جيءَ جيارا، آءُ تڙ
ڪجھ ته ڪر، ها ڪجھ ته ڪر
زندگي آ مختصر

*

تون انبر جو اجرو تارو
مان ڌرتيءَ جو پنڇي پيارو
تنهنجو منهنجو ڪهڙو ناتو
تون ڪر تِم تِم ڏور گگن ۾
مان ڌرتيءَ تي پنک پکيڙيان
تو لئہ آ آڪاس سمورو
مون لئہ ڌرتي ڪافي آهي

*

اجا تاءِ منزل نہ آئي، نہ آئي
مگر ڪونج اپ ۾ اُهائي، اُهائي

نہ ڪو مور رڻ ۾، نہ جهونگار ڪائي
اويري اويري ڪٿان گونج آئي

الا، جهنگ جنءَ آڳ مَنَ کي وڪوڙي
نہ ئي ڪنهن لڳائي، نہ ئي ڪنهن اُجهائي

اجا تاءِ اوڻِي نہ موتيو، نہ موتيو
اجا تاءِ مومل نہ دلڙي وِسائي

ڪئي ڪوڪ ڪويل، ڏکيو روجھ رڻ ۾
اجا تاءِ ڪڪري نہ چانئي، نہ چانئي

دريءَ آھ سُرندو اَسارو اَسارو
چِڳِي تند ڪائي نہ ئي ڪنهن وڄائي

الا، اون ۾ مُنڌ انگل، نہ ماٽا
نہ مُنڊي، نہ چلڙو، نہ ڪنگڻ ڪرائي

اِجهو، اوٽ مان چنڊ ايريو ڪڪر جي
اِجها پيرويءَ ۾ لنوي رات وائي

چڙِي مَي تہ ’سائرُ‘ مگر تون تہ ساقي
الاءِ اوتِ پيو مَي سدا جنءَ سوائي

*

ٻيڙيون، ٻيڙا ڪيتِي بندر نارُن مان ائن تا اُهرن،
جڻ تہ سڙهن پهريون ڀيرو ايڏو واءُ، ايڏو جَرُ ڏٺو هجي!
اي ٻيڙي وارا! لڳي ٿو تہ تون نہ، ٻيڙو پيو توکي هلائي!
ڏِس تہ ٻيڙي توکي ڪٿان آجو ڪيو آهي
سڙه اُتِڻيءَ ۾ ڪرڻ[1] ڪان!
تنهنجي ٻيڙي جو ڪوهو، ان جي سڙه جون سِڪيون[2]،
اولن جون اَٽيون[3]، لاچوبَندَ[4]، پِنجَر[5]، سُڪاڻ[6]، ڏَجائون،
سڀ تُنهنجي وس ڪان نڪتل تا لڳن!
اُجرو اُجرو سمنڊ، لهريون، ليٿ، نارون، ٻيٽ،
ننڍيون، وڏيون مڇيون، ڏور تُڙڳندڙ ٻالڪ،
وائن تي ٻانئتين جا وڙڪا،
ڏورانهن ٻيٽن جا لُڙاٽيل نشان،
اوڏڙن ٻيٽن تي اُجرا هنج، ڪونجون، ٻَگها؛
جهونگارون، چانگهارون، ٻوليون، ٻُڻ ٻُڻ؛
مٿان وري ڪيتي بندر جي ملاح جي منڙي آواز ۾

[1] سڙه اُتڻيءَ ۾ ڪرڻ: ٻيڙيءَ کي اهڙي طرح ڦيرائڻ جو واءُ ڪُوهي (ڪاٺيءَ جو ڊگهو چڙه، جنهن تي سڙه پڪڙي بيهي) جي ٻين پاسن ڪان اچي سِڙه ۾ پوي.
[2] سڙه جون سڪيون: (ٻيڙيءَ جو اصطلاح) ننڍين رَسَن مان هڪڙو رسو، جيڪو ويڙه ۾ واڌ کي ٻَڌجي.
[3] اولي جون اٽيون: (اولي جي اٽي) ٻيڙيءَ جي وَنجهہَ جي ڪُندَ يا ڇُهنبَ.
[4] لاچوبند: ٻيڙيءَ جو رسو
[5] پنجر: ڪوهي جي چوٽيءَ وٽ پنجري مثل ويهڪ جي جاءِ، جتي پانجري ويهي. پانجري پنجر تي ويهڪ ڪري ۽ پري پري تائين پاڻيءَ ۾ مڇي وغيره ڏسي ۽ هيٺين کي ٻُڌائي.
[6] سُڪاڻُ: ٻيڙيءَ پويان اُڀو تختو جنهن کي ورائڻ سان ٻيڙيءَ جو رُخ بدلائجي؛ ٻيڙيءَ جو اسٽيئرنگ.

منهنجو گيت: "ڏُور لُڙهي ويو ونجهه، او مانجهي!
سِيرن اُهري ناوَ، ڪنيا ٿي هانوَ، الا، چو پاوَ!؟
هليو هل لهرين سين!"
زندگي سونهن جو اٽڇهيل اهڃاڻ ٿي سُجهي؛
مرڪن ۾ مهراڻ ٿي سُجهي؛
سنڌ جي ڳيچن جو مانڊاڻ ٿي سُجهي!
اي ٻيڙي وارا! ڏِس!
ڏينهن جي ڏياٽيءَ ڪي اجهائيندي اجهائيندي،
سج جي ڪَنِي ٻه سمنڊ جي ڪک ۾ گهڙندي ٿي وڃي؛
هوري هوري انڌيري جي ڦوڪٽي ۾ هوا پرجندي ٿي وڃي ٻي پرهه
ڦٽيءَ سج جي ڪرڻن جي سُئڙين سان ڦاٽڻ لئه!
هي نٿيڙا نٿيڙا ٻيٺ، پوري پاڪر ۾ پرجڻ ڪان پهرين،
ڪوهيڙي جي آڳرين ۾ پربا ٿا وڃن!
انهن ٻيٽن تي وِيرُن ڪري
پاٽي ڪجهه ويرم بيهي، ور لهيو وڃي؛
اهي ننڍڙا ننڍڙا ٻيٺ ليٽن ڪان لنوائين ٿا،
ائين اهي آڪاس جي ڏيئڙن وانگي ٿا لڳن،
جيڪي پنهنجي وجود جو احساس ڏيارڻ لئه
ڪڪريءَ ڪڪريءَ ڪي جهِٽڪن ٿا!
نه ئي اهي تارڙا ڪڪريءَ ڪڪريءَ ڪان آجا آهن،
نه ئي هي ٻيٽ سمنڊ جي وِير وِير ڪان!
هُو جو لُڙ ۾، پرئين ٻيٽ تي هڪ سَگُ باهوڙون پيوڪري،
باهي باهي ماندو ٿي پيو آهي؛
آواز ائن پيو نڪريس،
جيئن ٻيڙي جي سُڪاڻ ڪي موڙڻ تي چيڪاٽ نڪريو وايومنڊل ۾
اَلُوپ ٿيو وڃي!

ڇا چيئي، ٻيڙي وارا؟ “اهو ماڙِي سَگُ آهي؟”
پر مون کي ته اهو ٻيٽ ماڙِي ٿو لڳي!
هي ٻُلهٽيون پاڻ سان گڏ ٽُڙڳنديون، ٽبيون هٽنديون وتن،
ڪيڏيون نه اُجاريون ٿيون لڳن،
ٺيڪ تنهنجي ٻيڙي وانگي!
اڳتي اٿاهه سمونڊ آهي، اٿاهه جيوت لئه،
هنن اُجايل ٻُلهٽين لئه،
تُنهنجي ٻيڙي جي اُساٽَ لئه،
اسان مسافرن جي اُجهاڳَ لئه،
۽ پوئتان ڪيٽيءَ بندر جي سانجهيءَ جي ونگ ۾،
پتڪڙيون زندگيون
سمهن به پيون، جاڳن به پيون!

*

سُهڻي، آرسيءَ ۾ تون پاڻ ڏسي شرمائين
جوين پل ڪن تائين
ڏوئي لڳ لڳ، وار تون سندوءَ تي مهڪائين
جوين پل ڪن تائين
ڏک جي چوليءَ تي پئي سک جو پرت پرائين
جوين پل ڪن تائين
چومک جيئڙو تو ٻُري، اهڙي تند ٻُرائين
جوين پل ڪن تائين
جِيوَن ڍانديو ٿانءُ آ، سپنا پو ٻه ٽه نائين
جوين پل ڪن تائين
ڪيتر اونداهو وَسي پوپاڙيءَ پو، سائين
جوين پل ڪن تائين
موڪِي، ماٺي ڏي هٿي، پياليءَ چا تون پائين
جوين پل ڪن تائين
ڪِينَر چوري چو نہ، ڙي، پنيت تون پڙڪائين
جوين پل ڪن تائين
چارڻ، سنڌڙيءَ راڳ ۾ پل پل جندڙيءَ ڳائين
جوين پل ڪن تائين
لفظ تہ تو لئہ ٿيا لڳهہ ۾ تون پاڇا ڪائين
جوين پل ڪن تائين
پانڌي، منزل آ پري، لنئون تون رستن لائين
جوين پل ڪن تائين

ڪُوڪي ڪُوڪي ڪارڙا، چمرن ڦَتين، گھائين
جوين پل ڪن تائين
اھڙي منڙي تانَ ۾، وقت پَيو بھڪائين
جوين پل ڪن تائين
چو ته چِلي آ ڪِلڪ تو، ڪنھن، چا، چو ورنائين
جوين پل ڪن تائين
رھندا سنڌوءَ ڪَپّ ڪنءَ اِنءَ آريج سدائين
جوين پل ڪن تائين
ھن ته ڪئي آ جاڙ پر تون بہ ته ڪو نہ گھٽائين
جوين پل ڪن تائين
سمجھي، پرجھي جندڙيءَ، ھاٽي تون سمجھائين؟
جوين پل ڪن تائين
تاڙا تو جنءَ تانگھ ۾، تن تون چو نہ اُڏائين
جوين پل ڪن تائين

*

وري واءَ ساڳيا نماڻا، نماڻا
رُئي ڪاڳَ، مومل، هلي آءُ، راڻا

وري مند موٽي اڌوري اڌوري
وري گهاوَ اٿليا پراڻا، پراڻا

وري درد، يادون، وري لُڙڪَ، آهون
نہ مُرڪون، نہ مُشڪون، نہ ٽاٽا، نہ ماٽا

وري وار اٽيا، وري نيڻ آلا
وري ٻَلّ، چپڙا ڪُماڻا، ڪُماڻا

نہ سسئي نہ آري نہ پنيور پُڻ پُڻ
نہ تڙ آ نہ نارِ[1] آ نہ پُنگيون نہ پاڻا

نہ چيليون نہ ٻيريون نہ ڪَبرون نہ ڳيريون
نہ نارُ[2] آ نہ نارِي[3] نہ سرتيون اباڻا

[1] نارِ (جمع: نارُون): پاڻيءَ جي نارِ، پاڻيءَ جو اهو حصو جيڪو ٽن پاسن کان سُڪي زمين سان گهيريل هوندو آهي، هڪ حصو پاڻيءَ جي مُک وَهہَ سان، جيئن ايراني نار، ڪيٽي بندر جون نارُون يا پنيور جي پراٽي ماڳ جي نارِ جنهن ذريعي پنيور تي غوراب لنگرانداز ٿيندا هُيا.

[2] نارُ (جمع: نارَ): ڳري هُرلي جو هڪ قسم

[3] نارِي: نار (هُرلي) ۾ وهندڙ اُٺُ يا ڍڳو، نار وارو، نارُ هلائيندڙ

الا، ميندرو ويو تہ مومل بہ ناهي
الا، ڪاڪ آتڻ اجهاٽا اجهاٽا

ڳَري ٿو مَيو[1] ڏنجهہ ۾ واٽ اڪيلو
نہ اوٺي نہ ساڳا[2] نہ چندن نہ لاٽا

اياٽا اياٽا مسافر رمِي پيا
مگر هاءِ موٽيا اياٽا اياٽا

محبّت تہ وِينجهر جَڙي منجهہ مالها
ڇِڄو هار، جذبا بہ ٽيا نيٺ داٽا

وري ڍِنڍي ’سائرُ‘ آساري آساري
پڪي منڊ وارا اڏاٽام اڏاٽا

1 مَيو: اُٺُ، ڏاگهہ
2 ساڳو (جمع: ساڳا): اُٺَن جي قطار، اُٺن جو ساٿُ، اُٺن جو وَڳُ، اُٺَن جو گَلو

*

هِي پڙاڏا، ٻُڌ، پروهِت، گهنڊ ڪوئي آ گُڙيو
ڪئين ايامن پوءِ من ڏي سَنتُ ڪوئي آ وريو

چير جي چَم چَم نہ ٿِي، ٿيا جڻ وراڪا وڄّ جا
ٿي ڏُڏي ڏرتي دڙي جي، هاڻ سمبارا جهليو

منت جو ڪانتو لڏيو پئي، مند موٽي، پئي لڏيو
وقت هڪڙيءَ سوچ ۾ بيٺو رهيو، بيٺو رهيو

آهِ هيءَ آلاپ ڇا جو رڻ مٿي هن رڃّ ۾
يا تہ ڏڙڪي آهہ دل يا رڻ اجل جو راڳ ٿيو

ڪيڏ جِيوَن جا ڪٿيا ڪئين، پوءِ بہ رڳ رڳ تاس آ
رنگ هو جو راند ۾، سو سوپ ۾ ويندو رهيو

سَين سڻ ’سائرُ‘ لڳائي ڪنهن هٿي پوئين پهر
يا تہ دل آ، يا تہ واٺهڙو هٿي آهي پليو

*

ورهه دل جو ديپ تنهنجي پيار ۾ ٻرندو رهيو
جوت هاريندو رهيو، جلندو رهيو، ڳرندو رهيو

عشق جي اوڙاهه ۾ ويني لُڙهيو ڪنهن ونجهه جان
مهل ڪا ترندو رهيو، مهلون ڪئين ٻڏندو رهيو

تون نہ آئين، رت رني تي رات تنهنجي روڳ ۾
چنڊ ٽڪرا تي سڄي ڌرتيءَ مٿي ڪرندو رهيو

انءَ لَڙيون راسيون[1] سڌيون ڪڪرن منجهان ڌرتيءَ مٿي
جڻ تہ سج ڪڪريون جهلي، لِيئا وجهي، ڏسندو رهيو

مون تو اوتيو راڳ من جو انءَ سمئہ جي ساهہ ۾
چوڦُڪو سُرندي جِيان جُهرندو رهيو، وڄندو رهيو

مرگهہ ٻڪندو ويو ائين، تي ڏوڙ اڏري راهہ تي
ڪانَ سانڍي پو تہ ماري ڪيس بس ڏسندو رهيو

جيستائين واڳ ’سائر‘ ڪانہ واري مينڌري
تيستائين هانءُ مومل جو، الا، ڇڄندو رهيو

[1] راسي (راسيون): سج جا تندن مثل سڌا ڪرڻا جيڪي سانوڻ جي جهڙ ۾، وچينءَ ويل، ڌرتيءَ طرف لڙن. فقط جڏهن ڪڪر هوندا تڏهن راسيون ڏسڻ ۾ اينديون. راسيون سج جي ڪنار مان جڻ ڪي نڪتل روشن ڏورون جيڪي هيٺ ويندي زمين تائين لاڙيل: اهو لقاءُ رڳو وچينءَ ويل ڏسڻ ۾ ايندو. هڪ ٻيءَ معنيٰ مطابق: سج لهڻ کان ٿورو اڳ سج جي ڳاڙهن سڌن ڪرڻن کي راسيون چئبو آهي "ويو سج وڻن تان، راسيون رتائين" (لطيف)

*

موڪِي ،[1] مَڌ جي ماٽين مان
نيٽن جي پُر پيالين مان
اوتيندي وچ جام
آتم اُڄّ مدام

جيءَ شراراء شَرَرَ هٽي
سُرندي جو هر سَنڌ ڪٽي
تَندَ تپاءِ تمام
آتم اُڄّ مدام

سِيتا سارُن سوريءَ تي
هاڻ ڪپيندڙ دوريءَ تي
رتَّ تي روئي، رام
آتم اُڄّ مدام

چٽڳ چڪائي ڏياتيءَ ڪي
ڏئي هن وِسندڙ پُنگيءَ ڪي
اوجَرُ[2] ؛ ڪو وِسرام
آتم اُڄّ مدام

1 موڪي: شراب چڪائيندڙ، ڪلال
2 اوجَرُ: روشني، سوجهرو

من مستيءَ جي مرليءَ ۾
آروهيءَ، امروهيءَ[1] ۾
سر سر جو سنگرام[2]
آتم اُڄّ مدام

ڏات، ائين ئي ڪڪرن مان
ڳوتا جي وچ وچ اندران
اوڄ ئي اوڄ اڏام
آتم اُڄّ مدام

موڪِي، مڌ جي ماٽين مان
نيڻن جي پُر پيالين مان
اوتيندي وچ جام
آتم اُڄّ مدام

[1] آروهي، امروهي: موسيقيءَ ۾ سرگم جو سَمَ کان مٿي وڃڻ، جيئن "سا ري گا ما پا ڌا ني سا" (آروهي) ۽ واپس سَمَ تي لهڻ، جيئن "سا ني ڌا پا ما گا ري سا" (امروهي)
[2] سنگرام: لڙائي، جنگ، يُڌ

مزمل سائر جو هيءُ دستخط مون وٽ پهتو آهي، پڙهان وينو. عجب ٿو لڳي سنڌ ۾ اهڙا بيت، ان شاهه سائينءَ واري ويس وڳي ۾، اڄ به لکيا ٿا وڃن، اُهائي نياز نوڙت واري ٻولي، اُهو ئي لهجو! هونئن سنڌ ۾، سنڌي ٻوليءَ جو مهاندو ته اڄ ڪلهه اردوءَ وارو ٿيندو ويو آهي. بيت ڏسو:

تو بن، راڻا، ڪئن ڪري، مومل چانگارا
هوءَ جڻ رڻ جي راڄ ۾، ڪا وچڙيل ڏارا
ڪونهي تنهنجو ڪو پتو، پوءِ پڻ آسارا
ڪاڪ محل وارا، تو لئہ تڙپن؛ آءُ ڙي

مون کي ته چُپُ لڳي ويئي آهي، ”پوءِ پڻ آسارا“ ۾ ڪيڏي تانگهه آهي. پوئين پد ۾ پويان لفظ، ”آءُ ڙي!“ ڪيڏيءَ محبت وارو ڏورا پو آهي. ڇا اهڙي ٻولي سنڌ ۾ اڄ به پسند ڪئي ٿي وڃي، پڙهندڙ پڙهن ٿا، پوءِ ته سنڌ سياڳي آهي، سندس ٻچڙا اڄ به سندس پوتيءَ ۾ پلجن ٿا.

**ارجن حاسد**

پورنماسيءَ ۾ ڪارونجهَرَ چوٽيءَ ليٽي ’سائر‘
سنڌ انگيءَ تي مان تارن ڪان پرت پرايان وينو

- پورنماسي، ڪارونجهر جي چوٽيءَ تي ليٽي، سنڌ انگيءَ تي تارن کان پرت پرائڻ - هڪ اَڇُهيو خيال آهي. اها پوسٽ ماڊِن غزل جي روپ ريکا آهي... غزل جي هن لچالت واري دور ۾ ’سائر‘ غزل جي لڄ رکي آهي... ’سائر‘ وٽ پنهنجو شبد - ڀنڊار آهي. هن جو لهجو (ڊڪشن) نيارو آهي... ’سائر‘ وٽ ڪلاسڪ (بيت، وائي)، روايت (غزل) ۽ جدت (نظم)، ٽنهي ڌارائن جو سنگم آهي... سچ ته اهو آهي ته ’سائر‘ جي شاعري پڙهي سُر، سُونهن ۽ شاعريءَ ۾ ويساهه جاڳي ٿو.

**امداد حسيني**



## سائر – سُرءِ

# سونهن جو شاعر

جنهن انسان جي خواب ڪيتر ۾ ڪٽوريءَ جا ڪيپ هجن، نيڻن ۾ تر ٻاٻيهي جهڙي اڃ هجي، جيڪو دل جي جهوپي ۾ عشق جو ڏيئو ٻاري ورهه وٽڻ جي ڳالهه ڪري، جيڪو ذات جي چڳ چڳ چوڙي وقت ورائڻ لئہ آتو هجي، جنهن ڪي واءَ وڙهڻ، گل ڇٽڻ، ڪيت سڙڻ، پير ڏڪڻ، لڱ ٿرڻ، لڙڪ لڙڻ، ڪوٽ ڊهڻ، خواب رسڻ، مور مرڻ ۽ اجرڪ جا رنگ ڦٽڻ جو احساس هجي، جنهن جي دل ڪنهن جهوني پنساريءَ جيان آسن جا وکر ڪٽي هر درد جي درمان لئہ سنڌ جي گهٽي گهٽي گهمي، جيڪو سنڌ ڌرتيءَ جي سينڌ ۾ مرڪن جو سندور ڏسڻ گهري، ٻاٽ جي ماٺار ۾ اميدن جا ڪرٽا چٽڻ گهري، جنهن جي تخليق جڻ تہ سنڌوءَ جي ڪا وڇڙيل ڌارا لڳي، انهيءَ شخص حيدرآباد جي تاريخي پرڳڻي ۾ پتڪڙا پير پاتا، هٽڙيءَ ڳوٺ جي پٽن تي لاٽون ۽ هوائن ۾ لغڙ اڏايا ۽ پرائمري تعليم بہ اتان ئي حاصل ڪئي. ميٽرڪ ۽ انٽرميڊيٽ حيدرآباد، ايم اي انگريزي ادب سنڌ يونيورسٽي، ايم ايس سي مينيجمينٽ، سَري يونيورسٽي، انگلينڊ مان ڪئي. تخليق جي تہ تند سندس دل جي دنبوري ۾ ازل کان

آهي. پڙهن پڙهائڻ سان عملي زندگيءَ جي شروعات انهيءَ تخليق جو تسلسل آهي. ان کان علاوه هن ڪافي گهميو آهي: شهر، ملڪ، تهذيبون، تاريخي ماڳ؛ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کي محسوس ڪيو آهي؛ پراڻي يوناني ۽ رومي ادب کان ويندي، روسي، فرانسيسي، جرمن، فارسي، هندوستاني، بنگالي، چيني، آمريڪي ۽ يونائيٽڊ ڪنگڊم (برطانيه) جي ادب تائين هن نينهن سان سفر ڪيو آهي.

مزمل سائرهڪ باشعور انسان ۽ هڪ بيمثال شاعر آهي. 2011 ۾ سندس انگريزي شاعريءَ جو مجموعو "سائلنس آو د پيانو سنگز" انگلينڊ مان ڇپيو هئو، جنهن جي مهورت آڪسفورڊ يونيورسٽي جي پيمبروڪ ڪاليج ۾ ٿي هئي، جتي هن "شاعريءَ جي ارتقا" تي هڪ ليڪچر پڻ ڏنو هئو.

سائر جي پنهنجي هڪ ويبسائٽ (بلاگ) پڻ آهي، جنهن جو نالو آهي:

*http://www.msyre.com (I HAVE POURED MY WINE)*

**عامر لطيف صديقي**